نبي سڳوري ﷺ جن چيو تہ:

اَنْتَ وَاَنَا مَاسِوٰى ذٰلِكَ بَرَكْتُهَالِاَجْلِكَ

[تون، آءٌ ۽ مون کان سواءِ جيڪي بہ شيون آهن، اهي سڀ تنهنجون برڪتون آهن.]

چون تہ خاتون جنت فاطمه زهرا رضي الله عنها پڇيو تہ (بابا سائين!) الله تعالي انهيءَ رات توهان کي ڇا فرمايو؟ فرمايائون تہ آواز آيو تہ اي محمد! آءٌ پنهنجن ٻانهن جي روزيءَ جو ذميوار آهيان، پر تنهنجي امت ان کان خوش نہ آهي ۽ دوزخ پنهنجن دشمن لاءِ خلقي اٿم (پر مسلمان بہ) کوشش ڪن تہ تہ منجهس ڪرن ۽ آءٌ انهن کان سندن عمل طلب ٿو ڪريان ۽ اهي روزي طلب ٿا ڪن، حالانڪ روزي، رزق جيڪو انهن لاءِ مون مقرر ڪيو آهي، سو ڪنهن ٻئي کي نٿو ڏيان. مون کان سواءِ ٻين جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪن ٿا، حالانڪ غالب ۽ ڪارساز آءٌ آهيان. مون کان سواءِ ٻين کان اميد رکن ٿا ۽ خوف ڪن ٿا، حالانڪ آءٌ انهن تي نعمتن جي پالوٽ ڪندو رهان ٿو، پر اهي شڪر ٻين جو ڪن ٿا.

ڪي چون ٿا تہ ان کان سواءِ هڪ نعمت الله تعالي اها عطا فرمائي تہ نبي ڪريم ﷺ جن کان اڳ ٻين نبين تي ۽ امت مسلمه کان اڳ ٻين امتن تي بهشت حرام آهي. پڻ الله تعالي ارشاد فرمايو تہ اي محمد! تنهنجي امت منهنجي اطاعت بہ ڪندي ۽ منهنجي معصيت ۽ نافرماني بہ ڪندي. سندن اطاعت ڪرڻ منهنجي رضا ۽ سندن نافرماني ڪرڻ منهنجي قضا آهي. اهي منهنجي رضامنديءَ جا جيڪي ڪم ڪندا، انهن ۾ جيڪڏهن ڪا ڪوتاهي ۽ ڪمي رهجي ويندي، تڏهن بہ انهن عملن کي قبول ڪندس، ڇاڪاڻ تہ آءٌ ڪريم آهيان ۽ منهنجي قضا جي ڪري، جيڪي گناه انهن کان ٿيندا، سي ڪين معاف ڪندس، جو آءٌ بخشڻهار آهيان ۽ چيو ويو آهي تہ:

اَوْحَى اللّٰهُ تَعَالٰى لَا تَكُنْ آنِسًا مِنَ الْخَلْقِ فَلَيْسَ بِاَيْدِيهِمْ شَيْئًا وَاجْعَلْ صُحْبَتَكَ مَعِيَ فَاِنَّ مَرْجِعَكَ اِلَيَّ وَلَا تَجْعَلْ قَلْبَكَ مُتَعَلِّقًا بِالدُّنْيَا فَمَا خَلَقْتُكَ لَهَا

www.maktabah.org

[الله تعالي وحي ڪئي ته مخلوق سان اُنس ۽ محبت نه رک، چاڪاڻ ته انهن جي هٿ ۾ ڪجھ به نه آهي. پاڻ مون کي ساڻ ڪر، چاڪاڻ ته توکي آخرڪار مون ڏانهن موٽي اچڻو آهي، يعني الله جي ذڪر جو اهتمام ڪر ۽ پنهنجي دل دنيا ۾ نه اٽڪاءِ، چاڪاڻ ته توکي انهيءَ مقصد لاءِ پيدا نه ڪيو ويو آهي.]

پاڻ ڪريمن ﷺ جو ارشاد آهي ته جڏهن آءٌ عرش وٽ پهتس ۽ ان جو شان ڏٺم ته مون کي خوف وٺي ويو. اتان هڪ قطرو ٽپڪيو مون پنهنجو منهن کوليو، قطرو اندر ويو. الله جو قسم! ان کان مٿي شيءِ اڄ تائين ڪنهن نه چکي آهي. ان جي برڪت سان مون کي اولين ۽ آخرين جو علم حاصل ٿيو ۽ منهنجي زبان تي الله تعالي جي عظمت ۽ هيبت جي ڪري، جيڪا خوف جي ڪيفيت هئي، سا ختم ٿي وئي ۽ زبان جاري ٿي وئي. پوءِ فرمايائين ته الله تعالي جي ساراه بيان ڪر. منهنجي زبان تي الهام جاري ٿيو ته:

اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ اَلْمُبَارَكَاتُ وَالصَّلَوَاتُ

[سموريون برڪت پريون لساني ۽ بدني عبادتون الله لاءِ آهن.]

الله تعالي فرمايو ته:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ

[اي نبي! توتي سلامتي هجي ۽ الله جي رحمت ۽ سندس برڪت هجي.]

مون چيو ته:

اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ الصَّالِحِيْنَ

[سلامتي هجي اسان تي به ۽ الله جي صالح ٻانهن تي به.]

انهيءَ وقت فرشتن فرمايو ته:

اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ

[آءٌ شاهدي ڏيان ٿو ته الله کان سواءِ کو معبود نه آهي ۽ محمد ان جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي.]

پوءِ چيم ته:

www.maktabah.org

رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهِ [1]

[اي رب اسان جا! جنهن کم جي اسان جي اندر سگهه نه آهي، انهيءَ جو بار اسان تي نه وجهه.]

جواب آيو ته جيڪي تو چاهيو سو اسان عطا ڪيو. اڳين وانگر توهان تي بار نٿا وجهون. جيئن انهيءَ مضمون کي قرآن مجيد ۾ هيئن بيان ڪيو ويو آهي:

وَمَا جَعَلَ عَلَيْكُمْ فِي الدِّينِ مِنْ حَرَجٍ [2]

[۽ الله تعالي توهان تي دين ۾ ڪا تنگي نه رکي آهي.]

هڪ روايت ۾ آهي ته خطاب ٿيو ته اي محمد ﷺ! اڳين امتن جي حالات ۽ واقعات جي تفصيل طلب ڪر. پاڻ سڳورن گذريل قومن جي احوال جو تفصيل پڇيو پوءِ جيڪي پڇيائون، ان کان بہ وڌيڪ کين عطا ڪيو ويو. جنهن جو تفصيل هن ڪتاب ۾ ڏئي نٿو سگهجي. پاڻ سڳورن فرمايو ته مون چيو ته:

رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهِ [1]

[اي اسان جا رب! جيڪا طاقت اسان ۾ نه آهي اهو بار اسان تي نه رک.]

ارشاد ٿيو ته ائين ئي ڪيم. وڌيڪ جيڪي چاهين ٿو سو گهر ته عنايت ڪريان. مون وڌيڪ عرض ڪيو ته:

وَاعْفُ عَنَّا وَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا

[اسان کي معاف ڪر، اسان کي بخش ۽ اسان تي رحم ڪر.]

ڪي علماءَ چون ٿا ته الله جي رسول ﷺ ٽي شيون طلب فرمايون: ۱- عفو ۽ معافي ۲- مغفرت ۽ بخشش ۳- (امت لاءِ) رحمت، ڇاڪاڻ ته هن امت مرحومه کان اڳ مختلف قومن کي مختلف عذابن سان هلاڪ ڪيو ويو. ڪنهن کي زمين ۾ غرق ڪيو ويو، جيئن قارون ۽

(1) سورة البقرة آيت : ٢٨٦

(2) سورة الحج آيت: ٧٨

(1) سورة البقرة آيت : ٢٨٦

www.maktabah.org

ان جي ساڻين کي، جنهن جي باري ۾ قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو:

وَخَسَفْنَا بِهٖ وَبِدَارِهِ الْاَرْضَ (2)

[۽ اسان کيس ۽ سندس گهر کي زمين ۾ غرق ڪري ڇڏيو.]

ڪنهن کي پٿرن سان ڇڪي ناس ڪيو ويو. جيئن حضرت لوط عليه السلام جي قوم جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهَا حِجَارَةً مِّنْ سِجِّيْلٍ (3)

[۽ مٿن پڪل مٽيءَ جي پٿرن (يعني سروڻن) جو وسکارو ڪيوسون.]

نبي ﷺ پنهنجي امت جي باري ۾ انهن ٻنهي قسم جي عذابن کان گهڻو خوف ڪندا هئا ته متان منهنجي امت انهن مان ڪنهن عذاب سان هلاڪ ٿئي. انهيءَ ڪري دعا ڪيائين ته: وَاعْفُ عَنَّا. ۽ اسان کي بخش. يعني زمين ۾ غرق نه ڪر وَاغْفِرْلَنَا ۽ اسان جي مغفرت ڪر. يعني منهنجي امت جي ماڻهن جون شڪليون نه مٽاءِ وَارْحَمْنَا ۽ اسان تي رحم فرماءِ. يعني پٿر ڇڪي انهن کي نه مار.

پاڻ سڳورا فرمائين ٿا ته ان کان پوءِ رات ڏينهن ۾ پنجاه نمازون فرض ٿيون. هڪ روايت مطابق انهيءَ رات نبي ﷺ جن ستن آسمانن تي فرشتن کي عبادت ڪندي ڏٺو. ڪي تڪبير يعني اَللّٰهُ اَكْبَرُ پڙهي رهيا هئا. ڪي تسبيح يعني سُبْحَانَ اللّٰهِ پڙهي رهيا هئا. ڪي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ پڙهي رهيا هئا. جڏهن پنجاه وقت نماز فرض ٿي ته آواز آيو ته اي محمد ﷺ! جيڪا نماز توهان تي فرض ڪئي اٿم. ان ۾ فرشتن جي عبادت جا سڀ طريقا موجود آهن يعني قيام ڪرڻ، رڪوع ڪرڻ، سجدو ڪرڻ، التحيات پڙهڻ ۽ قرائت ڪرڻ، تسبيحات يعني اَللّٰهُ اَكْبَرُ سُبْحَانَ اللّٰهِ ۽ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو پڙهڻ (1)

---

(2) سورة القصص آيت : ٨١

(3) سورة هود آيت : ٨٢

(1) حديث جا لفظ آهن ته پهرئين آسمان وارا فرشتا سجدي جي حالت ۾ هيءَ تسبيح پڙهي رهيا آهن: سبحان ذي الملک والملكوت. ٻئي آسمان وارا رڪوع جي حالت ۾ هيءَ تسبيح پڙهي رهيا آهن: سبحان ذي العزة والجبروت. ٽئين آسمان وارا قيام جي حالت ۾ هيءَ تسبيح پڙهي رهيا آهن:سبحان ذي الحي الذي لايموت ۽ قيامت تائين هميشه انهيءَ حالت ۾ رهندا: (ابن جرير

www.maktabah.org

پوءِ جيڪو اها عبادت ڪندو تنهن کي انهن سيني فرشتن جي عبادت جو اجر ملندو. پاڻ سڳورا وڌيڪ فرمائين ٿا تہ ڏٺيءَ جي دربار مان نماز جي سوکڙي وٺي واپس جبرئيل امين وٽ پهتس تہ انهيءَ بشارت ۽ مبارکباد ڏيندي چيو تہ اي محمد ﷺ! بيشڪ توهان الله تعاليٰ جي مخلوق مان سڀ کان وڌيڪ پيارا، چونڊيل ۽ افضل آهيو. اهو مرتبو ۽ مانُ اڄ تائين ڪنهن کي حاصل نہ ٿيو آهي. نہ ڪنهن مقرب فرشتي کي ۽ نہ ڪنهن نبي مرسل کي. الله تعاليٰ جي انهيءَ نعمت جو شڪر ادا فرمايو. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ شڪر ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو. مون الله تعاليٰ جي ساراه ۽ تعريف ڪئي. پوءِ جبرئيل امين عليه السلام مون کي جنت ۾ وٺي ويو.

ان جا مختلف درجا، مختلف منزلون ۽ مختلف باغ ڏيکاريائين، جتي محلات، حورون، غلمان ۽ سهٽا، سباجهڙا، سيبتا ٻار، وڻ ٽڻ، ميوا، گل ڦل، نهرون، حوض حد حساب کان گهٽا هئا. اتي عزت ۽ شرف بہ ڏٺم. الله جو قسم! جنت جي محلات، مڪانن، ماڙين ۽ تنبن کي ائين ڇاڻان ٿو جيئن هن مسجد کي ڇاڻان ٿو. پڙ پاڻ سڳورن پنهنجي هڪ فرمان ۾ فرمايو آهي تہ بهشت ۾ اڪثريت فقير، مسڪين ۽ محتاج قسم جي ماڻهن جي هوندي ۽ دوزخ ۾ اڪثريت عورتن، متڪبر ۽ ظالم قسم جي ماڻهن جي هوندي.[1]

٢١٠ج١- حلية الاولياء ص٢٧٧ج٤) ۽ ڪي هي تسبيح پڙهن ٿا: سبحانک لا اله الا انت (العظمة ص٧٩٠ج٢) الغرض اهڙيءَ طرح هر آسمان تي مختلف فرشتا، جڏهن کان پيدا ٿيا آهن، مختلف طريقن سان الله جي تسبيح ۽ عبادت ۾ مشغول آهن. تانجو جڏهن قيامت قائم ٿيندي تہ انهي عرض ڪندا تہ يا الله! ساراه تنهنجي لاءِ آهي، تنهنجي عبادت جو جيترو حق آهي، سو اسان کان ادا ٿي نہ سگهيو: (مجمع الزوائد ص٣١٧ ج٩- شعب الايمان حديث : ١٦٦- العظمة ص٧٩٠ ج٢- فيض القدير ص ٥٣٦ ج١- تاريخ بغداد حديث : ٦٧٥١) ۽ ڪن روايتن ۾ آهي تہ اهي عرض ڪندا تہ پر اسان توسان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪيو.

(1) دراصل هتي مختلف حديثون ملايون ويون آهن، تفصيل ڏسو: تفسير ابن جرير ص ١٧٠ج٢٦- قرطبي ص ٢٣٧ج١- ابن ڪثير ص٤٦٦ج٢- ترمذي حديث :٢٥٦١، ٢٦٠٢- قرطبي ص١٨٣ج١- بخاري حديث :٤٥٦٩، ٣٠٦٩، ٢٩- مسلم حديث :٢٨٤٦، ٢٧٣٧، ٩٠٧- المنتقي لابن جارود حديث :٢٤٨- صحيح ابن خزيمه حديث : ١٣٧٧- صحيح

www.maktabah.org

پاڻ سڳورا فرمائين ٿا تہ الله تعالي مون کي اسرافيل عليه السلام سان گڏ موڪليو. جڏهن جبرئيل عليه السلام جي مون تي نظر پئي تہ چيائين تہ:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ

[اي نبي! توتي سلامتي ۽ الله جي رحمت ۽ سندس برڪت هجي.]

مون چيو تہ:

اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصَّالِحِيْنَ

[سلامتي اسان تي ۽ هجي ۽ الله جي نيڪ ٻانهن تي ۽.]

ان کان پوءِ جبرئيل عليه السلام چيو تہ مون کي الله تعالي حڪم ڪيو آهي تہ محمد ﷺ کي بهشت ۽ انهن نعمتن جو سير ڪرايان، جيڪي الله تعالي سندن ۽ سندن امت لاءِ تيار ڪيون آهن. جبرئيل امين مون کي هڪ ڪان وڏي جنت ۾ آيو جتي عجيب، غريب شيون ڏٺم. سڀ کان اول، پهريون بهشت ڏٺم جيڪو ڳاڙهي سون مان ٺهيل آهي. ان جي اونهائي پنج سؤ سالن جيتري، بلندي هڪ هزار سالن جيتري ۽ ايوان پنجاه هزار سالن جي مفاصلي جيترا آهن. مؤمن قبر مان اٿندو تہ ان جي نظر جنت جي ايوان تي پوندي، جتي بيئل حورن کي ڏسندو، جيڪي چئي رهيون هونديون تہ: عَجِّلْ عَجِّلْ، يعني جلدي اچ، جلدي اچ.

حورن جي مشاهدي ۽ سندن ڪلام جي آواز ۾ محو ۽ گم جنتي ٿوري دير ۾ پنهنجي منزل مقصود تي پهچي ويندا. انهن وڏن ايوانن کان سواءِ محلات هئا، جيڪي زمرد، ڳاڙهن ۽ اڇن موتين جون اڏيل ماڙيون آهن. هر محل ۾ چاليهہ هزار بنگلا آهن. هر محل ۾ چاليهہ هزار دروازا آهن. هر دروازي وٽ هڪ فرشتو بيئل آهي، جنهن جي هٿ ۾ ۽ طشت آهن. هڪ لباس ۽ ٻيو نور سان پريل هو. جبرئيل امين کان انهن جي باري ۾ پڇيم. چيائين تہ اي الله جا رسول ﷺ! آدم عليه السلام جي پيدائش کان اٺ هزار سال اڳ الله تعالي انهن کي خلقيو آهن ۽ اُتي ئي

ابن حبان، حديث :۷۴۵۵، ۲۸۳۲- مجمع الزوائد ص۲۶۹ج۷،۲۶۱ج۱۰، ۱۱۲ج۷- السنن الكبري حديث :۱۱۵۲۲- مصنف ابن ابي شيبه ۳۴۱۴۰- مسند احمد حديث :۷۷۰۴

www.maktabah.org

آهن. اهي توهان جي لاءِ ۽ توهان جي امت لاءِ آهن. جنت ۾ داخل ٿيڻ تائين مبارڪباد ڏيندڙ توهان تي انهيءَ نور ۽ انهيءَ لباس جي ورڪا ڪندا ۽ توهان تي انهن شين کي گهورينديا رهندا. پوءِ جبرئيل عليه السلام جنت جو دروازو کڙڪايو. رضوان يعني جنت جي نگران پڇيو ته ڪير آهي؟ انهيءَ چيو ته محمد ﷺ آهي. رضوان چيو ته الحمد لله! پوءِ دروازو کوليائين. انهيءَ دروازي جي چانڊ چانديءَ ۽ سون جي، تختا اڇن موتين جا ۽ ڪُنديا ۽ ڪَڙا ڳاڙهن موتين جا آهن. مون جنت جي داروغي کي سلام ڪيو. انهيءَ جواب ڏنو ۽ مون کي بشارت ڏيندي چيائين ته اي محمد ﷺ! اڪثر جنتي توهان جا امتي آهن. داروغي جا نمائندا ۽ لشکر ڏٺم. سندس اٺ جانشين آهن، هر بهشت تي هڪ جانشين مقرر آهي. هر جانشين جي هيٺان ست سو هزار فرشتا آهن ۽ ستر هزار فرشتا خاص جنت جي نگران جي خدمت ۾ آهن. ان کان سواءِ ستر هزار فرشتا، هر هڪ فرشتي جي هيٺان آهن، جنت جي نگران جي تسبيح هيءَ آهي:

سُبْحَانَ اللهِ الْخَلَّاقُ الْعَلِيْمُ سُبْحَانَ اللهِ الْكَرِيْمُ سُبْحَانَ اللهِ الْمُثِيْبِ لِمَنْ اَطَاعَهٗ جَنَّاتُ النَّعِيْمِ

[سڀ کان وڏي خالق، هر شيءِ جي ڄاڻندڙ الله پاڪ جي تعريف آهي، الله ڪريم جي تعريف آهي، انهيءَ الله جي تعريف آهي، جنهن انهيءَ شخص کي جنت ۽ ان جون نعمتون عطا ڪيون، جنهن سندس اطاعت ڪئي.]

ان کان پوءِ منهنجي سامهون جنت جون نعمتون پيش ڪيون ويون. اهڙيون نعمتون ڏٺم جو جيڪڏهن پوري عمر انهن جي وصف بيان ڪريان، تڏهن به انهن جو بيان ختم نه ٿئي. جنت جي ديوار به ڏٺم جنهن جي جوڙجڪ ڪجهه هن طرح هئي ته هڪ سر سون جي، هڪ سر ياقوت جي، هڪ سر زبرجد جي، هڪ سرَ اڇن موتين جي، انهن جو گارو يا سيمنٽ مشڪ، ڪافور جو، انهن جو ڪُجم يعني ٿولهه ستر سالن يا پنج سؤ سالن جي ۽ انهن جي بلندي ٽن هزار سالن جي مفاصلي جيتري آهي. اها پت ايتري ته صاف شفاف هئي، جو جيڪڏهن ان جي پاهران

www.maktabah.org

نهارجي ته اندريون حصو نظر اچي ۽ جيڪڏهن ان جي اندران نهارجي ته باهريون حصو نظر اچي. جيئن شيشي يا آئيني ۾ نهاربو آهي ته حد نگاه تائين هر شيءِ ان ۾ نظر ايندي آهي. انهيءَ پت جي آئيني ۾ ستن آسمانن کان ستن زمينن جي هيٺان "تحت الثري" يعني سڀ کان هيٺين زمين جي تري کي به ڏٺم. جنت جي مٽي مشڪ، عنبر ۽ ڪافور جي، ان جا گل ڦل ۽ ٻوٽا زعفران، ارغوان جا، ان جون پٽريون، زمرد، ڳاڙهن ۽ اڇن موتين جون، ان جا محل ڳاڙهن موتين جا، ان جا تنبو ڪي اڇن موتين جا، ته ڪي مختلف هيرن، جواهرن جا، ڪي ساون سهٽن پٽرن جا، ته ڪي ڳاڙهن پٽرن جا، ڪي اڇي چانديءَ جا، ته ڪي ڳاڙهي سون جا، ان جا محلات ڪي سج جي اَڇي، اُجري رنگ جا آهن. ڪي تنبو هڪ مهيني جي مفاصلي تان به چمڪندي نظر آيا ۽ ڪي سج وانگر روشن هئا. هر محل ۾ ستر هزار گهر آهن. هر گهر ۾ سونو تخت آهي. ڪو تخت ياقوت جو، ته ڪو اڇن موتين جو ٺهيل آهي. سيني گهرن جو اهو حال هو. هر تخت جي مٿان ستر هزار ديباج (سنهي ريشمي پَٽَ) جا ۽ ستر هزار حله (ٿلهي ريشمي پَٽَ) جا بسترَ آهن. پر انهن مان ڪو به بستر ٻئي بسترَ سان مشابه نه آهي. هر تخت جي مٿان وڌين اکين واري خوش خرم حور آهي. هر هڪ کي ستر هزار وڳا پاتل آهن. انهن کي عطر، خوشبوءِ ۾ واسيل، اهڙو ته خوبصورت لباس پاتل آهي، جو ان جي حقيقت الله تعالي ئي ڄاڻي ٿو. انهن حورن جي مٿن تي موتين سان جڙيل تاج آهن. هر حور جا هزارين قسمن جا ڪارا، ڪکوريل، دل لپائيندڙ وار آهن. اهڙيون حورون ڏٺم، جن کي سُنُدس ۽ اِستبرق جو لباس پاتل آهي. هرهڪ کي ستر هزار جنتي زيورَ پاتل آهي. اهي طرحين طرحين جي زيورن سان سينگاريل آهن. انهن زيورن مان هزارين قسم جا دلکش آواز پيدا ٿي رهيا آهن. هر حور وٽ ستر هزار ايندڙ ويندڙ غلام آهن. اتي مون هيرن، جواهرن سان سينگاريل تختَ ڏٺا، جن جي چوڌاري ڪرسيون رکيل آهن. ڪي ڪرسيون سون جون، ته ڪي چانديءَ جون، ڪي زمرد جون، ته ڪي لؤلؤ جون ۽ ڪي ڪافور جون ٺهيل آهن. ڪا به ڪرسي هي ڪرسيءَ وانگر نه آهي. اتي مختلف واهَ وهندي ڏٺم. ڪي کير جا هئا، ته ڪي پاڻيءَ جا، ڪي شراب

www.maktabah.org

جا هئا تہ ڪي ماڪيءَ جا. هر محل ۾ ستر هزار اهڙا واهَ وهي رهيا هئا، جيڪي رنگ ۾ ڪافور کان وڌيڪ اڇا، ماڪيءَ کان وڌيڪ مٺا، مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار آهن. اتي رحيق، سلسبيل، تسنيم ۽ زنجبيل جا چشما وهندي ڏٺم. اهي واه ۽ چشما سون، چانديءَ، اڇن موتين، لؤلؤ، هيرن، جواهرن ۽ مختلف پٽرين سان جوڙيل آهن. انهن جي گجي ڪافور وانگر اڇي ۽ خوشبودار ۽ انهن جي تَري جي متي مشڪ ۽ عنبر کان وڌيڪ خوشبودار آهي ۽ انهن جا گل ڏل سپ سنبل، زعفران جا هئا. جنت جي وٽن ٽٽن جون پاڙون ڳاڙهي سون جون، ناريون ياقوت، لؤلؤ، زبرجد جون، پن سُنڊُس ۽ ريشم جي سنهي پَتَ ۽ ديباج جا آهن. انهن مان هرهڪ وڻ جي ڏيگهه ايڏي آهي، جو انهن مان ڪو هڪ وڻ بہ دنيا ۾ هجي تہ دنيا جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين هر هڪ شيءِ کي ڍڪي ڇڏي. ان جا ميوا صنوبر (چلغوزي يعني نيزي جي وڻ) وانگر آهن ۽ هر ميوي جو مزو ستر قسم جو آهي. هر ميوي ۾ داڻي جي بجاءِ حور وينل آهي. هر ميوو پاڻ کي جنتيءَ جي سامهون پيش ڪندي عرض ڪندو تہ جيڪڏهن توهان جي دل ۾ اسان لاءِ رغبت هجي تہ توهان جي چپن تي خود بہ خود پهچي وڃون. وٽن ۾، ڪنڊن کانئين جي لڳڻ جي ڪري، ڪا بہ تڪليف نہ ٿيندي. جيتوٽيڪ هر وڻ هزار سالن جي مفاصلي جيترو ڊگهو آهي، تڏهن بہ ميون سان پريل آهي. جنهن ميوي ڏانهن رغبت ۽ لاڙو ٿيندو، اهو از خود جنتيءَ جي وات ۾ پهچي ويندو. جيترو چاهيندو کائيندو، باقي بچيل واپس پنهنجي جاءِ تي هليو ويندو. انهن وٽن تي جيڪي پکي آهن، سي اُٺن جيڏا وڏا ۽ ڏاڍا سهٽا آهن. اهي جنتين جي تختن جي پرسان هزارين قسم جي سهٽن ۽ منڻن آوازن سان لاتيون لَوَندا. بهشتي چوندو تہ تنهنجو آواز ڪيڏو نہ پيارو ۽ وٽندڙ آهي، پکي چوندو تہ منهنجو گوشت بہ تہ ڏاڍو لذيذ آهي. ائين چئي اتي جو اتي ذبح ٿي پُڳل صورت ۾ بهشتيءَ جي سامهون اڇي ويندو. جيترو چاهيندو انهيءَ مان کائيندو، پوءِ پکي جيئرو ٿي وري اڏري وڃي انهيءَ ٽاريءَ تي ويهندو ۽ ساڳيءَ طرح منيون منيون لاتيون لَوَندو.

پڙ پاڻ سڳورن فرمايو تہ مون کي جنت جا ائٽي باغ ڏيکاريا ويا

www.maktabah.org

جن مان چار "دبستان" آهن، جن جا نالا هي آهن: ۱- جنت الفردوس ۲- جنت العدن ۳- جنت الماوي ۴- جنت النعيم. ٻيا چار "بوستان" آهن، انهن جا نالا آهن: ۱- دارالسلام ۲- دارالجلال ۳- دارالقرار ۴- دارالخلد. هر بهشت ۾ ستارن کان ٻه وڏيڪ باغ آهن. انهن مان هڪ بهشت جي ڇت عرش الاهي آهي. جنت العدن ۾ آسمان جي ستارن کان ٻه وڏيڪ محل آهن، جن مان اڪثر تي اصحاب رسول ﷺ جا نالا آهن. هر هڪ محل ستن آسمانن ۽ زمينن جي برابر آهي. حضرت جبرئيل امين عليه السلام هر محل مون کي ڏيکارينديِ فرمايو تہ هي صديق اڪبر رضي الله عنه جو محل، هي عمر فاروق رضي الله عنه جو محل، هي عثمان غني رضي الله عنه جو محل ۽ هي علي بن ابي طالب جو محل آهي. سڀ کان شاندار ۽ عظيم محل صديق اڪبر جو آهي. جنت ۾ هڪ اهڙي نهر وهندي ڏٺم، جيڪا عرش جي پنيءَ مان ڦٽي رهي آهي. جنهن ۾ پاڻي، کير، شراب ۽ ماکي گڏوگڏ وهي رهيا آهن، پر پاڻ ۾ نہ ٽا ملن. ان جو ڪنارو زبرجد جو آهي، ان جون پٽريون هيرن جواهرن جون، ان جا باغَ عنبر جا، گاه ۽ گل ڦل زعفران جا آهن. انهيءَ نهر جي ڪنارن تي، آسمان جي ستارن جيترا چانديءَ جا ٽانوَ رکيل آهن. انهن جي چوڌاري پکي گهمي، ڦري رهيا هئا، جن جا ڪنڈَ ٻُختي اٽن وانگر ڊگها آهن، جيڪو شخص هڪ پيرو انهيءَ نهر جو پاڻي پيئندو يا انهن پکين جو گوشت کائيندو هميشه لاءِ ان کي الله تعالي جي رضامندي حاصل ٿيندي. ان جي باري ۾ حضرت جبرئيل امين کان پڇيم، چيائين تہ اها نهر ڪوثر آهي، جنهن جي باري ۾ الله تعالي قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو تہ:

إِنَّآ أَعْطَيْنَٰكَ ٱلْكَوْثَرَ ①[1]

[بيشڪ اسان توکي ڪوثر عطا ڪئي.]

هن آيت سڳوريءَ ۾ انهيءَ نهر ڪوثر ڏيڻ جو ذڪر آهي. اٽن بهشتن مان ڪوبہ اهڙو نہ آهي، جتي نهر ڪوثر مان واه نہ وهندو هجي. انهيءَ نهر جي ڪناري جي مٽان در ۽ ياقوت جا تنبو آهن. حضرت

(1) سورة الكوثر آيت: ۱ پ۳۰

www.maktabah.org

جبرئيل عليه السلام فرمايو تہ اهي توهان جي گهر وارين جا گهر آهن. انهن تنبن ۾ حورون بہ آهن، جن جا چهرا چنڊ ۽ سج وانگر روشن آهن. اهي نهايت سهڻي آواز سان هي نغمو ڳائي رهيون آهن:

اَلَا وَنَحْنُ النَّاعِمَاتُ فَلَا نَبْأَسُ اَبَدًا
اَلَا وَنَحْنُ الْكَاسِيَاتُ فَلَا نَعْرٰى اَبَدًا
اَلَا وَنَحْنُ الشَّابَّاتُ فَلَا نَهْرِمُ اَبَدًا
اَلَا وَنَحْنُ الْمُقِيْمَاتُ فَلَا نَظْعَنُ اَبَدًا
اَلَا وَنَحْنُ الرَّاضِيَاتُ فَلَا نَسْخَطُ اَبَدًا
اَلَا وَنَحْنُ الْخَالِدَاتُ فَلَا نَمُوْتُ اَبَدًا
فَطُوْبٰى لِمَنْ كُنَّا لَهٗ وَ كَانَ لَنَا (2)

[ٻڌو! اسين سدائين نعمت ۾ رهندڙ آهيون، پوءِ ڪڏهن بہ ڪابہ تڪليف نہ ڏسنديون سين. ٻڌو! اسين لباس ڏيکيندڙ آهيون، پوءِ ڪڏهن بہ بغير لباس جي نہ هوندیون سين. ٻڌو! اسين سدائين جوان رهنديون سين، پوءِ ڪڏهن بہ ڪراڙپ نہ ڏسنديون سين. ٻڌو! اسين سدائين باقي رهنديون سين، پوءِ ڪڏهن فنا نہ ٿينديون سين. ٻڌو! اسين راضي رهندڙ آهيون، پوءِ ڪڏهن بہ ناراض ٿيندڙ نہ آهيون. ٻڌو! اسان کي هميشگي جي زندگي نصيب ٿي آهي، پوءِ ڪڏهن بہ نہ مرنديون سين، پوءِ ان کي خوشخبري هجي جيڪو اسان لاءِ آهي ۽ اسين انهيءَ لاءِ آهيون.]

انهن جي نغمن جي سهڻي آواز جي ڪري جنت جا وڻ ٽڻ ۽ محل بہ وجد ۾ اچي ويا. ان سان اهڙي خوشي ۽ لذت حاصل ٿئي ٿي، جو جيڪڏهن دنيا وارا انهن جو آواز ٻڌن تہ ڪو بہ رنج ۽ غم ۾ نہ رهي ۽ نہ ڪنهن تي موت اچي. حضرت جبرئيل عليه السلام تنبو کوليو ۽ ان جا پردا پري ڪيائين. اتي کي صورتون ڏٺم. جيڪي اهڙيون پياريون ۽ سهڻيون هيون جو جيڪڏهن پوري عمر انهن جي وصف بيان ڪريان

(2) شعرن جي تحقيق لاءِ ڏسو: مجمع الزوائد ص ۴۱۸- ۴۱۹ج ۱۰، ابن ڪثير ص ۲۹۲- ۲۹۳ ج ۴، قرطبي ص ۱۸۹ ج ۱۷، ترمذي ص ٦٩٦ ج ۴، مصنف ابن ابي شيبه ص ۳۰ ج ۷ وغيره. واضح هجي تہ مختلف روايتن جي الفاظن ۽ شعرن ۾ اختلاف آهي.

www.maktabah.org

تڏهن بہ سندن چگايون ختم نہ ٿين. انهن جا چهرا ڪير ڪان وڌيڪ اڇا ياقوت ڪان وڌيڪ ڳاڙها، سج ڪان وڌيڪ روشن، انهن جو جسم گلاب جي گل جي پتيءَ ڪان وڌيڪ نازڪ، ريشم ڪان وڌيڪ نرم ۽ چندڻ ڪان وڌيڪ چمڪندڙ مشڪ ڪان وڌيڪ معطر، انهن جا وار انتهائي ڪارا ۽ گهنگهريالو هئا. هرهڪ حور جي سامهون ستر هزار غلام هئا. جبرئيل عليه السلام فرمايو آهي تہ اهي سڀ تنهنجي لاءِ ۽ تنهنجي امت لاءِ آهن. پاڻ سڳورن فرمايو: الله تعالي سوره "محمد" ۾ جن ڇئن نهرن جون ذڪر فرمايو آهي اهي بہ ڏنم. الله پاڪ فرمائي ٿو:

فِيْهَآ اَنْهٰرٌ مِّنْ مَّآءٍ غَيْرِ اٰسِنٍ وَّ اَنْهٰرٌ مِّنْ لَّبَنٍ لَّمْ يَتَغَيَّرْ طَعْمُهٗ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ خَمْرٍ لَّذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ وَاَنْهٰرٌ مِّنْ عَسَلٍ مُّصَفًّى وَلَهُمْ فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرَاتِ

[انهيءَ ۾ پاڻيءَ جون نهرون آهن، جن جو پاڻي خراب ٿيڻ وارو نہ آهي ۽ ڪير جون نهرون آهن، جنهن جو ذائقو تبديل نہ ٿيندو ۽ شراب جون نهرون آهن، جنهن ۾ پيئندڙن لاءِ لذت آهي ۽ پاڪ صاف ماکيءَ جون نهرون آهن ۽ انهن لاءِ اتي هر قسم جا ميوا آهن.]

هر نهر جي ويڪر ايتري وڏي آهي، جو پوري دنيا ان جي پيٽ ۾ هڪ سُئي جيتري آهي. جبريل امين کان انهن جي ابتدا ۽ انتها جي باري ۾ پڇيا ڪيم. چيائين تہ مون کي معلوم نہ آهي تہ ڪٿان نڪري ٿي؟ ايترو معلوم آهي تہ اهي وڄي حوض ڪوثر ۾ ملن ٿيون. مون دعا ڪئي تہ مون کي انهن نهرن جي وهڻ جي اصل جاءِ ڏيکاري الله تعالي هڪ عظيم فرشتو نازل فرمايو جنهن جي عظمت الله کان سواءِ ڪو نٿو ڄاڻي.

مون کي چيائين تہ پنهنجا پير منهنجي پَرَ تي رک ۽ اکيون بند ڪر، پوءِ چيائين تہ هاڻي اکيون کول. مون اکيون کوليون تہ هڪ باغ ڏٺم، جتي قبي جي هيٺان هڪ وڏو بيحد اڇو موتي نظر آيو. جتان چارئي نهرون وهي رهيون هيون. بسم الله ڪري انهيءَ قبي کي کوليم تہ ان جي هڪ ڪنڊ ۾ "بسم" پئي ۾ "الله" ٽئين ۾ "الرحمن" چوٿين ۾ "الرحيم" لکيل هو. بسم جي "م" مان پاڻيءَ جي، "الله" جي "ہ" مان ڪير جي، رحمن جي "م" مان شراب جي ۽ "رحيم" جي "م" مان، ماکيءَ جي نهر جاري هئي.

www.maktabah.org

پوءِ الله تعالي فرمايو ته:

يَا مُحَمَّدُ مَنْ ذَكَرَنِي بِهٰذِهِ الْاَسْمَاءِ مِنْ اُمَّتِكَ وَقَالَ بِقَلْبٍ خَالِصٍ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ سَاَسْقِيْهِ مِنْ هٰذِهِ الْاَنْهَارِ الْاَرْبَعَةِ

[اي محمد! جيڪو مون کي انهن نالن سان ياد ڪندو ۽ دل جي خلوص سان بسم الله الرحمن الرحيم پڙهندو تنهن کي ضرور انهن چئني نهرن مان پيارينديس.]

شعر

کنار آب و سايه ابروپاي سرو ياري خوش
سرو شعر تر و شيرين گل گشت بهاري خوش
رباب و چنگ خوش نغمه مغز دلکش
و شيرين شراب خوش گوار و خوب ساقي گلعذاري خوش
لب حوض و صراحي سيم پُر ازمي موافق طبع جسماني خوش
گلستان بين که گشته لالہ زاري خوش
زي سايه مهر و مهرويان که تابنده است بربستان
جمال گلستان بنگر که آورده بهاري خوش
بيا اي جان وديده دل زان خوشبوئي خوش
و نکهت که مي آيد ازين گلشن مرا بوئي نگاري خوش
هزاران بلبل و ز مستان درين بستان بخوش الحان
چه خوش وقت چه خوش حالند که دارند مرغزاري خوش
درين بستان سرا بنگر تماشائي بديده
دل فضائي ميوه زار و لاله و گل سبز زاري خوش
بجائي بلبل و ز مستان ديلم درين بستان خوش صحرا است
اين نازت کز آن کردم شکاري خوش
همان روضه رضوان معز و دلکش تعلق است
مرا آن گلبندن کافي است آرام و قراري خوش
الا اين صاحب دولت گوارا بادت اين عشرت
هم و انجمن خلوت که داري روزگاري خوش

www.maktabah.org

همه اسباب خوشحالي در اين مجلس مهيا شد
بيا "فقري" تماشا كن بفضل ايزد نگاري خوش.

[پاٹيءَ جو ڪناروڪرن جي ڇانوَ ڏگهي ڊ واري خوبصورت يار جا پير، ڏگهن وارن، مٺي آواز وارو گلاب جي گل جهڙو سهڻو يار، بهار جهڙي بهترين فضا. رباب ۽ چنگ، بهترين ۽ دلڪش نغما، مٺو مزيدار شراب، سهڻن چپن وارو شراب پياربندڙ ساقي. شراب سان ڀريل حوض، سوني صراحي، انساني جسم ۽ طبيعت جي موافق وٹندڙ. پوءِ باغ ۾ نهارا هر طرف ڪيڏي نه ساوڪ، رونق ۽ چهچٹو آهي. سج ۽ چند جي روشنيءَ جي هيٹان آهي، جيڪو بهشت تي نور جي ورڪا ڪري رهيو آهي. اڇا بهشت جو جمال ۽ حسن ڏس ته ڪهڙي نه سهڻي بهار جي موسم آهي. اي جان! ۽ ديده دل! هن فرحت بخش مهڪ ۽ خوشبوءَ مان، جيڪا انهيءَ باغ مان اچي ٿي، مون کي پنهنجي سهڻي محبوب جي بوءِ اچي ٿي. هر طرف چشما، دل موهيندڙ سائو گاهه، گل ڦل، محلات جي اڳيان وٹن ٹٹن ۾ ويٹل سهڻا يار ۽ موسم بهار جي ڏڏي هير ۾ هر طرف بلبلون، هزارين قسمن جي مٺن آوازن ۾ لاتيون لنوي رهيون آهن. وقت ۽ حال ڪهڙو نه من موهيندڙ آهي، جنهن ۾ اهي پکي چهڪي رهيا آهن. انهيءَ بهشت ۾ دل جي اک سان تماشو ڏس ته ميون سان ڀريل فضا، ساوڪ، رونق ۽ دلڪش ساوا وٹندڙ گل ڦل خوشبو ڦهلائي رهيا آهن. بهار جي موسم ۾ بلبلن جي نغمن ٻڌڻ جي بجاءِ بيابانن ۾ ڇڻ ته سهڻن جانورن جو شڪار ٿي رهيو آهي. بهشت جو رضوان يعني نگران ڏاڍو معزز ۽ دلڪش آهي. منهنجي قرار ۽ خوشيءَ لاءِ اهوئي گلبدن، اهوئي پيارو ڪافي آهي. ٻڌو! اي ايماني دولت واروا اها عيش، آرام واري زندگي انجمن ۽ محفل ۾ به حاصل هوندي ته خلوت ۽ اڪيلائيءَ ۾ به. خوشي ۽ خوشحاليءَ جا اهي سمورا اسباب ۽ سامان انهيءَ مجلس ۾ حاصل ٿيندا. اي فقيرا! اڄ پنهنجي رب جليل ۽ جميل جي فضل جو تماشو ڏس.]

نبي ﷺ جن فرمايو ته، بهشت ۾ ڳاڙهي ياقوت جو جڙيل محل ڏٹم. اندر داخل ٿيس ته هڪ گهر ڏٹم. جنهن ۾ سفيد موتيءَ جي ٹهيل صندوق هئي جيڪا بند هئي. جبريل امين کان ان جي باري ۾ پڇيم. انهيءَ چيو ته اها الله تعالي جي رازن مان هڪ راز ۽ اسرار آهي، جنهن کي اهو پيارو رکندو آهي، ان تي اهو راز ظاهر ڪندو آهي. الله تعالي کان دعا ڪيم تان ته انهيءَ راز کي مون تي آشڪار فرماءِ پوءِ

www.maktabah.org

ڏنم تہ جنت جي ريشمي لباس ۾ ويڙهيل هڪ ڪتاب آهي. مون پڇيو تہ هي ڇا آهي؟ چيائين تہ تنهنجي فقر جو مرقع آهي. مون عرض ڪيو تہ منهنجا مولا! اها دولت مون کي وڏ ۾ وڏ عطا فرماءِ. ارشاد فرمايائين تہ اي محمد! فقر جو اهو مرقع تنهنجي لاءِ ۽ تنهنجي امت لاءِ مخصوص آهي ۽ اها دولت ان کي عطا ڪندو آهيان. جنهن کي پيارو رکندو آهيان. مون ان کان وڌيڪ پياري ڪا شيءِ پيدا نہ ڪئي آهي. اهو ئي سبب آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ:

اَلْفَقْرُ فَخْرِیْ (1)

[فقيري منهنجو فخر آهي.]

پڻ فرمايائون تہ، بهشت ۾ ست محل ڏنم جيڪي هيرن جواهرن ۽ موتين سان تيار ٿيل هئا. پڇيم تہ اي جبريل! اهي ڪنهن جا آهن؟ چيائين تہ اِهي ان لاءِ آهن، جيڪو ڪنهن انڌي کي هٿ کان وٺي ستن قدمن تائين ان جي رهنمائي ڪري. مون چيو تہ اي جبريل! ڇا پنهنجي امت کي اها خوشخبري ٻڌايان؟ چيائين تہ پلي ٻڌايو. پوءِ جيڪو شخص ست ڀيرا لا اله الا الله چوي. پوءِ وضو ڪري ۽ نماز پڙهي. الله تعالي ان کي جنت ۾ ايترا گهر عطا فرمائيندو جيترا دنيا ۾ اوپر کان اولهہ تائين آهن.

---

(1) اها حديث باطل آهي: تحفة الاحوذي ص ١٧ ج ٧. ابن تميمه ان کي "ڪوڙ" چوي ٿو: تخليص الحبير ص ١٠٩ ج ٣. پر حقيقت هيءَ آهي تہ هن حديث تي تنقيد اجائي آهي. ڇاڪاڻ تہ مٿي حديث گذري تہ نبي ﷺ جن دعا گهرندا هئا: اللهم اني اسالک حب المساکين (اي الله! توکان مسڪينن جي محبت جو سوال ڪريان ٿو) جنهن مان مسڪينيءَ جي فضيلت ثابت ٿئي ٿي. پڻ حافظ ابن حجر عسقلاني ان حديث تي بحث ڪندي فرمائي ٿو تہ اهڙي ٻي حديث ثابت آهي جنهن جا هي الفاظ آهن: اللهم احيني مسکينا و امتني مسکينا و احشرني في زمرة المساکين (مقدمه مشکوة للالباني) (اي منهنجا الله! مون کي مسڪين ڪري زنده رک، مسڪين ڪري مار ۽ مسڪينن سان گڏ اٿار- هن آخري حديث کي حاڪم مستدرڪ ۾ صحيح قرار ڏيندي چوي ٿو تہ بخاري مسلم جي شرط مطابق آهي. وڌيڪ تشريح ۽ تفصيل لاءِ هيٺيان ڪتاب ڏسو: ١- المستدرک علي الصحيحين ص ٣٥٨ ج ٤- الترمذي ص ٥٧٧ج ٤- مجمع الزوائد ص ٢٦٢ ج ١٠- سنن البيهقي الکبري ص ١٢ ج ٧- سنن ابن ماجه ص ١٣٨١ ج ٢- شعب الايمان ص ١٦٧ ج ٢، ص ٣٨٩ ج ٤، ص ٣٣٩، ٣٤٠ ج ٧- الترغيب والترهيب ص ٦٦، ٦٧ ج ٤- تحفة الاحوذي ص ١٦ ج ٧ فيض القدير ١٠٢ ج ٢ وغيره.

www.maktabah.org

پاڻ سڳورا فرمائين ٿا تہ مون رضوان يعني جنت جي داروغي کي ڏٺو. جيڪو هيرن جواهرن سان جڙيل تخت تي ويٺو هو. ان جي سامهون فرشتا چيلهہ تي هٿ رکي باادب بيٺا هئا ۽ ان جي تعظيم جا شرط بجا آڻي رهيا هئا. مون ان کي چيو تہ منهنجي امت جي باري ۾ کجهہ حال ٻڌاءِ. چيائين تہ الله تعالي بهشت ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، جن مان ٻہ حصا توهان جي امت لاءِ ۽ هڪ حصو اڳين سمورين امتن لاءِ آهي. پڻ فرمايائون تہ رضوان جي اڳيان بي شمار چاپيون ڏٺم. جيڪي نور مان ٺهيل هيون. مون چيو تہ انهن چاپين جي حقيقت کهڙي آهي؟ چيائين تہ اي الله جا رسول ﷺ! جڏهن بہ توهان جو کو امتي لااله الا الله چوندو آهي، الله تعالي ان لاءِ نوراني محل تيار کندو آهي ۽ تالو هٽي چاپي منهنجي حوالي کندو آهي. جڏهن اهو شخص قبر مان اٿندو تہ ان کي سندس محلات جون چاپيون ڏينداس، جيڪي کٽي پنهنجي منزل تي وڃي رسندو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ، مون حضرت ادريس عليه والسلام کي ڏٺو. جنهن مون کي سلام کيو ۽ مون ان کي جواب ڏنو. کيس چيم تہ توهان کي مبارکباد هجي جو انهيءَ مبارک مقام تي بغير موت جي تڪليف سهڻ جي پهتا آهيو. چيائين تہ ڪاش! شروعات کان آخر تائين دنيا ۾ جيڪا مخلوق پيدا ٿي آهي، سيني جي موت جي تڪليف ۽ کوڙاڻ مون کي نصيب ٿئي ها ۽ مون کي توفيق ٿئي ها تہ توهان جي امت کي ڏسان ها. مون چيو تہ ان جو کهڙو سبب آهي؟ چيائين تہ جنهن بہ محل، ماڙي ۽ جنهن بہ نهر ۽ چشمي وٽ وڃان ٿو فرشتا چون ٿا تہ اڳتي هلو، جو اهي حضرت محمد ﷺ جن جي امت لاءِ آهن. حضرت ادريس عليه السلام وڌيڪ فرمايو تہ جنت ۾ "جبل الرحمة" نالي هڪ جبل آهي، جنهن جي چوٽي عرش الهيءَ تي پهچي ٿي. اتي هڪ محل مشڪ ۽ عنبر جو آهي، جنهن ۾ ١١ چانديءَ جي برقي دروازا آهن. هرهڪ دروازي کان ٻئي دروازي تائين ايترو مفاصلو آهي، جو براق پنج سؤ سال تيزيءَ سان هلي تڏهن بہ انهن جو مفاصلو طي نہ ٿئي. پڇا کيم تہ ڇا اهو کنهن نبي مرسل، مقرب فرشتي يا صديق جو آهي؟ چيائين تہ هي امت محمديءَ مان

www.maktabah.org

انهيءَ شخص لاءِ آهي، جيڪو صبح جي نماز باجماعت ادا ڪندو آهي، تڏهن منهنجي دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته جيڪر آءٌ به توهان جي امت مان هجان ها.

نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته آءٌ جڏهن جنت ۾ ان جون نعمتون ڏسي فارغ ٿيس ته دوزخ ۾ ان جا عذاب ڏسڻ جو خيال پيدا ٿيو. رب العالمين کي عرض ڪيم، جنهن اسرافيل عليه السلام کي حڪم ڪيو ته جبرئيل کي چؤ ته محمد مصطفيٰ ﷺ کي هڪ ڪان وڌي دوزخ جي داروغي وٽ وڃي. جڏهن پاڻ سڳورا انهيءَ وٽ آيا ته ان کي چيائون ته مون کي دوزخ ۾ ان جا مختلف عذاب ڏيکار. انهيءَ چيو ته اي محمد ﷺ! ٿورو پنهنجن قدمن جي هيٺان نهاريو. منهنجي نگاه آسمانن کي چيريندي زمين تي پهتي ۾ بيت المقدس شهر نظر آيو. (1) دوزخ جو داروغو ڏاڍو خطرناڪ ۽ پوائتي شڪل وارو آهي. ان جي اکين ۾ منهن مان باه جا اُالا نڪري رهيا هئا. سندس هٿ ۾ باه جا سوٽا هئا. دوزخ جي مالڪ (پنهنجي نائب کي) چيو ته اي سوحاحيل! محمد ﷺ کي دوزخ جا ڪجهه ڏيک ڏيکار. پوءِ دوزخ جو دروازو کوليو ويو. پاڻ سڳورا فرمائين ٿا ته سڀ کان اڳ، منهنجي لاءِ پهرئين زمين کولي ويئي. هر قسم جي مخلوق مان بيشمار شيون مون تي ظاهر ٿيون. پوءِ ٻي زمين کولي ويئي. اتي جهنمين لاءِ ٻيڙيون ۽ زنجير تيار ڏٺم. پوءِ ٽين زمين کولي ويئي، اتي جهنمين لاءِ گندرف جا تيار ٽيل ڪپڙا ڏٺم. پوءِ چوٿين زمين کولي ويئي، اتي پٿرن جون وڏيون وڏيون ٽڪريون ڏٺم. جن کي انسانن سان گڏ ساڙيو ويڄي ٿو. جنهن جو بيان

(1) هتي خصوصيت سان بيت المقدس جو ذڪر فرمايو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته بيت المقدس ۾ هڪ ماڻڪ آهي، جنهن کي "وادي جهنم" چئبو آهي. نبي سڳوري ﷺ جن معراج تي وڃڻ کان اڳ انهيءَ ماڻڪ ۾ دوزخ جي باه پڙڪندي ڏٺي هئي. ان موضوع جون حديثون ڏسو: قرطبي ص ۲۴۱ ج ۱۸- طبري ص ۲۲۵ ج ۲۷- ابن ڪثير ص ۳۱۰ ج ۴- مستدرڪ ص ۴۶۳ ص ۴- مجمع الزوائد ص ۷۸ ج ۱- ۳۸۶ ج ۱۰- مسند الشاميين ص ۱۴۳ ج ۱- المعجم الڪبير ص ۳۹ ج ۸ - الزهد الڪبير ۱۳۰ ج ۲- الاصابة ص ۲۱۲ ج ۷- فضائل بيت المقدس ص ۸۶ ج ۱.

www.maktabah.org

قرآن مجيد ۾ هن طرح آهي تہ:

وَقُودُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ (2)

[انهيءَ دوزخ جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.]

پوءِ پنجين زمين کولي ويئي، جنهن جو نالو "سجين" (قيدخانو) آهي، جتي دوزخين جا اعمالناما رکيا وڃن ٿا ۽ قيامت جي ڏينهن انهن جي سامهون پيش ڪيا ويندا (جنهن جو بيان قرآن ۾ هن طرح آهي تہ:)

كَلَّا إِنَّ كِتَابَ الْفُجَّارِ لَفِي سِجِّينٍ ۝٧ وَمَا أَدْرَاكَ مَا سِجِّينٌ ۝٨ (3)

[هرگز نہ! گنهگارن جا اعمالناما سجين ۾ آهن ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ سجين ڇا آهي؟]

پوءِ ستين زمين کولي ويئي، جتي "عجيبا" نالي دوزخ آهي، ان ۾ ٻاه جو سمنڊ وهي ٿو. هڪ روايت ۾ آهي تہ دوزخ جي مالڪ ڇيو تہ اي محمد ﷺ! دوزخ جي ڏسڻ جي طاقت ڪيئن رکندين! مون ڇيو تہ ان جي صرف ايتري مقدار کولي ڏيکار، جنهن جي ڏسڻ جي سگهہ هجي. انهيءَ سئيءَ جي سوراخ جيترو دوزخ کولي ڏيکاريو. منهنجي سامهون جهنم کوليو ويو، جيڪو اونداهين رات کان بہ وڌيڪ ڪارو هو. ان جي هيٺان مٿان ست دروازا هئا. هر هڪ دروازي جي درميان پنج سؤ سالن جو مفاصلو هو. هڪ دروازي تي لکيل هو تہ:

فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّينَ ۝٤ الَّذِينَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُونَ ۝٥ (1)

[پوءِ ويل آهي، انهن نمازين لاءِ جيڪي پنهنجين نمازن ۾ سستي ڪن ٿا.]

ٻئي دروازي تي لکيل هو:

وَيْلٌ لِّلْمُشْرِكِينَ

[مشرڪن لاءِ ويل آهي.]

ٽئين دروازي تي لکيل هو:

---

(2) البقره آيت :104 پ۱

(3) سوره المطففين آيت : 7_8

(1) سوره الماعون آيت : ۴-۵

www.maktabah.org

وَيْلٌ لِّلْمُذْنِبِيْنَ

[گنهگارن لاءِ ويل آهي.]

چوٿين دروازي تي لکيل هو:

وَيْلٌ لِّلْقَاسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ عَنْ ذِكْرِ اللهِ (2)

[الله جي ذڪر کان جن ماڻهن جون دليون سخت آهن، انهن لاءِ ويل آهي.]

پنجين دروازي تي لکيل هو:

وَيْلٌ لِّلْمُطَفِّفِيْنَ ① (3)

[ماپ تور ۾ گهٽ وڌائي ڪرڻ وارن لاءِ ويل آهي.]

ڇهين دروازي تي لکيل هو:

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةٍ ① (1)

[هر غيبت ڪندڙ ڇغلخور لاءِ ويل آهي.]

ستين دروازي تي لکيل هو:

فَوَيْلٌ لَّهُمْ مِّمَّا كَتَبَتْ اَيْدِيْهِمْ (2)

[ويل آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي پنهنجن هٿن سان ڪتاب لکن ٿا پوءِ چون ٿا تہ اهي الله جي طرفان آهن.]

پهرين دوزخ جو نالو جهنم ۽ ان جي داروغي جو نالو "سوحائيل" آهي. ٻئي جو نالو تلظي ۽ ان جي داروغي جو نالو "طوفائيل" آهي. ٽئين جو نالو حطمه ۽ ان جي داروغي جو نالو طفرقائيل آهي. چوٿين جو نالو سقر ۽ ان جي داروغي جو نالو "شمڪائيل" آهي. پنجين جو نالو ويل ۽ ان جي داروغي جو نالو "عطافيل" آهي. ڇهين جو نالو سعير ۽ ان جي داروغي جو نالو "طوقائيل" آهي. ستين جو نالو هاويه ۽ ان جي داروغي جو نالو "طائيل" ۽ ٻي روايت مطابق مطمائيل آهي. هر خازن جا

---

(2) سورة الزمر آيت : ٢٢

(3) سورة المطففين آيت :١ پ ٣٠

(1) سورة الهمزه آيت :١ پ ٣٠

(2) سورة البقرة آيت : ٧٩پ١

www.maktabah.org

ستر هزار مددگار آهن. هرهڪ منهن جو ڪارو ۽ اڪين جو نيرو آهي. نبي سائين ﷺ جن فرمايو تہ:

پهرئين جهنم ۾ ڏنم تہ ستر هزار باه جا جبل آهن. هر جبل ۾ ستر هزار باه جون ماڙيون آهن. هر ماڙيءَ ۾ ستر هزار باه جون ڪڏون آهن هرهڪ ڪڏ ۾ ستر هزار باه جا شهر آهن، هر شهر ۾ ستر هزار باه جا محلات آهن، هر محل ۾ ستر هزار باه جا مهمان خانا آهن، هر مهمان خاني ۾ ستر هزار باه جا گهر آهن، هر گهر ۾ ستر هزار باه جون صندوقون آهن، هر صندوق ۾ ستر هزار قسم جا عذاب آهن، هر قسم جو عذاب ٻئي عذاب سان مماثلت ۽ هڪجهڙائي نٿو رکي.

دوزخ جو ٻيو طبقو ڏٺم جتي پهرين طبقي جي پيٽ ۾ سخت عذاب هو. اتي عذاب ڪندڙ ڏاڍا طاقتور فرشتا نظر آيا.

دوزخ جي ٽئين طبقي ۾ پهرين طبقي جي پيٽ ۾ ٻيٽو عذاب ڏٺم.

چوٿين طبقي ۾ باه جا سمنڊ ڏٺم، جن جي ٻيگهه جو مفاصلو ستر هزار سالن جيترو هو. جيئن ديگ ۾ پاڻي ٽهڪندو آهي تيئن اتي باه پڙڪي رهي هئي.

پنجين طبقي ۾ ايترا تہ نانگ ۽ وڇون ڏٺم جن جو تعداد فقط الله ڄاڻي ٿو. ان جي هڪ ماڙي کي "ويل" (مصيبت) چون ٿا. اهي نانگ وڇون عذاب وڌائڻ لاءِ آهن.

ڇهين طبقي ۾ هڪ ماڙي ڏٺم جنهن کي "سجين" (قيدخانو) چون ٿا. اهو قيامت تائين ڳجهو هوندو.

ستين طبقي کي ڏٺم جتي ايترا گهٽا سخت ۽ ڪنور دل فرشتا هئا جن جو تعداد فقط الله تعالي ڄاڻي ٿو.

انهن جي صفت قرآن ۾ هن طرح بيان ٿيل آهي:

عَلَيْهَا مَلٰٓئِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ

[انهن تي ڏاڍا طاقتور ۽ سخت طبيعت وارا فرشتا مقرر آهن.]

اتي باه جا صندوق ۽ تابوت ڏٺم. انهن فرشتن جي هٿن ۾ لوهيون ڦينچيون ڏٺم. اهي، ماڻهن کي هڪڙن کوهن مان ڪڍي ٻين کوهن ۾ وجهي،

www.maktabah.org

طرحين طرحين جا عذاب ڏيئي رهيا هئا. دوزخي فرياد ڪري رهيا هئا تہ:

يَاغَيَاثَ الْمُسْتَغِيْثِيْنَ اَغِثْنَا

[اي فريادين جا فرياد ٻڌندڙ الله! اسان جي مدد ڪر.]

پر ڪنهن کي انهن تي رحم نٿي آيو. هر گهڙيءَ انهن جو عذاب وڌي رهيو هو. جبرئيل امين کان پڇيم تہ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو عذاب ٿيندو؟ انهيءَ چيو تہ ٻين عذابن جي پيٽ ۾ تہ اهو تہ هلڪو عذاب آهي. پوءِ باه جا بند تابوت ڏنم.[1]

انهن جي حقيقت جبرئيل کان پڇا ڪيم. چيائين تہ جيڪي ظالم، جابر ۽ سرڪش آهن قيامت جي ڏينهن تائين انهن کي انهن ۾ بند ڪري عذاب ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن کي کوهن ۾ اڇلائن ٿا تانجو ان جي تري ۾ پهچن ٿا ۽ بيشمار نانگ ۽ وڇون انهن کي بچين ٿا جن جو تعداد ڪو نٿو ڄاڻي. اتي هڪ ماڻريءَ ۾ باه جا وڻ ڏنم جن ۾ باه جا ميوا هئا. هڪ دوزخ ۾ گهاٽا ۽ چڪيون ڏنم. جن ۾ دوزخين کي پيڙيو پئي ويو. هڪ ماڻريءَ ۾ باه جا نهيل بگهڙ ۽ ڪتا بختي اڻن جيڏا هئا، جيڪي دوزخين کي چڪي رهيا هئا. اتي زقوم جا وڻ هئا (جن جا زهريلا ميوا دوزخي کائي رهيا هئا). جيڪڏهن سڄي عمر انهيءَ عذاب جي ڪيفيت بيان ڪجي تہ ٻہ پوري ڪري نہ سگهبي. الله تعالي جي ان کان پناه گهرون ٿا. هڪ روايت مطابق پاڻ سڳورن فرمايو تہ، جڏهن داروغي جهنم جا ڏڪ پري ڪيا تہ ستون جهنم نظر آيو، جنهن جو نالو "هاويه" آهي. اتي ٻين طبقن جي پيٽ ۾ عذاب تمام گهٽا هئا. دوزخ جي (داروغي) مالڪ کان پڇيم تہ هي جهنم ڪن ماڻهن لاءِ مخصوص آهي؟ چيائين تہ فرعون، هامان، نمرود ۽ عيسيٰ عليه السلام جي انهن ساٿين لاءِ آهن، (جن بهشت جو دسترخوان لهڻ جو مطالبو ڪيو، پوءِ نافرماني ڪيائون) ۽ پڻ نبي ﷺ جن جي امت جي منافقن لاءِ. ڇهون طبقو آهي، جنهن جو نالو "جحيم" آهي، ان جي باري ۾

---

(1) اسان کي انهيءَ حديث جا هي لفظ ملن ٿا: فيجمعون في تابوت من حديد فيرمي به في جهنم. پوءِ انهن ظالمن ۽ ڏاڍن ۽ سندن ساٿارين کي لوهي صندوق ۾ بند ڪري دوزخ ۾ اڇلايو ويندو: (تفسير قرطبي ص ٢٦٣ج١٣)

www.maktabah.org

چيائين تہ ان ۾ مشرڪن کي عذاب ڪيو وڃي ٿو. پنجون طبقو جنهن جو نالو سقر آهي، ان جي باري ۾ چيائين تہ ان ۾ صابئي مذهب وارن کي عذاب ڪيو ويندو. چوٿون طبقو جنهن جو نالو "لظيٰ" آهي، ان جي باري ۾ چيائين تہ ابليس ۽ ان جي پيروي ڪندڙ ۽ سندس دوستن لاءِ آهي. ٽئين طبقي جو نالو "حطمه" آهي. انهيءَ طبقي جي باري ۾ چيائين تہ يهودين جي لاءِ آهي. ٻئي طبقي جي باري ۾ چيائين تہ عيسائين لاءِ آهي. پهريون طبقو جنهن جو نالو جهنم آهي، ان تي نگاه ڪيم تہ ان ۾ ٻين طبقن جي مقابلي ۾ عذاب گهٽ هئا (پر تڏهن به اتي باه جا ستر هزار درياه ڏٺم اهي ايڏا وڏا هئا جو ستن آسمانن ۽ زمينن کي ان ۾ اڇلائجي تہ اهي هڪ هزار سالن کان پوءِ ان جي تري ۾ پهچندا پوءِ جيڪڏهن فرشتن کي چئجي تہ انهن کي تلاش ڪريو تڏهن به ڳولي نہ سگهندا. باه جي انهن دريائن ۾ اهڙيون موجون آهن جو جيڪڏهن انهن جو آواز دنيا وارا ٻڌن تہ ڪوبہ ساه وارو جيئرو رهي نہ سگهي. پيچيم تہ اي جبرئيل! هن ۾ ڪهڙن ماڻهن کي عذاب ڪيو ويندو. دوزخ جي مالڪ ڪنڈ هيٺ نوايو ۽ جواب نہ ڏنائين. وري پيچيم تہ جواب نہ ڏنائين. جبرئيل کي چيائين تہ مون کي ان سوال جي جواب کان معذور سمجهو. مون چيو تہ جيڪي چوٿو اٽئي سو ڇو؟ چيائين تہ اي ٻنهي جهانن جا سردار! توهان جي امت جي نافرمانن کي ان ۾ عذاب ڪيو ويندو. پنهنجي امت کي نصيحت فرمايو تہ اهڙا ڪڌا ڪم نہ ڪن جو کين اهڙو خطرناڪ عذاب پوڳٽو پوي. رسول الله ﷺ جن رُئڻ لڳا. مٿي مبارڪ تان پگڙي لاهي بارگاه الاهيءَ ۾ شفاعت ڪيائون. ڏٺي سڳوري جي دربار ۾ پنهنجي امت جي ڪمزوري ۽ بي طاقتي جي باري ۾ عرض ڪيائون. اهڙي حالت ۾ جو اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا. جبرئيل عليه السلام ۽ ٻين فرشتن پاڻ سڳورن جي ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو. رب ڪريم جي دربار مان آواز آيو تہ اي منهنجا! حبيبا! تون نہ صرف منهنجي نزديڪ آهين، پر تنهنجي وڏي عزت آهي، ان ڪري تنهنجي دعا قبول ڪندس ۽ توکي خوش ڪندس تنهنجي امت جي ايترن گنهگارن کي بخشيندس، جو تون خوش ٿي ويندين ۽ پنهنجي مراد کي پهچي ويندين. قيامت قائم ٿيندي تہ توکي شفاعت جو مقام عطا ڪندس. تنهنجي امت جا ايترا نافرمان بخشي

www.maktabah.org

چڏيندس، جيترا تون چوندين:

وَلَسَوْفَ يُعْطِيكَ رَبُّكَ فَتَرْضَىٰ [1]

[سگهوئي توکي تنهنجو رب عطا ڪندو، پوءِ تون راضي ٿيندين.]

بزرگ فرمائن ٿا تہ جڏهن رسول الله ﷺ جن جنت جون سڀ نعمتون ۽ دوزخ جا عذاب ڏٺا تہ دعا ڪيائون تہ:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَعُوْذُبِكَ بِعَفْوِكَ عَنْ عِقَابِكَ اَیْ بِجَنَّتِكَ مِنْ نَّارِكَ [2]

[اي الله! بيشڪ آءٌ توکان تنهنجي عذاب جي پيٺ ۾، تنهنجي بخشش گهران ٿو يعني توکان دوزخ جي بجاءِ تنهنجي جنت طلب ڪريان ٿو.]

ان کان پوءِ الله تعالي حجاب جو پردو هٽائي، ارشاد فرمايو: تہ اي محمد! بهشت ۽ جنت جي هٽ مان اختيارن جون واڳون واپس ونئي چڏيون اٿم. ٻنهي کي ثواب يا عذاب ڪرڻ کان معزول ڪري چڏيو اٿم. جيڪڏهن بهشت پاڻ نوازي ها تہ آدم عليه السلام کي نوازي ها، يعني ان کي اتان نہ ڪڍي ها ۽ جيڪڏهن باه پاڻ سازي ها تہ حضرت ابراهيم خليل الله کي سازي ها. اها باه نہ بلڪ منهنجي ناراضگي آهي. بهشت جون نعمتون نہ بلڪ منهنجي رضا آهي. پنهنجي رضا کي دوزخ جي باه مٿان اڇلايون تہ گل گلزار ٿي پوي. پنهنجي ناراضگي کي اٿن بهشتن تي اڇلائي چڏيون تہ اهي دوزخ ٿي وڃن. [1]

جڏهن الله تعالي حضرت محمد مصطفي ﷺ تي اها معني ظاهر

---

(1) سورة الضحي آيت : ۵

(2) سنن الدارقطني حديث :۳۵- المستدرک علي الصحيحين حديث :۴۵۰۲- السنن الکبري حديث :۷۹۷۵- شرح معاني الآثار ص۲۳۴ج۱- شعب الايمان ص۳۸۵ج۳- الترغيب والترهيب ص ۲۱۱ج۳-نوادر الاصول في احاديث الرسول ص۱۵۸ج۴

(1) جيئن صحيح حديث ۾ آهي تہ: قال الله تبارک تعالي للجنة انت رحمتي ارحم بک من اشاء من عبادي وقال للنار انما انت عذابي اعذب بک من اشاء من عبادي. الله تعالي جنت کي فرمايو تہ تون منهنجي رحمت آهين. تنهنجي ذريعي پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي چاهيان ٿو رحمت ڪريان ٿو ۽ دوزخ کي فرمايائين، تہ تون منهنجو عذاب آهين تنهنجي ذريعي پنهنجن ٻانهن مان، جنهن تي چاهيان ٿو عذاب ڪريان ٿو.

www.maktabah.org

فرمائي ٿو پاڻ عرض ڪيائون ٿو:

أَعُوْذُبِكَ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ (2)

[تنهنجي رضا وسيلي تنهنجي ناراضگيءَ کان پناه وٺان ٿو.]

پاڻ سڳورا انهيءَ مقام کان اڳتي وڌي ويا ۽ ڪين يقين ٿي ويو ته رضامندي ۽ ناراضگي ۾ صفتون آهن، جيستائين الله تعالىٰ ان کي ظاهر نه فرمائي، کو فعل ظاهر نٿو ٿئي. انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن ڏٺي تعالىٰ جي دربار ۾ فرياد ڪئي ته: أَعُوْذُبِكَ مِنْكَ [اي منهنجا الله! تنهنجي ذريعي توکان پناه وٺان ٿو.]

اي باشعور عزيزا! جاڻ ته اهي بهشت جون سڀ نعمتون ۽ دوزخ جا سمورا عذاب ۽ حالتون آهن. هڪ حق جي وصال جي ۽ ٻي حق جي حرمان يعني محروميءَ جي مطلق مريد لاءِ اهي ٻئي حالتون برابر آهن.

هڪ ڏينهن هن حقيرفقير جي پير دستگير جي مجلس ۾ ڪافي فقير هئا. پاڻ بهشت ۽ ان جي نعمتن جي گهٽي واکاڻ ڪيائون ته اتي حور قصور، سون چاندي، شراب، ماکيءَ، ۽ کير جون نهرون وهن ٿيون. مشڪ، عنبر، زعفران وغيره جا جبل آهن. ٻيون به بيشمار نعمتون آهن. اهڙيون، اهڙيون نعمتون جو جيڪڏهن سڄي ڄمار کو انهن جي صفت بيان ڪري ته به بيان پورو ٿي نه سگهي. مجلس ۾ هڪ درويش به هو انهيءَ چيو ته بهشت جي تعريف ڪهڙي طرح ٿي سگهي ٿي؟ جڳائي ته الله تعالىٰ جي رنگ ۾ بيان فرمايو تان ته طالب ٻڌن ۽ سمجهي سگهن. فورًا فرمايائون ته جيڪي نعمتون بهشتين کي نصيب ٿيندیون، ان جي حقيقت دراصل الله تعالىٰ جي ملاقات ۽ ان جو وصال آهي ۽ الله تعالىٰ جي رحمت کان محرومي، دراصل دوزخ آهي.

---

(2) تفسير ابن كثير ص ۴۴۷ج۴- مسلم حديث : ۴۸۶-صحيح ابن خزيمه حديث :۶۵۴- صحيح ابن حبان حديث :۱۹۳۲ – ترمذي حديث : ۳۴۹۳-مجمع الزوائد ص ۱۱۱ج۱۰- سنن البيهقي الكبري حديث :۶۰۸- سنن الدارقطني حديث :۳۳- ابوداؤد حديث :۸۷۹

www.maktabah.org

شعر

طلب جنان ندارم حقا بغير جانان
ما را نصيب گردان يا رب جمال جانان
در دوزخ ار بدارند بدوست خود چه شوق است
هيهات گر نباشد درخلد رويَ جانان
گر در بهشت آري يا در جحيم باشد
صد شوق ذوق دارد دل باجمال جانان
معني بهشت دوزخ معلوم نيک کردم
دوزخ بهشت باشد در هجر و جمال جانان
در هر مکان که دارند از جان و دل رضاده
"فقري" اگر تو باشي طالب رضائي جانان.

[آءُ بيشڪ، بغير محبوب جي جنت جي بہ طلب نڏو رکان. اسان کي اي رب! محبوب جو جمال نصيب ڪر. جيڪڏهن دوزخ ۾ دوست سان گڏ رکين تہ پوءِ جنت ۾ معشوق جي چهري جو ديدار نصيب نہ ٿئي تہ ڪو غم نہ ٿيندو تہ محبوب بهشت ۾ آهي يا دوزخ ۾. بهشت ۾ آڻين، چاهي دوزخ ۾ آڻين، منهنجي دل ۾ محبوب جي جمال پسڻ جا سوين ذوق ۽ شوق موجود آهن. يعني بهشت ۽ دوزخ کي نيڪ معلوم ڪيم، جو دوزخ، محبوب جو وڃوڙو ۽ بهشت سندس جمال آهي. هر اُها جاءِ جتي محبوب موجود آهي، اي فقيرا! تون پنهنجي دل کي خوش رک جو تون محبوب جي موجودگي سبب، سندس خوشنودي جو طالب آهين.]

قرآن مجيد ٻڌائي ٿو تہ وڏا وڏا نبي سڳورا بہ جنت جا طالب هئا:

وَاجْعَلْنِي مِنْ وَرَثَةِ جَنَّةِ النَّعِيمِ (1)

[اي منهنجا الله! مون کي نعمتن واري جنت جو وارث بناءِ.]

اها حضرت ابراهيم عليه السلام جي دعا آهي. نبي سڳورا اڪثر هيءَ دعا گهرندا هئا:

---

(1) سورة الشعراءَ آيت: ٨٥

www.maktabah.org

اَللّٰهُمَّ اٰتِنَا فِي الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ[2]

[اي الله! اسان کي دنيا ۾ پلائي ڏي ۽ آخرت ۾ به پلائي ڏي. يعني جنت ڏي ۽ باه جي عذاب کان بچاءِ.]

پڻ حديثن ۾ اچي ٿو ته نبي سائين ﷺ جن اصحابن سگهورن کي هيءَ دعا سيکاريندا هئا:

اَللّٰهُمَّ اَسْئَلُكَ الْجَنَّةَ وَاَعُوْذُبِكَ مِنَ النَّارِ[3]

[اي الله! توکان جنت گهران ٿو ۽ دوزخ کان تنهنجي پناه گهران ٿو.]

---

(2) بخاري، مسلم بحواله قرطبي ص ۴۳۳ج۲- صحيح ابن حبان حديث: ۹۳۶ – سنن بيهقي الكبري حديث: ۹۰۷۰- مصنف ابن ابي شيبه حديث: ۲۹۳۰۲- المعجم الاوسط حديث ٦١١٨- مسند ابي يعلي حديث: ۳۳۹۷- مسند عبد بن حميد ص ۳۹۹ ج ۱- شعب الايمان ص ٢٦٦ ج٥ – الادب المفرد للبخاري حديث: ٦٨٢

(3) ابن كثير ص ۲۲۲ ج۲- صحيح ابن خزيمه حديث ۷۲۵- موارد الظمآن حديث: ۵۱۴- سنن ابن ماجه حديث: ۳۸۴۶- مصنف ابن ابي شيبه حديث: ۷۹۷۰ – مسند احمد حديث: ۱۵۸۴- مسند الطيالسي حديث: ۲۰۰ – مسند ابن يعلي حديث: ۷۱۵- جامع العلوم والحكم ص ۴۵۳ ج۲- مستدرک حاکم ص ۳۹۹ج ۱

www.maktabah.org

باب ستون

فتح بابت نبوت ۽ ولايت

جڏهن الله تعالي پنهنجي قدرت ۽ عظمت کي ظاهر ڪرڻ گهريو ته پنهنجي مخلوق مان هڪ ٻانهي کي دنيا ۾ خليفو مقرر ڪيائين. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

وَإِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلَٰٓئِكَةِ إِنِّي جَاعِلٌ فِي الْأَرْضِ خَلِيفَةً [1]

[۽ جڏهن تنهنجي رب چيو ته بيشڪ آءٌ زمين ۾ پنهنجو هڪ خليفو بنائڻ وارو آهيان.]

جمهور مفسرن جي قول مطابق انهيءَ مان مراد حضرت آدم عليه السلام، پوءِ سندس پٽ شيث عليه السلام، پوءِ ادريس عليه السلام، پوءِ نوح عليه السلام، پوءِ ابراهيم عليه السلام ۽ پوءِ محمد مصطفيٰ ﷺ آهي. پر انهيءَ ۾ الله تعالي جي مشيت ۽ مرضي اها آهي، جنهن جو سبب اهوئي ڄاڻي ٿو ته سندس قدرت ۽ عظمت جو اظهار سدائين جاري ساري رهي. انهيءَ ڪري نبين سڳورن جي سلسلي جي خاتمي کان بعد به اهڙا ٻانها پيدا ڪندو رهي ٿو جن جا درجا نبين جي درجن جهڙا آهن. جيتوڻيڪ سيني نبين جا درجا برابر ۽ هڪجهڙا نه آهن. جيئن ارشاد فرمائي ٿو ته:

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ مِّنْهُم مَّن كَلَّمَ اللَّهُ وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجَٰتٍ [2]

[اهي رسول آهن جن مان ڪن کي ڪن جي مٿان فضيلت بخشي سون. انهن مان ڪي آهن، جن سان الله تعالي ڪلام فرمايو ۽ ڪن جا درجا بلند فرمايائين.]

وَهُوَ الَّذِي جَعَلَكُمْ خَلَٰٓئِفَ الْأَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجَٰتٍ [3]

---

(1) سورة البقره آيت: ٣٠

(2) سورة البقره آيت: ٢٥٢

(3) سورة الانعام آيت: ١٦٥

www.maktabah.org

[اهو الله ئي آهي، جنهن توهان کي زمين ۾ خليفو بنايو ۽ توهان مان ڪن جا درجا، ڪن کان بلند فرمايائين.]

هن آخري آيت ۾ خطاب خاص اولياءَ الله کي آهي، جيئن "فتوحات مڪيه" ۽ ٻين ڪتابن ۾ شيخ محي الدين ابن عربي وضاحت ڪئي آهي. نبي ﷺ جن جي حديث آهي تہ:

الْعُلَمَآءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَآءِ(1)

[علماءُ نبين جا وارث آهن.]

۽ ان ۾ ٻہ شڪ نہ آهي تہ اولياءَ الله ئي علماءَ ٿي سگهن ٿا، جيئن حديث ۾ آهي تہ:

مَا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلِيًّا جَاهِلًا(2)

[الله ڪنهن جاهل کي ولي نہ بنايو آهي]

۽ ان ڏس ۾ اصل اهي روايتون آهن، جن جو مضمون هن طرح آهي تہ جڏهن نبي ﷺ جن جو وصال ٿيو تہ زمين پنهنجي رب پاڪ کي ٻاڏايو تہ رب منهنجا! هاڻي تہ قيامت تائين آءٌ نبين سڳورن جي قدمن کان محروم رهجي ويس. رب سائين ارشاد فرمايو تہ توکي خوشخبري هجي، پوءِ بيشڪ آءٌ اهڙا ماڻهو تنهنجي مٿان جانشين بنائيڻ وارو آهيان جن جون دليون نبين سڳورن جهڙيون آهن. انهيءَ ڪري اولياءَ الله کي نبين سڳورن جو خليفو بنايو ويو ۽ الله تعالي هر نبيءَ جي ٻجاءِ امت محمديه مان هڪ ولي مقرر فرمايو.

حضرت مخدوم نوح رح جن فرمايو تہ موسيٰ عليه السلام، الله تعالي کان سوال ڪيو: رَبِّ اَرِنِيْ [منهنجا رب! مون کي پنهنجو ديدار

---

(1) امالي ص ۳۳۰ ج ۱- قرطبي ۷۸،۸۱ ج ۱۱، ص ۳۰۷، ۳۴۸ ج ۱۶- ابن ڪثير ص ۵۵۸ ج ۳- بخاري ص ۳۷ ج ۱- ابن حبان ص ۱۰۱، ۲۸۹، ۲۹ ج ۱- ترمذي ص ۴۸ ج ۵- دارمي ص ۱۱۰ ج ۱- مجمع الزوائد ص ۱۲۶ ج ۱- ابوداؤد ص ۳۱۷ ج ۳- ابن ماجه ۸۱ ج ۱ مسند احمد ص ۱۹۶ ج ۵.

(2) ڪشف الخفاء ص ۲۳۵ ج ۲، امام سخاوي فرمائي ٿو تہ حديث ثابت نہ آهي (المصنوع ص ۱۵۹ ج ۱)

www.maktabah.org

ڪراءِ.] الله ارشاد فرمايو:لَنْ تَرٰنِيْ [تون مون کي هرگز ڏسي نہ سگھندين.] [1]

ان جو سبب هي آهي. جيئن معلوم ۽ مجيل حقيقت آهي تہ هر نبي ولي آهي ۽ جيڪا ولايت باقي نہ رهي ان جو وجود نہ آهي ۽ بغير بخت جي فنا نصيب نہ ٿيندي آهي. اهو ئي سبب آهي تہ جڏهن موسيٰ عليه السلام، الله تعاليٰ جي ديدار جي درخواست ڪئي تہ جواب مليو تہ "مون کي هرگز ڏسي نٿو سگھين." حضرت صاحب جن فرمايو تہ تجلين جا ڪيترا ئي قسم آهن. نشانن ۽ علامتن جي تجلي، افعالن ۽ ڪمن جي تجلي، صفتن جي تجلي ۽ ذاتي تجلي. حضرت موسيٰ عليه السلام کي ڳالهائڻ جي تجلي حاصل ٿي هئي. پوءِ جڏهن مشاهدي جي تجليءَ جي تقاضا ڪيائين تہ الله تعاليٰ منع فرمائي. ڇاڪاڻ تہ اهو مقام محبوب رب العالمين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ لاءِ خاص آهي. موسيٰ عليه السلام "محب" جي مقام تي هو ۽ ان مقام کان "محبوب" جو مقام افضل آهي. جيڪو رسول الله ﷺ جن جي متابعت ۽ پيرويءَ سان حاصل ٿئي ٿو. جيئن الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ [2]

[چؤ جيڪڏهن توهان الله سان محبت ڪريو ٿا تہ منهنجي پيروي ڪريو الله تعاليٰ توهان سان محبت ڪندو.]

ڇاڻڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ اولياءَ الله جي پيٺ ۾ نبين ۽ رسولن جا درجا ۽ مقام بلند فرمايا آهن. اولياءَ الله جا احوال پيغمبر جي ماتحتي ۾ هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ولايت جو جيڪو سپ ڪان مٿانهون مقام آهي. اتان نبوت جي شروعات ٿئي ٿي ۽ سمورا نبي سڳورا ولي هوندا آهن. پر ڪو ولي نبي نہ ٿيو آهي جو ان مان انبياءَ عليهم السلام وانگر بشري صفتن جي نفي هجي. پڻ ولايت، نبوت کان اڳاري ونبي آهي، يعني نبوت يا رسالت جي محتاج هوندي آهي.

پڻ اولياءَ الله جا جيڪي احوال معلوم ٿين ٿا انهن مان ثابت ٿئي

---

(1) سورة الاعراف آيت : ۱۴۳

(2) سورة آل عمران آيت : ۳۱

www.maktabah.org

ٿو تہ انهن جا خيالات حجابن ۾ هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ الله تعالي پنهنجن نبين سڳورن جا درجا مخصوص فرمايا آهن ۽ اولياڻن کي انهن جي ماتحت ۽ تابع ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ رسول ڪريم ﷺ کان اڳ نبي سڳورا هئا ۽ سندس وصال کان بعد ولي آهن. انهيءَ اعتبار سان اولياءَ الله اڳين نبين جا وارث ۽ جانشين آهن. حضرت خاتم الانبياءِ کان اڳ جڏهن نبوت ۽ رسالت جو حڪم هلندو هو ۽ نبي سڳورا ايندا رهندا هئا، تڏهن ڪنهن شخص دان عام عادتن ۽ ضابطن جي ابتڙ کو عظيم واقعو ظاهر ٿيندو هو تہ ان کي نبي سڏيندا هئا. پر پاڻ سڳورن کان بعد جيڪڏهن ڪنهن کان اهڙا واقعا ظاهر ٿين ٿا تہ ان کي "ولي" چوندا آهن. نبي ۽ ولي ۾ هڪ فرق اهو بہ آهي تہ جيڪڏهن اهڙا واقعا نبين کان ظاهر ٿين تہ ان کي "معجزو" ۽ اولياءَ الله کان ظاهر ٿين تہ ان کي "ڪرامت" چوندا آهن. پر معجزو ۽ ڪرامت معنوي اعتبار سان متحد يعني هڪ آهي. جيتوڻيڪ انهن جون صورتون جدا جدا هونديون آهن، ڇاڪاڻ تہ الفقراءُ كنفس واحدة (فقير هڪ شخص وانگر هوندا آهن).

بيت

انبياءَ و اولياءَ را حق بدان　　سر حق را كرده ام عيان

[نبين ۽ ولين کي برحق ڄاڻ، حق جو راز توتي واضح ڪيو اٿم.]

اولياءَ الله جي جماعت نبين سڳورن جي وارث ۽ جانشين آهي. جيئن پاڻ سڳورن جو ارشاد آهي تہ: اَلْعُلَمَآءُ وَرَثَةُ الْاَنْبِيَآءِ [علماءَ نبين جا وارث آهن.]

الشيخ في قومه كالنبي في امته (1)

[شيخ ائين آهي، جيئن پنهنجي امت ۾ نبي هوندو آهي]

ان جي شرح ۾ فرمائي ٿو تہ نبين سڳورن کان پوءِ الله تعالي اولياءَ الله کي منتخب ڪري ۽ انهن کي هدايت جي واٽ ڏيکارڻ لاءِ چونڊي ٿو

---

(1) اها حديث نہ آهي: (ميزان الاعتدال ص ٢٤٤ج ٦، فيض القدير ص ١٦٥ ج ٤، لسان الميزان ص ١٨٣ ج ٣، تهذيب التهذيب ٢٦٣ج ٦، المجروحين ص ٣٢ ج ٣) يعني حديث نہ پر ڪن صوفين جو قول آهي، جنهن کي حديث ظاهر ڪن ٿا

www.maktabah.org

۾ انهن کي باطل کان حق ڏانهن آڻي ٿو ۾ انهن تي حقائق ۽ دقائق ظاهر فرمائي ٿو. چاڪاڻ ته نبين کان بعد اولياءَ الله ماڻهن کي حق جي دعوت ڏين ٿا. خلق خدا انهن کان هدايت وٺي ٿي. ۾ اهي انسانن کي باطل کان هدايت ڏانهن آڻين ٿا ۾ انهن تي حقائق ۽ دقائق کولين ٿا ۾ حقيقت کي واضح ڪن ٿا. انهيءَ ڪري الله تعالي انهن کي نبين جو جانشين مقرر ڪيو آهي. تان ته حق تعالي جون نشانيون ۽ حضرت محمد مصطفي ﷺ جن جي سچائيءَ لاءِ لڳاتار دليل ظاهر ٿيندا رهن. انهيءَ ڪري الله پاڪ کين ولايت جي سعادت سان نوازيو. جيئن سندن دم قدم سان دنيا جو نظام هلندو رهي. سندن پاڪ وجود سبب آسمان تان بارش لهندي آهي ۽ زمين مان پيداوار ٿيندي آهي. مسلمانن کي ڪافرن تي سوپ ٿيندي آهي ۽ باطل پرست ماڻهو هدايت تائين پهچندا آهن.

اولياءَ الله سڀ چار هزار آهن. اهي هڪ ٻئي کي نٽا سڃاڻن حالات جو اجمال نٽا ڄاڻن. هر وقت پاڻ کان ڳجها رهن ٿا. جيڪي ڪائنات جو نظام هلائن ٿا ۽ ڏٺيءَ سڳوري جا نمائندا آهن اهي ڪل ٣٦٠ آهن. انهن مان جيڪي شهيد آهن تن کي "اخيار" چون ٿا. اهي هڪ جسم وانگر آهن. انهن مان ابرار چار آهن. اوتاد پنج آهن. نقباءَ ٽي آهن. قطب ۽ غوث هڪ آهي. ابدال ٽي آهن. جيڪڏهن دنيا ۾ ڪو حادثو ۽ آفت اچي ته انهن ٽن سو اولياءَ الله کان دعا جي درخواست ڪرڻ گهرجي. قبول نه پوي ته چار ڄڻا ٻيا آهن جن جي دعا قبول پوي ٿي. انهن کان دعا گهرائجي. جيڪڏهن انهن جي دعا به قبول نه ٿئي ته انهن ۴۰ کان دُعا گهرائجي انهن جي به قبول نه ٿئي ته انهن ستن ڄڻن کان دعا گهرائجي. نه ته پوءِ انهن پنجن ڄڻن کان دعا گهرائجي. پوءِ ٽن ڄڻن کان دعا گهرائجي نه ته قطب ۽ غوث کان دعا گهرائجي. پوءِ بيشڪ هر صورت ۾ ان جي دعا قبول پوي ٿي ۽ رد نٿي ٿئي. چاڪاڻ ته اهو رب العالمين طرفان سندن وڪيل ۽ خليفو مقرر آهي ۽ ان جي معجزي جهڙي زبان ۾ "ڪن فيڪون" جهڙو اثر هوندو آهي.

سبحان الله! ڪڏهن ڪڏهن هن فقير حقير جا پير دستگير نورالله مرقده فرمائيندا هئا ته الله تعالي هن فقير کي "ڪن فيڪون" کان به

www.maktabah.org

مٿي ولايت، منزلت ۽ ڪرامت جا ڇوڏهن وڏا درجا ۽ مرتبا عطا فرمايا آهن. اهي اهڙا مرتبا آهن جو انهن کي ڏسي ماڻهو حيرت ۾ پئجي ويندا آهن. ولايت جي تصرف جي باري ۾ پڇيو ويو. ڇيائون ته الله تعالي فرمائي ٿو ته:

وَأَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ[1]

[۽ پنهنجي رب جي نعمت کي بيان ڪر.]

اهي مرتبا، درجا ۽ منزلون جنهن کي عطا ٿيل هوندا آهن اهي پنهنجي مالڪ کي سڃاڻندا آهن ۽ هڪ ٻئي کان بہ واقف هوندا آهن ۽ ولي انهن کي ڄاڻندا آهن ۽ معاملن ۾ هڪ ٻئي جا محتاج هوندا آهن ۽ نبين کان بعد اهي ئي دنيا جهان وارن ۾ سڀ کان وڌيڪ افضل ۽ ماڻهن جو مرجع ۽ مقصود هوندا آهن ڇاڪاڻ ته انهن جي ذريعي ئي مخلوق جي پرورش ٿي رهي آهي. جيئن ڇيو ويو آهي ته: لَوْلَا الصَّالِحُوْنَ لَهَلَكَ الطَّالِحُوْنَ يعني جيڪڏهن صالح ماڻهو نہ هجن ها ته طالح يعني غير صالح ماڻهو هلاڪ ٿي وڃن ها.

سلطان المشائخ ابراهيم ادهم کان نقل آهي ته اوليائن جو ظهور ماڻهن جي فائدي لاءِ ۽ انهن جو ڳجهو هٿ سندن مرتبي جي ڪمال لاءِ آهي. اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي ڄاڻن ٿا ۽ ماڻهو بہ انهن کي ڄاڻن ٿا ته اهي الله جا ولي آهن. ڪي وري هڪ ٻئي کي ڄاڻندا آهن پر ماڻهو انهن کي نہ ڄاڻندا آهن. ڪي پاڻ کي نٿا ڄاڻن پر مخلوق انهن کي ڄاڻي ٿي. ڪي رجال الغيب پنهنجي باري ۾ ڄاڻ نٿا رکن ته کين مقام قبوليت ۽ حقائق جا اسرار معلوم آهن حالانڪ انهن جي ڪمال جي باري ۾ فرمايو ويو آهي ته:

إِنَّ أَوْلِيَائِيْ تَحْتَ قَبَائِيْ لَا يَعْرِفُهُمْ غَيْرِيْ[2]

[منهنجا دوست منهنجي قبا جي هيٺان آهن، کين مون کان سواءِ ڪو نٿو ڄاڻي.]

اوليائن جي اها جماعت ظاهر هوندي آهي ۽ دنيا انهن سان پريل آهي، اهي دنيا لاءِ امن ۽ پناه آهن.

---

(1) سورة الضحي آيت: ١١

(2) التعاريف ص ٦٧٦ ج ١- التعريفات ٥٢٩٥ج١

www.maktabah.org

الله تعالي جي بارگاھ ۾ سدائين حاضر رھندڙ مصيبت جي ماريلن جي فرياد ٻڌندڙ رڻ پٽ، بيابانن، جبلن ۾ رلندڙن کي وات ڏيکارينڊڙ دلجوئي ڪندڙ قيدين کي ڇڏائيندڙ هلاڪت جي ويجھو پھچندڙن کي تسلي ڏيندڙ آھن. جن ماڻھن جي باري ۾ الله تعالي جو امر ٿيندو آھي، انھن کي خواب ۾ يا واقعات جي دنيا ۾ اچي نجات يا مراد ماڻڻ ۾ مشڪلات حل ٿيڻ جي خوشخبري ڏيندا آھن. حضرت خضر عليه السلام جي مددگارن جي اھا جماعت گھٽي تعداد ۾ آھي، چاھي اُھي ظاھري ملاقات ۾ نظر اچن يا نہ اچن. هر شخص قطب جي انھيءَ مرتبي کي ڇڪي طرح تسخير ۽ تعمير نڻو ڪري سگھي. ڇاڻڻ گھرجي تہ سندن اھو مقام ۽ مرتبو ڪھڙو آھي، جنھن کي تعمير ۽ تسخير ڪرڻ گھرجي ۽ ان جو راز ۽ اسرار ڪيستائين آھي؟ اھو مرتبو هي آھي تہ ابدال جي ڪوشش سندن هلت ۽ همت مطابق هوندي آھي. ڪي مرتبا نفيءَ جا آھن. ٻيو گروه ابدال جو آھي. جيڪي چاليھ آھن.

قَالَ النَّبِيُّ ﷺ لَايَزَالُ اَرْبَعُوْنَ رَجُلًا مِّنْ اُمَّتِيْ قُلُوْبُهُمْ عَلٰى قَلْبِ اِبْرَاهِيْمَ يَدْفَعُ اللّٰهُ بِهِمْ مِنْ اَهْلِ الْاَرْضِ الْبَلَايَا يُقَالُ لَهُمُ الْاِبْدَالُ (1)

[نبي ﷺ جن فرمايو تہ منھنجي امت ۾ سدائين ۴۰ ڄڻا اھڙا رھندا، جن جي دل ابراهيم عليه السلام جي دل وانگر هوندي، انھن جي ذريعي الله تعالي زمين وارن جون مصيبتون دور ڪندو. انھن کي ابدال چيو ويجي ٿو.]

ابدالن کي بدن جي تسخير، تعمير جي طاقت کان سواءِ زمين جا خزانا، هيرا جواھر ۽ نفيءَ جي ڪمن ۾ اثر ۽ قوت حاصل آھي ۽ اھي انساني دلين کي پاڪ ڪن ٿا ۽ قلب جي ڪٽ ۽ ڪُنڊ کي دور ڪري ان کي صاف ڪن ٿا. چوليون ھٽندڙ درياھ جي اوندھين ۽ طوفاني مصيبتن

(1) هن حديث جي تحقيق اھا آھي تہ ان جو راوي حضرت ابن مسعود رضي الله عنه بيان ڪيو ويجي ٿو: المعجم الكبير ص ۱۰- نوادر الاصول في احاديث الرسول ۹۷ج ۲- كشف الخفا ص ۲۵ ج ۱- الفردوس بماثور الخطاب ص ۱۸۷ج ۱- عون المعبود ص ۱۵۱ ج ۸- فيض القدير ص ۱۶۷ ج ۳- حلية الاولياء ص ۱۷۳ ج ۴- لسان الميزان ص ۱۵۰ ج ۴، مجمع الزوائد ص ۶۳ ج ۱۰) امام هيثمي چوي ٿو تہ آءٌ انھيءَ حديث ۾ ۽ راوي نڻو سجاڻان، يعني غير معروف يا اڻ ڄاتل آھن.

www.maktabah.org

کي مبارڪ نور ۾ مَٽائي ڇڏين ٿا. انساني جسم جي عضون، قوتن ۽ شخصيت جي تعمير ڪن ٿا.

کين سرالاسرار حاصل هوندو آهي، جيڪا "اخيار" جي خاصيت آهي. نفس، دل ۽ روح جي سرچشمي مان سيراب ٿين ٿا. اها ڳالهه حضرت خضر سان ملاقات جو ظاهري سبب آهي. اولياٸن جو هڪ گروه اهو آهي، جنهن کي "سياح" چون ٿا. اهي سدائين سير ڪندا رهن ٿا. اهي ست ڇٽا آهن. سدائين سير سياحت، وجد ۽ ذوق ۾ رهن ٿا. جنهن سان کين حق جو مشاهدو ٿئي ٿو. جيئن خواجه منصور جا احوال آهن، اهي بحر ۽ بر ۾ غوطا هڻندڙ رسوائيءَ جي ميدان ۾ رقص ڪندڙ ازلي سعادت حاصل ڪندڙ بيقرارن کي توفيق ڏيندڙ علم ۽ عمل جا نتيجا عطا ڪندڙ حاجتون قبول ڪندڙ آستاني تي سدائين رهندڙ ۽ ڪعبي جي مجاوري ڪندڙ آهن، درجا ڏيندڙ آهن، هر پريشان حال جي ڪمن جي رهنمائي ڪندڙ ۽ خلق جي سمورن خطرن جي مشڪل ڪُشائي ڪندڙ آهن. شاعر چوي ٿو:

رباعي

آن قزم که خلق را فرياد رسند
در وقت فروماند چون باد رسند
در معرکه داد بي داد رسند
سياحانند آنگه در شاد رسند.

[اُها قوم جيڪا خلق خدا جي فرياد تي پهچي ٿي، بيقرار ۽ پريشان حال ماڻهن جي مدد لاءِ هوا وانگر پهچندڙ آهي. حق ۽ باطل جي معرڪي ۾ انصاف لاءِ پهچي ٿي. اهي "سياح" (سير ڪندڙ) اولياءَ آهن، جيڪي اُن وقت خوشيءَ سان داد رسيءَ لاءِ پهچندا آهن.]

اهي ماڻهو اڪثر سمنڊ جي حزيرن، سمنڊ جي ڪنارن جي سير سياحت ڪن ٿا. انهن جو مددگار ۽ قطب حضرت الياس عليه السلام آهي. اهي دين جي هدايت، پنهنجي جسم جي تسخير، نفس جو تزڪيو، راز ۽ اسرار جي آگاهي، روح جي صفائي ڪن ٿا ۽ انهيءَ ميدان ۾ جياپو حاصل ڪن ٿا. انهن ۾ مَلڪوتي يعني فرشتن واريون صفتون آهن. اها جماعت ولايت جي وچين مقام تي آهي. سندن دليون حضرت ابراهيم

www.maktabah.org

عليه السلام جي دلين وانگر آهن. كما قال عليه السلام: وهم سبعة قلوبهم علي قلب ابراهيم [اهي ست ڇڻا آهن انهن جون دليون ابراهيم عليه السلام جي دلين وانگر آهن.]

اوليائن جي ان جماعت کي جن جون سڃيون صفتون مٿي بيان ٿيون ابدال ۽ سياح چون ٿا. اهي اڃا واٽ ۾ آهن. اهي بلند مقامن ۽ درجن جون هيناهيون ۽ مٿاهيون نٿا سڃاڻن. مخلوق خدا کي اڃا سڏي واٽ ڏيکارينڊڙ نه آهن. پر منجهن اها قوت ضرور آهي ته هر هنڌ ايندڙ ويندڙ جي مدد ڪن. غفلت ۽ هلاکت جي گهڙين کان ماڻهن کي آگاهي ڏئي الله تعالي جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ لاءِ مشغول ڪن ٿا. مگر معارف ۽ حقائق، الله تعالي جي ذات ۽ صفات ۾ اٽپورا ۽ اڻ واقف آهن. پوءِ ٻين جي رهبري ڪيئن ڪري سگهندا؟

اوليائن جي چوٿين جماعت اها آهي، جنهن کي "اوتاد" چون ٿا. جيڪي سلوڪ جون منزلون مڪمل ڪري هدايت جي واٽ ڏيکارينڊڙ آهن. لغت ۾ "وتد" جي معني آهي ڪوڪو ڪِيل. سندن ان نالي جو سبب هي آهي ته دنياوي نظام هلائڻ لاءِ انهن جي حيثيت مرڪز ۽ بنياد جي آهي. يعني هن جهان جو قوام، استحڪام ۽ دين، دنيا جو انتظام انهن جي هٿن ۾ آهي. بلڪل ائين جيئن زمين جي مٿان جبلن جون ميخون آهن جن جي باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو ته: وَالْجِبَالَ أَوْتَادًا يعني ڇا اسان جبلن کي ميخون نه بنايو؟ رازدارن جي وصال جا دروازا انهن لاءِ کليل رهن ٿا. دنيا جون فائديمند نعمتون انهن جي وجود سان قائم آهن. "مقام ايام" ۽ "جمع الجمع انجام" ڏانهن ترقي ۽ نزول انهن جو ڏمو آهي. اڪيلائپ جا هنڌ، رازن جون جايون، انس ۽ محبت جا مهمان خانا، مقدس مقامات انهن جي منزل آهي. شاعر چوي ٿو:

رباعي

اي محرم خاصه اوتاد شده
و از مهر تو بود، همه برباد شده
گم گشته خويشتن و جان هستند
با ياد توش ياد خود از يار شده

www.maktabah.org

[اي اها هستي جيڪا خاص رازدار يعني اوتاد ٿي. تنهنجي مهرباني ۽ جي ضرورت آهي، جو سڀ برباد ٿي چڪو. پاڻ ڪان بيخبر، پر ٻين لاءِ جان وانگر آهين. تنهنجي ياد ڏيارڻ سان مون کي پنهنجو يار ياد اچي ٿو.]

اهو گروه عظمت ۾ ڪنهن کان به گهٽ نه آهي، ۽ هن گروه جي جماعت جو آخري درمياني مقام آهي. انهن جي دل حضرت جبريل عليه السلام جي دل وانگر آهي. جيئن روايت ۾ آهي ته: وهم خمسة قلوبهم علي قلب جبرئيل، يعني اهي پنج آهن، جن جون دليون جبريل عليه السلام جي دلين وانگر آهن.

اوليائن جو پنجون گروه "قطب" آهي. اهي ٽي ڇٽا آهن: پهريون، آخري ۽ وچون. دنيا ۽ آخرت انهن جي نور سان روشن آهي. مرتبن، مقصدن ۽ مطلبن تائين رسائي انهن جي برڪت سان ٿئي ٿي. انهن جي وجود مبارڪ سان بلند مقام حاصل ٿين ٿا ۽ مصيبتون ٽرن ٽيون. ان جو راز هيءَ آيت آهي:

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَأَنْتَ فِيهِمْ (1)

[۽ جيڪڏهن تون انهن ۾ هوندين ته الله تعالي انهن کي عذاب نه ڪندو.]

اولياءَ الله به انهيءَ آيت جا مصداق ۽ مستحق آهن، ڇاڪاڻ ته سرڪار ڪائنات ﷺ جن جي فيض ۽ برڪتن جا حقيقي علمبردار آهن. جيئن پاڻ سڳورن جو وجود مسعود سندن قوم لاءِ عذاب کان بچڻ جو سبب هو تيئن اولياءَ الله جو وجود سندن قوم جي حفاظت ۽ نجات جو سبب آهي. ڇاڪاڻ ته الله تعالي جو فيض مخلوق تائين پهچائين ٿا. اهي حضرت قطب الاقطاب کان فيض وٺن ٿا ۽ عوام تائين پهچائين ٿا. اتان هوام يعني زمين جي ڪيڙن مڪوڙن ۽ ڪينئن بلڪ نباتات، حيوانات، جمادات ۽ خشڪ مادن، تانجو حيوانن جي وارن جي حسن جي به پالنا ڪندڙ آهن. انهن جو نشان آهي ته:

---

(1) سورة الانفال آيت: ٣٣

www.maktabah.org

لَاِلَى اللّٰهِ تُحْشَرُوْنَ[1]

[پڌو! اهي الله ڏانهن گڏ ڪيا ويندا]

سنڌن ئي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّالَّذِيْنَ هُمْ مُّحْسِنُوْنَ ﴿١٢٨﴾[2]

[بيشڪ الله تعالي انهن سان گڏ آهي، جيڪي پرهيزگاري ۽ احسان ڪن ٿا.]

رباعي

آنانكه انيسان وصال اند وصال
از خلق غني دران جمالند جمال
ماضي و مضارع شده شان غرق حال
از فرط فنا دران جلالند جلال

[جيڪي وصال جي دولت سان نوازين ٿا. اهڙو وصال جو پاڻ خلق کان بي پرواه آهن، پر الله جي جمال ۾ مست آهن اهڙو جمال، جو سنڌن شان ماضي مضارع ٿي ويو ۽ حال ۾ غرق آهن. فنا جي گهٽائيءَ جي ڪري سندس جلال ۾ گم آهن.]

اهي ٽئي قطب هدايت جي واٽ ڏيکارڻ جي مقام تي فائز آهن، جن جي دل ميڪائيل عليه السلام جي دل وانگر آهي جيئن روايت آهي: وله ثلاثة قلوبهم علي قلب ميكائل، يعني سندس ٽي ساڻي آهن، جن جون دليون ميڪائل عليه السلام جي دل وانگر آهن.

ڇهون عظيم طبقو اهو آهي، جنهن کي "قطب الاقطاب" چئجي ٿو. سندن "غوث" دنيا لاءِ سج وانگر آهي ۽ بغير ڪنهن واسطي جي رسول الله ﷺ کان فيض پرائي ٽنهي قطبن کي پهچائي ٿو ۽ اتان مٿي بيان ڪيل ترڪيب مطابق فيض مخلوق تائين پهچي ٿو. سندس ذات دنيا جهان لاءِ دل نہ، بلڪ جان آهي. منجهس جيڪي ڪمالَ ۽ چڱايون آهن، سي بيان ڪري نٿيون سگهجن ۽ نہ لکت ۾ اچي سگهن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ سندس

(1) سورة آل عمران آيت : ١٥٨

(2) سورة النحل آيت : ١٢٨

www.maktabah.org

ڪمال جي جيڪا بہ وصف تقرير يا تحرير ۾ آڻبي سا هڪ معمولي نقطو هوندي. اهي زمين، آسمان جو محور ايمان جي ارڪانن جي دائري جو مرڪز امن و امان جو سرچشمو انسانن ۽ جنن لاءِ سڄ ۽ هر دل ۽ جان جي حياتيءَ جي حفاظت ڪندڙ آهن. جيڪڏهن هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ سندن فيض ونڊ ۽ فيض ورهائڻ جي عمل کي معطل ڪجي تہ نہ حقيقت لينديءِ نہ مجاز سمجهہ ۾ ايندو. هر شخص کي قطب ميسر نٿو ٿئي. پر خواب يا واقعن جي دنيا ۾ رسول الله ﷺ جن جو ڪو قول يا فعل ڪين معلوم ٿيندو آهي. ان شخص ۽ حضرت قطب جي خليفن درميان صحبت حاصل ڪرڻ ۽ مخاطب ٿيڻ لاءِ ڪو واسطو وڙو نہ هوندو آهي. سچي سالڪ جي توجه ۽ ڪامل شيخ جي اشاري سان منجهن خودبخود تصرف جي قوت پيدا ٿيندي آهي. قطب فرشتن جي دنيا ۾ آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ اهڙا تصرف ۽ عمل دخل اتي ئي پورا ٿين ٿا. انهيءَ قطب جنهن کي "غوث" چون ٿا، ان جو مقصد حياتي بخشڻ آهي. پنهنجي زماني ۾ زنده دل ماڻهن لاءِ روح جي حيثيت رکندو آهي ۽ ان جو حقيقي رتبو دنياوي خليفن کان ڳجهو هوندو آهي. ان سلسلي ۾ شاعر چوي ٿو:

رباعي

آنانکه خود نقطه اند در روزگار
نشان شد جمله خلق را زنهار
هم غوث خلائق اند هم مرکز در وي
مقصود زمين اند زمان ليل و نهار.

[اهي هستيون جيڪي دنيا ۾ مرڪزي نقطو آهن، خبردار! اِهي سموري مخلوق لاءِ نشان جي حيثيت رکن ٿيون. اهي مخلوق لاءِ غوث بہ آهن، ۽ مرڪز بہ. رات ڏينهن زمين ۽ زمان جو مقصود آهن.]

حضرت " قطب الاقطاب" وڏي ۾ وڏي درجي جو صاحب آهي. ڪي چون ٿا تہ آخري، وڏي ۾ وڏي مقام جو صاحب آهي ۽ اهو هڪ عظيم مقام آهي. رسول الله ﷺ جن جي اولاد ۽ اصحابن مان جن بغير واسطي جي تربيت حاصل ڪئي، اهو مقام انهن کي حاصل ٿيندو آهي. حضرت سيد المرسلين، خاتم النبين ﷺ جن لاءِ جيڪي عظيم مرتبا

www.maktabah.org

مخصوص آهن، اهي پاڻ سڳورن حي ولايت جي شروعات جا آهن ۽ اها ولايت سندن رسالت جي وچ ۾ آخر ۾ آهي. ڪي چون ٿا ته رسول الله ﷺ جن جي ولايت عظمي اولين ولايت آهي، جنهن ۾ امير المؤمنين علي بن ابي طالب جي ولايت ۽اخل آهي. جيئن فرمايو ويو آهي ته:

اَنَا مَدِيْنَةُ الْعِلْمِ وَعَلِيٌّ بَابُهَا[1]

[آءُ علم جو شهر ۽ علي ان جو دروازو آهي.]

حضرت صديق اڪبر جي ولايت به ڪمال جي مرتبي ۾ داخل آهي.

قطب الاقطاب جو قلب، اسرافيل عليه السلام جي قلب وانگر آهي، جيئن روايت ۾ آهي:

وَلَهٗ قَلْبٌ وَاحِدٌ عَلٰى قَلْبِ اِسْرَافِيْلَ

[ان جو هڪ ساڻي آهي، جنهن جي دل اسرافيل عليه السلام جي دل وانگر آهي.]

سندن وصفن مان هڪ وصف هي ۽ آهي ته اهي زندگيءَ جي

---

(1) هن حديث جي باري ۾ عالمن ۾ اختلاف آهي، ڪن وٽ ثابت آهي، ڪن وٽ ثابت نه آهي. امام حاڪم چوي ٿو ته هن حديث جي سند صحيح آهي: (مستدرڪ حديث :٤٦٣٧، ٣٩-٤) امام قرطبي جوي ٿو ته حديث باطل آهي: (تفسير قرطبي ص٣٣٦ج٥) امام هيثمي چوي ٿو ته حديث ضعيف آهي: (مجمع الزوائد ص ١١٤ج٩) حافظ ابن عبد البر هن حديث کي بيان ڪري ان جهڙي بي حديث بيان ڪري ٿو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته اصحابن سڳورن ۾ سڀ کان وڌيڪ صحيح فيصلو ڪندڙ علي بن ابي طالب آهي. گڏوگڏ حضرت علي سائين جي شان ۾ ساڳيو قول سيدنا عمر فاروق جو به بيان ڪري ٿو: (الاستيعاب : ١١٠٢ج٣) حافظ ابن حجر مٿيون ٻئي روايتون بيان ڪرڻ کان پوءِ تائيد ۾ وڌيڪ به روايتون بيان ڪري ٿو. هڪ حديث خود علي سائين جي آهي ته حضرت محمد مصطفي ﷺ جن مون کي قاضي ڪري يمن موڪلڻ جو فيصلو فرمايو. مون عرض ڪيو ته اي الله جا رسول سڳورا! آءُ ته فيصلو ڪرڻ نٿو ڄاڻان. پاڻ منهنجي سيني تي هٿ هڻي، دعا ڏنائون ته اي الله! سندس دل کي هدايت بخش ۽ سندس زبان کي سڌي ڳالهه تي قائم رک. حضرت علي سائين فرمائي ٿو ته ان کان پوءِ مون کي ڪڏهن ٻن جڻن ۾ صحيح فيصلي ڪرڻ ۾ ڪو شڪ، شبهو نه ٿيو ۽ پڙ حضرت عمر رضه جو قول نقل ڪري ٿو ته آءُ انهيءَ مشڪل معاملي کان الله جي پناه وٺان ٿو جڏهن علي بن ابي طالب نه هجي: (تهذيب التهذيب ص ٢٩٦ ج٧)

www.maktabah.org

سمنڊ جو سرچشمو آهن. منجهن حياتيءَ جي ڪمال جون سڀ صفتون جمع آهن. چاهي زندگي ظاهري هجي يا باطني. اسرافيل عليه السلام، الله تعالي جي حياتيءَ جي صفتن جو مظهر آهي. ساڳيءَ ريت اولياءَ الله جو اهو گروه مهرباني ۽ ٻاجهه ڪرڻ ۽ بلند درجن تي پهچائڻ لاءِ مخصوص آهي. رياضتن ۽ مجاهدن جون برڪتون يا الله تعالي جي ذات ۽ صفات جون پلايون، سندن شان ڪبريائي، سندن جلال ۽ جمال جا جلوا، ان جي ربوبيت جا اثر ۽ علامتون ۽ خاصيتون ڏسندڙن کي انهن ولين جي آئيني ۾ نظر ايندیون آهن.

ڄاڻڻ گهرجي ته ولي اهو آهي، جيڪو عارف بالله هجي. الله تعالي جي ذات ۽ صفات کان آگاه هجي. اهو عظيم مرتبو ان وقت حاصل ٿيندو آهي جڏهن سالڪ سدائين الله ۽ رسول جي پيروي ڪندو، منع ڪيل ڪمن کان پاڻ کي بچائيندو، نفس پرستيءَ کان پاسو ڪندو، دنيا جي مختصر مال، اسبابن تي قناعت ڪندو، گهٽ ڪائيندو، گهٽ سمهندو، گهٽ ڳالهائيندو، سادو پائيندو. جيڪي عزيمت جا ڪم آهن يعني جن تي اولوا العزم نبي سڳورا عمل ڪندا آهن (مثلاً فرائض ۽ واجبات ۽ سنن سان گڏوگڏ نوافل و مستحبات تي عمل ڪرڻ) ۽ جن ڪمن جي رخصت آهي اهي به نه ڇڏي اهڙي طرح نفس کي مسخر ڪري تان ته دنيا کي روشن ڪندڙ ولايت جو سج ان جي لاءِ مسخر ٿئي ۽ بشري وجود گم ڪري وصال جي نور جي سمنڊ ۾ غرق ٿئي.

يَهْدِي اللَّهُ لِنُورِهِ مَنْ يَشَاءُ (1)

[جنهن کي الله تعالي چاهي تو پنهنجي نور ڏانهن هدايت عطا فرمائي تو.]

ولايت ۽ نور هدايت ڪامل مرشد ڪانسواءِ حاصل نه ٿيندو آهي.

رساله قشيريه ۾ آهي ته الولي له معنان احدهما فعلي بمعني مفعول وهو ان يتولي الله امره قال الله تعالي: وهو يتولي الصالحين فلا يكله الي نفسه لحظة بل يتولي الحق سبحانه رعايته والثاني فعيل مبالغة من الفاعل وهو الذي يتولي عبادة لله تعالي فعبادته تجري علي التوالي من غير ان يتخيل

(1) سورة النور آيت: ٣٥

www.maktabah.org

لها عصيان وكلا وصفين واجبا حتي يكون وليا بحسب قيامه لحقوق الله تعالي۔ فيكون له الاستقصاء والاستيفاء ودوام حفظ الله اياه في السراء والضراء و منهم من شرط للولي ان يكون فيه كمالان من شرط النبي ان يكون معصوما و متبعا للشرع. فكل من كان للشرع عليه اعراض فهو مغرور مخادع.

[ڪامل ولي اهو آهي، جنهن ۾ ٻہ صفتون هجن: هڪ مفعول جي معنيٰ ۾ يعني پنهنجي هر معاملي ڪي الله تعالي جي ۽ اتحت ڪري جيئن قرآن مجيد ۾ آهي تہ "الله نيڪن جو نگران آهي." تنهن ڪري، وليءَ ڪي سندس نفس جي حوالي نٿو ڪري. ٻي معنيٰ مطابق فعيل جي وزن تي، فاعل مان مبالغي جو صيغو آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ، ٻانهو پنهنجي عبادت ۾ اطاعت ڪي فقط الله تعالي لاءِ خالص ڪري. اهڙي طرح جو سندس عبادت مستقل ۽ متواتر هجي. ڪنهن ٻہ قسم جي نافرماني نہ ڪري جو اهو تسلسل ٽٽي ۽ ٻنهي صفتن جو ٿئڻ واجب آسي. جڏهن اهي ٻئي صفتون منجهس پيدا ٿيندیون تہ پوءِ اهڙو ولي ٿي ويندو جيڪو حقوق الله جي ادائيگي ڪندو ۽ خوشي ۽ رنج هر حالت ۾ الله تعالي جي حفاظت ۽ احاطي ۾ هوندو. ڪن، وليءَ لاءِ هي شرط لاڳو ڪيو آهي تہ منجهس هي ٻہ ڪمال پيدا ٿين جيڪي نبين جون صفتون آهن. پهريون هي تہ معصوم هجي. ٻيو هي تہ شريعت جي پابندي ڪري. پوءِ جيڪو پاڻ کي ولي سمجهي ۽ وري شريعت کان منهن ڦيرائي تہ اهو مغرور ۽ دوکي باز آهي.]

ڄاڻڻ گهرجي تہ "ولي" ۽ پير ڪامل اهو آهي، جيڪو لازمي طور رسول الله ﷺ جن جي پيروي ڪري، ايتري قدر جو منجهس حضور عليه الصلوة والسلام جن جي اخلاقن ۽ وصفن کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ نہ هجي ۽ سچو مريد اُهو آهي، جيڪو پاڻ کي پنهنجي ارادتمندي ۽ عقيدتمندي جي تاثير سبب عشق جي سوز ۾ ساڙي ڇڏي ۽ پنهنجي دل جي بصيرت سان، پير جي آئيني ۾ الله جو جمال ڏسي ۽ غير کي نہ ڏسي ۽ سمجهي تہ منهنجو پير، پير نہ پر خدا آهي! خدا کان سواءِ نہ ڪنهن شيءِ کي ڏسي ۽ نہ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻي. اهوئي عظيم راز آهي. خدا جو

www.maktabah.org

اهو عظيم راز آهي، جنهن کي هزارن مان کو هڪ شخص سمجهندو آهي. ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَّشَآءُ [اهو الله جو فضل آهي، جنهن کي چاهي ٿو عطا فرمائي ٿو.] (1)

سالڪ کي گهرجي تہ کنهن بہ سبب جي ڪري ظاهري ۽ باطني لحاظ سان کنهن کي نہ ايذائي ۽ نہ تکليف ڏي. مصابيح ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

مَنْ عَادٰى لِيْ وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ (2)

[جنهن منهنجي کنهن ولي‌ءَ سان دشمني ڪئي، آءٌ ان جي خلاف جنگ جو اعلان ڪندس.]

يعني آءٌ ان تي پنهنجو قهر ۽ ڏمر نازل ڪندس. اولياءَ الله اهي آهن جيڪي الله ۽ رسول جا تابعدار هجن. حديث قدسي ۾ الله تعالي فرمائي ٿو:

مَنْ آذٰى وَلِيًّا فَقَدِ اسْتَحَلَّ مُحَارِبَتِيْ (3)

[جنهن منهنجي کنهن ولي‌ءَ کي تکليف ڏني ان جي خلاف منهنجي طرفان جنگ جو اعلان آهي.]

پڙ حديث قدسيءَ ۾ الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو:

مَنْ اَهَانَ وَلِيِّيْ فَقَدْ بَارَزَنِيْ بِالْمُحَارِبَةِ (4)

[جنهن منهنجي ولي‌ءَ جي اهانت ڪئي، انهيءَ مون کي جنگ جي دعوت ڏني.]

---

(1) سورة الحديد آيت: ٢١

(2) بخاري باب، التواضع حديث: ٦١٣٦، قرطبي ص ١٣٥ ج ٦، فيض القدير ص ٢٤١ ج ٢، حلية الاولياء ص ٤ ج ١، سير اعلام النبلاء ص ٢١٩ج ١٠ تذكرة الحفاظ حديث: ٩٨٦.

(3) باب فضل الصلاة عن عائشة: مجمع الزوائد ص ٢٤٧ج ٢، ص ٢٦٩ ج ١٠، المعجم الاوسط ص ١٣٩ ج ٩، جامع العلوم والحكم ص ٣٥٨ ج ١، ٣٦٠ ج ١، كتاب الزهد الكبير ص ٢٧٠ ج ٢، فتح الباري ص ٣٤٢ ج ١١، حلية الاولياء ص ٥ ج ١.

(4) عن انس: قرطبي ص ٢٨ ج ١٦، ص ٢٨٨ ج ١٧، تفسير ابن جرير ص ١٧ ج ٣، ابن كثير ص ١٣٤ ج ١، ١٤٧ ج ٣، مستدرك حاكم ص ٤٤ ج ١، ٣٦٤ ج ٤، مجمع الزوائد ص ٢٧٠ج ١٠، مصنف ابن ابي شيبه ص ٢١٨ ج ٧ وغيره.

www.maktabah.org

معجزي ۽ ڪرامت ۾ فرق

استدراج، شعبده بازي، جادوگريءَ ۽ ولايت جي مرتبن ۽ ولين جي درميان فرق جو بيان

ڄاڻڻ گهرجي ته اولياءَ الله فرمانبردارن کي بشارت ڏيندڙ آهن ڇاڪاڻ ته الله تعالي فرمائي ٿو ته:

وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ (1)

[جيڪو الله ۽ سندس رسول جي اطاعت ڪندو کيس جنتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون.]

ڪافرن ۽ گهنگارن کي ڊيڄاريندڙ آهن. ڇاڪاڻ ته الله تعالي فرمائي ٿو ته:

وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيْهَا (2)

[۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي نافرماني ڪندو تنهن کي دوزخ ۾ داخل ڪندو جنهن ۾ هميشه رهندو.]

ڄاڻڻ گهرجي ته امت محمديه ۾ اولياءَ الله جو وڏو مقام آهي:

عُلَمَاءُ اُمَّتِيْ كَاَنْبِيَآءِ بَنِيْ اِسْرَائِيْلَ (3)

[منهنجي امت جا علماءَ بنو اسرائيل جي نبين وانگر آهن.]

هتي "علماءَ" مان مراد "اولياءَ الله آهن. ڇاڪاڻ ته پي حديث ۾ آهي ته:

اَلشَّيْخُ فِيْ قَوْمِهٖ كَالنَّبِيِّ فِيْ اُمَّتِهٖ

[پنهنجي قوم ۾ شيخ ائين هوندو آهي، جيئن نبي پنهنجي امت ۾.]

معلوم ٿيو ته هر ولي مرشد آهي ۽ بيشڪ ولي ائين ئي آهن، جيئن اڳين امتن ۾ نبي هئا. انهن کان پوءِ عالم آهن، جيڪي ماڻهن کي

---

(1) سورة النساء آيت: ١٣

(2) سورة الجن آيت: ٢٣

(3) علامه سيوطي "الدرر" ۾ چوي ٿو ته انهيءَ حديث جو ڪو بڻ بنياد نه آهي. المقاصد ۾ حافظ ابن حجر به ساڳي ڳالهه چوي ٿو. اهوئي قول دميري ۽ زرڪشي جو به آهي. (قرطبي ص ١ ج ١، مستدرک حاڪم ص ٧٤٣ ج ١، سنن الڪبري ص ١٧ ج ٥، ابن ماجه ص ٧٨ ج ١، تهذيب الڪمال ص ٥٤٤ ج ١٦)

www.maktabah.org

نيڪين جو حڪم ڪن ٿا. شريعت جي احڪامن کي پهچائين ٿا. مٿين حديث: عُلَمَاءُ أُمَّتِي كَأَنْبِيَاءِ بَنِي إِسْرَائِيلَ انهيءَ جماعت جي فضليت تي دلالت ڪري ٿي. چاڪاڻ ته ٻئي طبقا، يعني نبي سڳورا، اولياءَ الله ۽ علماءَ حضرات نيڪي ڪندڙن کي ثواب جي بشارت ڏين ٿا، الله جي دين ڏانهن سڏين ٿا ۽ الله تعاليٰ جي طرفان ماڻهن جي مٿان حجت آهن، تان ته انهيءَ ڏينهن جي اچڻ کان اڳ ماڻهن کي ڊيڄارين، جڏهن هي حال هوندو جو:

يٰلَيْتَنِي كُنْتُ تُرَابًا [1]

[۽ ڪافر چوندو ته ڪاش! آءٌ مٽي ٿي وڃان.]

پڙ نافرمان ماڻهو بہ انهيءَ ڏينهن پڇتائيندا، جيئن پ ۳۰ ۾ آهي ته:

نَارُ اللّٰهِ الْمُوقَدَةُ الَّتِي تَطَّلِعُ عَلَى الْأَفْئِدَةِ [2]

[الله جي تيار ڪيل باه آهي، جيڪا دلين تي چڙهندي.]

تڏهن اهي پشيماني وچان رڙيون ۽ فريادون ڪندا ته اي الله! اسان کي پهريائين آخرت جو يقين نہ هو، هاڻي پڪ ٿي ويئي آهي، پوءِ اسان کي هن دوزخ مان ڪڍ ۽ دنيا ۾ واپس موڪل تان ته صالح عمل ڪريون:

وَهُمْ يَصْطَرِخُونَ فِيهَا رَبَّنَا أَخْرِجْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا غَيْرَ الَّذِي كُنَّا نَعْمَلُ [3]

[۽ اهي ان ۾ دانهون ڪندا ته اي اسان جا رب، اسان کي هتان ڪڍ ته نيڪ عمل ڪريون، اڳ جهڙا نہ جهڙا اڳ ڪندا هئاسون.]

اهي مسلمان ۽ مؤمن بہ اُن ڏينهن شرمسار ٿيندا جن سلوڪ ۽ ارشاد وارن مان ڪنهن جي بيعت ۽ تابعداري نہ ڪئي، غفلت ۽ دنيا جي محبت سبب مجاهدي، رياضت ۽ سلوڪ جون منزلون طي ڪري خراب اخلاق ۽ عادتون نہ ڇڏيائون، نفسن جو تزڪيو ۽ صفائي نہ ڪيائون ۽ هميشہ انهن تي بشريت جا حجاب حائل رهيا. انهيءَ ڪري صحيح طرح هدايت جي واٽ تي نہ هليا. اهي بہ ان ڏينهن پنهنجن گناهن جي ڪري

---

(1) سورة النبا آيت: ٣٦

(2) سورة الهمزة آيت: ٦-٧

(3) سورة فاطر آيت: ٣٧

www.maktabah.org

نقصان پوڳيندا ۽ پوءِ نبي ﷺ جن جي شفاعت، ٻاجهه، احسان ۽ رحمت الهيءَ جي ڪري، دوزخ مان آزاد ٿيندا. انهن جي پيشانين تي لکيل هوندو تہ:

هَٰؤُلَآءِ عُتَقَآءُ اللّٰهِ مِنَ النَّارِ (1)

[هي ٻاه مان الله جا آزاد ڪيل آهن.]

اهڙيءَ طرح جنتين مان ڪي اهڙا هوندا، جيڪي وڏن درجن جي تمنا ڪندا ۽ اهي حسرت ۽ ندامت وچان پنهنجي ناڪاميءَ تي سڙندا پچندا ۽ تمنا ڪندي چوندا تہ:

يَٰلَيْتَنِى كُنتُ مَعَهُمْ فَأَفُوزَ فَوْزًا عَظِيمًا (2)

[ڪاش! انهن سان گڏ هجان ها پوءِ وڏي ڪاميابي ماڻيان ها.]

يعني جن جنتين اڄ وڏا مرتبا ۽ درجا ماڻيا آهن، دنيا ۾ جيڪڏهن آءٌ بہ انهن وانگر بهترين عمل ڪريان ها تہ اڄ مون کي بہ اهي عظيم درجا ۽ مقام ملن ها. جيڪي هنن کي حاصل آهن. انهيءَ ڪري الله تعالي قيامت جي ڏينهن حسرت ۽ ندامت جو ڏينهن فرمائي ٿو:

وَأَنذِرْهُمْ يَوْمَ الْحَسْرَةِ (3)

[۽ انهن کي حسرت واري ڏينهن کان ڊيڄار.]

اهي سڀ ان وقت دنيا ۾ واپسيءَ جي تمنا ڪندا پر واپسيءَ جو ڪو رستو نہ هوندو، پر جنتين جو حال اهو هوندو جو:

فَرَوْحٌ وَرَيْحَانٌ وَجَنَّةُ نَعِيمٍ (1)

---

(1) حديث جا لفظ درست ڪيا ويا، ڏسو: السنة لابن ابي عاصم ص٢٢٣ ج١- صحيح ابن حبان حديث: ١٨٣- مسند احمد حديث: ١٤٥٣١- فتح الباري ص ٤٢٩ ج١١ - سير اعلام النبلاء ص ١٨٦ ج٨- مسلم حديث: ١٨٢- ابن كثير ص ١٣٧ ج٢- مستدرك ص ١٣٦ ج٢ - مجمع الزوائد ص ٢١٦ ج٢ - سنن البيهقي الكبري حديث: ٢١٣١٩- مسند الطيالسي حديث: ٢١٧٩- تحفة الاحوذي ص ٢٧٥ ج٧- عون المعبود ص ٥٣ ج١٣- نووي ص ٣٣ ج٣ - فيض القدير ص ٤٦٣ ج٥- حلية الاولياء ص ١٩ ج٦

(2) سورة النساء آيت : ٧٣

(3) سورة مريم آيت : ٣٩

(1) سورة الرحمن آيت : ٨٩

www.maktabah.org

[پوءِ سندن لاءِ خوشي، راحت، گلن ڦلن، ميون ۽ نعمتن واري جنت آهي.]

انهيءَ کري کافر، منافق، گنهگار دنيا ۾ واپسيءَ جي درخواست ڪندا. الله تعالي فرمائيندو تہ: دنيا مان اسان توهان ڏانهن نبي، ولي عالم موڪليا جن توهان وٽ حق جو پيغام پهچايو. آخرت جي احوال کان توهان کي خبردار ڪيو ۽ توهان کي اسان جي سعادت، قربت ۽ معرفت جي دعوت ڏني. توهان سندن سڏ نہ ٻڌو ۽ جيڪڏهن ٻڌو تہ دين اسلام تي توهان عمل نہ ڪيو ۽ نفساني خواهشن سبب غفلتن ۾ ڦاٿل رهيا، توهان دنيا کي آخرت جي مٿان ترجيح ڏني، بلڪ انهن سان ٺٺول ڪئي ۽ حق جو انڪار ڪيو ۽ هدايت کان دوري اختيار ڪئي. هي جزا يا سزا ڏيڻ جو ڏينهن آهي، دنيا ڏانهن واپسيءَ جو ڏينهن نہ آهي. جيڪي ڪجهہ توهان ڪمايو ان جي جزا ۽ سزا پوڳيو

لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ (2)

[هر جيءَ لاءِ اهو (اجر) آهي، جيڪي انهيءَ ڪمايو آهي ۽ مٿس اهو (گناهہ) آهي، جيڪي انهيءَ ڪمايو آهي.]

ڪين چيو ويندو تہ جڏهن توهان کي معلوم هو تہ

اَلدُّنْيَا مَزْرَعَةُ الْاٰخِرَةِ (3)

[دنيا، آخرت جي کيتي يعني عمل جي جاءِ آهي.]

يعني هي دنيا بيڪاريءَ جي جاءِ نہ آهي، پوءِ ڇو توهان غفلت جي ننڊ ۾ پنهنجي زندگي ضايع ڪري ڇڏي ۽ دنيا جي بي بقا راحتن ۾ ڦاسي اهڙا مدهوش ٿي ويا جو منهنجي هن پيغام کي ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئا تہ:

إِذَا جَآءَ أَجَلُهُمْ فَلَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٣٤﴾ (1)

[جڏهن انهن جي موت جو وقت اچي ويندو تہ کين نہ هڪ گهڙي پوئتي ڪيو ويندو ۽ نہ کين هڪ گهڙي اڳتي ڪيو ويندو.]

---

(2) سورة البقره آيت: ۱۴۱

(3) سخاوي چوي ٿو تہ حديث موضوع آهي، پر ان جو مفهوم صحيح آهي. (المصنوع ص۱۰۱ ج ۱).

(1) سورة الاعراف آيت: ۳۴

www.maktabah.org

اي عزيز دوست! پنهنجي بدا انديشي ۾ چو مبتلا آهين؟ فاني دنيا جي گذران لاءِ مال اسباب ۽ معيشت جي تياريءَ ۾ ايترو چو حيران پريشان رهين ٿو جو پنهنجي آخرت ۽ عاقبت کان بہ عافل آهين. جڳائي تہ دنيا جي هن پوک مان پنهنجي اصلي وطن آخرت لاءِ وڌ ۾ وڌ ياڳو حاصل ڪر. فرمايو ويو آهي تہ:

حُبُّ الْوَطَنِ مِنَ الْإِيمَانِ (2)

[وطن جي محبت ايمان مان آهي.]

اهو ايمان وارن جو شعار ۽ نشان آهي. ان ڪري هرگز هرگز پنهنجي عمر عزيز مڪار نفس جي حوالي نہ ڪر ۽ پنهنجي رب جو هي فرمان ڪن کولي ٻڌ:

إِرْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿٢٨﴾ فَادْخُلِي فِي عِبَادِي ﴿٢٩﴾ وَادْخُلِي جَنَّتِي ﴿٣٠﴾ (3)

[پنهنجي رب ڏانهن رضا ۽ رغبت سان موٽي اچ. پوءِ منهنجن بانهن ۾ شامل ٿيءُ ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿيءُ.]

يعني هن زندگيءَ جي فرصت ۾ ندامت کي پنهنجو ثمر سمجهہ ۽ توبہ ڪرڻ وارن ۾ شامل ٿيءُ. ڇاڪاڻ تہ هرشيءِ جو هڪ حصو ۽ ياڳو هوندو آهي. ان ۾ الله تعالي جي رحمت ۽ مغفرت حاصل ڪر ۽ سندس قهر ۽ ڏمر کي ياد ڪري. پنهنجن گناهن تي پشيماني جو اظهار ڪر ۽ جيڪا عمر ضايع ٿي چڪي آهي. ان جي نقصان تي شرمندو ۽ غمگين ٿيءُ. ندامت جي لڙڪن سان گناهن سان ڀريل پنهنجي اعمالنامي کي ڌوئيندو رهہ. اهڙي طرح الله تعالي جي پاڃهہ. مهرباني ۽ انعام سان. ضايع ٿيل زندگيءَ جي تلافي ۽ معافي ٿي سگهندي.

رباعي

چون باد گذشت بر ساحت دشت
اين عمر عزيز با غفلت گذشت

---

(2) صغاني چوي ٿو تہ حديث گهڙيل آهي. حافظ ابن حجر چوي ٿو تہ هن حديث جو اصل نہ آهي. پر مفهوم صحيح آهي. (كشف الخفاء ۴۱۳ ج ۱)

(3) سورة الفجر آيت: ۲۸-۲۹-۳۰

www.maktabah.org

در باقي عمر هر كه حاضر گردد
گر يک نفس است سَوَيَ او بايد كِشت

[جيئن رڙ پٽ ۾ برپٽ ۾ هوا جا طوفان هلندا آهن تيئن پياري عمر غفلت ۾ گذري ويئي. هاڻي باقي عمر ۾ جيڪي ڪجهه حاضر آهي يعني جيڪڏهن هڪ نفس به بچيو آهي تہ تحقيق ان ۾ به آخرت لاءِ پنهنجي پوڪيءَ کي پوکي وٺ.]

اي عزيز! روز قيامت، دارالآخرة ۾ حسرت، ندامت، پيشماني، شرمساري، ڪائيءَ جو ذڪر ٿيو ان مان مقصد هي آهي تہ هر شخص پنهنجي اندر الله ۾ رسول الله ﷺ جي محبت پيدا ڪري. حق تعالي جي ذڪر مان ياڳو پرائي ۾ فيض حاصل ڪري. حق جي دوستي ۾ محبت هر مسلمان تي عين فرض آهي. الله تعالي ايمان وارن جي صفت بيان فرمائي ٿو:

يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّونَهُ (1)

[الله! انهن کي پيارو رکي ٿو ۾ اهي الله کي پيارو رکن ٿا.]

اهو ايمان وارن جو شان آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ: توهان مان ڪنهن جو ايمان انهيءَ وقت تائين مڪمل نٿو ٿي سگهي، جيستائين هر شيءِ جي پيٽ ۾ الله ۾ ان جي رسول ﷺ کي وڌيڪ پيارو نہ رکي. (2)

اهو مضمون خود قرآن مجيد ۾ هن طرح آهي:

وَالَّذِينَ آمَنُوا أَشَدُّ حُبًّا لِّلَّهِ (1)

---

(1) سورة المائده آيت: ۵۴

(2) حديث جا اصل لفظ هي آهن: جنهن شخص ۾ ٽي خصلتون هوندیون. انهيءَ ايمان جي مٺاڻ چکي ورتي: جيڪو الله ۾ ان جي رسول ﷺ کي هر شيءِ کان وڌيڪ پيارو رکي... (ابن كثير ص ۳۰۲ ج۲- مسلم حديث: ۴۳- بخاري حديث: ۱۶،۲۱، ۶۵۲۴- ابن حبان حديث: ۲۳۷- مجمع الزوائد ص ۵۵ ج۱ - السنن البيهقي الكبري حديث: ۲۰۸۵۲- نسائي حديث: ۴۹۸۸- ابن ماجه حديث: ۴۰۳۳- المعجم الاوسط حديث: ۱۱۴۹- مسند احمد حديث: ۱۲۰۲۱- مسند الطيالسي حديث: ۱۹۵۹- مسند ابي يعلي حديث: ۲۸۱۳- المعجم الكبير حديث: ۸۰۱۹- شعب الايمان حديث: ۴۰۵- الترغيب والترهيب حديث: ۶۳۴۵- فتح الباري ص ۳۷ ج۱

(1) سورة البقره آيت: ۱۶۵

www.maktabah.org

[ايمان وارا الله سان سپ کان وڌيڪ محبت ڪن ٿا.]

هڪ حديث مطابق پڇيو ويو ته اي الله جا رسول ﷺ! ايمان ڇا آهي؟ فرمايائون ته الله ۽ ان جي رسول کي پنهنجي اهل وعيال، مال متاع سموري مخلوق کان وڌيڪ پيارو رک[2]

هڪ شخص پاڻ سڳورن کي چيو ته مون کي توهان سان محبت آهي. فرمايائون ته پاڻ کي درويش بناءِ يعني فقر ناقي جون سختيون سهڻ لاءِ تيار ٿي.[3]

هڪ حديث مطابق جڏهن ملڪ الموت حضرت ابراهيم خليل الله جو روح قبض ڪرڻ آيو ته انهيءَ دعا ڪئي ته:

اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِيْ حُبَّكَ وَحُبَّ مَنْ يُّحِبُّكَ وَحُبَّ مَايُقَرِّبُنِيْ اِلٰى حُبِّكَ وَاجْعَلْ حُبَّكَ اَحَبَّ اِلَيَّ مِنَ الْمَاءِ الْبَارِدِ لِلْعَطْشَانِ

[اي منهنجا الله! مون کي پنهنجي محبت ۽ ان شخص جي محبت عطا ڪر، جيڪو توسان محبت رکي ٿو ۽ مون کي پنهنجي اُها حُبّ عطا ڪر، جيڪا مون کي تنهنجي محبت جي ويجهو ڪري ۽ مون لاءِ پنهنجي محبت کي پياسي لاءِ ٺڏي پاڻيءَ کان به وڌيڪ پيارو رک.][1].

---

(2) مجمع الزوائد ص ٨٩ ج ١، الايمان لابن منده ص ٤٦٣ ج ١٠، نووي ص ١٦٠ ج ٦، هي حديث جا الفاظ آهن: كان احب الي من اهلي ومالي ومن الناس اجمعين. (صحيح مسلم ص ٨١٢ ج ٢، ابن حبان ص ٦٥ ج ٢، سنن كبري ص ١٢٨ ج ٢، مسند بزار ص ٣٣٨ ج ٦، احمد ص ٢٠٠ ج ٢، فتح الباري ص ٣٠٨ ج ١٢، سير اعلام النبلاء ص ٩١ ج ٣، ص ٤٥١ ج ٤، التمهيد لابن عبدالبر ص ٥٠ ج ١.

(3) حديث جا لفظ هي آهن: فاعد للفقر تجفانا فان الفقر اسرع الي من يحبنا من السيل من اعلي الاكمة الي اسفلها. پوءِ تون فقر فاقي کي منهن ڏيڻ جي تياري ڪر، چاڪاڻ ته جيڪو شخص اسان سان محبت ڪندو آهي، فقر ان ڏانهن ان کان وڌيڪ تيزي سان ڊوڙندو آهي جيئن هوڏ جو پاڻي ٽڪريءَ تان هيٺاهينءَ ڏانهن لهندو آهي: المستدرک للحاڪم ٣٦٧ ج ٤، ترمذي ص ٥٧٦ ج ٤، مجمع الزوائد ص ٣١٣ ج ١٠، السنن البيهقي الكبري ص ١١٩ ج ٦، الترغيب والترهيب ص ٩٤ ج ٤، المعجم الاوسط ١٦١ ج ٧).

(1) تفسير ابن كثير ص ٤٤ ج ٤، ترمذي ص ٤٦٨ ج ٥، مجمع الزوائد ص ١٧٧ ج ٧، مصنف ابن ابي شيبه ص ٧٦ ج ٦، مسند احمد ص ٢٤٣ ج ٥، المعجم الكبير ص ١٠٩ ج ٢٠، الزهد لابن المبارک ١٣٣٢ ج ١.

www.maktabah.org

هڪ اعرابيءَ عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول ﷺ! قيامت ڪڏهن قائم ٿيندي؟ ارشاد فرمايائون تہ قيامت جي لاءِ تو ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟ عرض ڪيائين تہ نماز روزو ڪجهہ گهڻو تہ نہ آهي، پر الله ۽ ان جي رسول ﷺ سان محبت رکان ٿو. پاڻ سڳورن فرمايو تہ "ماڻهو ان سان گڏ هوندو جنهن سان محبت رکي ٿو[2]."

عيسيٰ عليه السلام کي ماڻهو ڏٺا، جيڪي ڪافي ضعيف ۽ ساڻا ٿي چڪا هئا. انهن کان پڇيائين تہ توهان جو اهو حال ڇو ٿيو آهي؟ چيائون تہ الله تعاليٰ جي عذاب جي خوف جي ڪري. ارشاد فرمايائون تہ بي خوف ٿي وڃو. وري ٻيا ماڻهو ڏٺائين، جيڪي انهن جي پيٽ ۾ وڌيڪ هيٺا هئا. پڇيائون تہ توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ چيائون تہ اسان جو اهو حال بهشت جي اميد ۾ ٿيو آهي. فرمايائون تہ الله تعاليٰ تي واجب آهي تہ توهان کي جنت ۾ پهچائي. کي ٻيا ماڻهو ڏٺائون، جيڪي ٻنهي قسم جي ماڻهن جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڏٻرا ۽ بيحال هئا. انهن جي چهرن تي جڙ نور چمڪي رهيو هو. فرمايائون تہ توهان جو اهو حال ڇا جي ڪري آهي؟ انهن چيو تہ: الله تعاليٰ جي دوستيءَ اسان کي بيحال ڪري ڇڏيو آهي. فرمايائون تہ توهين ئي حق تعاليٰ جا مقرب ٻانها آهيو ۽ مون کي حڪم آهي تہ توهان جي مجلس ۾ ويهان.

ڄاڻڻ گهرجي تہ سلوڪ بشري حجابن، رڪاوٽن جي دوري ۽ اخلاقن جي تبديليءَ تي دارومدار رکي ٿو. جنهن ۾ توبه، انابت ۽ رجوع الي الله کي گهڻي اهميت حاصل آهي. اها توبه ۽ اها انابت ۽ اها بيعت هن آيت سڳوريءَ مطابق هٿ گهرجي:

إِنَّ الَّذِينَ يُبَايِعُونَكَ إِنَّمَا يُبَايِعُونَ اللَّهَ [1]

[بيشڪ جيڪي توسان بيعت ڪن ٿا، درحقيقت اهي الله سان بيعت ڪن ٿا.]

---

(2) حديث جا الفاظ هي آهن: المرءُ مع من احب (فتح الباري ص ۴۱۳ ج ۱۱، رجال مسلم ص ۱۹۲ ج ۲، مسند الروياني ص ۳۴۷ ج ۱، نسب الراية ص ۱۸۲ ج ۶.

(1) سورة الفتح آيت: ۱۰

www.maktabah.org

چاهي بيعت لاءِ اهو هڪ الله جي نبي جو هڪ هجي، يا مرشد ۽ ولي جو هڪ هجي، جيڪي در اصل پيغمبرن جا نائب ۽ جانشين آهن. الله جي رسول پاڪ ﷺ جو نائب ۽ جانشين اُهوئي آهي، جيڪو سمورن معاملن ۾ سندس متابعت ۽ اطاعت ڪري. اهڙي ڪامل ۽ اڪمل ولي لاءِ (بزرگن) فرمايو آهي تہ "الشيخ في قومه كالنبي في امته" (قوم ۾ شيخ ائين آهي، جيئن نبي پنهنجي امت ۾).

شعر

چون بينش آدم، ذوي هست

پس بهر دستي، نشايد داد دست

[جيئن تہ ماڻهو دانائي ۾ مختلف قسمن جا آهن، پوءِ پنهنجو هڪ هر هڪ ۾ ڏيڻ نہ گهرجي يعني هر ڪنهن جي بيعت نہ ڪرڻ گهرجي.]

يعني باوجود ان جي جو هر وليءَ کي ولايت حاصل هوندي آهي، پر هر هڪ کان سلوڪ ۽ ارشاد حاصل ڪرڻ نہ گهرجي، بلڪ بيعت انهيءَ جي ڪرڻ گهرجي، جيڪو ولي ڪامل هجي. يعني رسول الله ﷺ جن جي پيروي ۽ متابعت جي سبب "وصول جي مرتبي" تي پهتل هجي. پاڻ سڳورن جي طريقي مطابق دعوت الي الله جو ڪم ڪري، انهن جو تزڪيو ڪري، ڇاڪاڻ تہ اهائي ان جي ذميواري آهي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي تہ:

قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْٓ اَدْعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ عَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَمَنِ اتَّبَعَنِيْ (2)

[چؤ تہ منهنجي اهائي واٽ آهي. آءٌ بصيرت ۽ باطني روشني جي بنياد تي الله ڏانهن سڏيان ٿو ۽ اهي به سڏين ٿا، جيڪي منهنجي پيروي ڪن ٿا.]

اهڙا ئي اولياءَ الله ڪامل ۽ مڪمل آهن، جن کي ازلي عنايت حاصل آهي. انهن کي فضل عين جمع ۾ استغراق کان بعد توحيد جي موج، فنا جي مڃيءَ جي پيٽ مان بقا جي ڪناري تي اڇلائي محفوظ مقام نصيب ڪيو آهي ۽ هر تفرقي ۽ جدائيءَ کان نجات ڏني آهي، تان

(2) سورة يوسف آيت: ١٠٨

www.maktabah.org

تہ دل جمعيءَ سان خلق خدا کي نجات ڏيارين ۽ بلند درجن تي پهچائين. اها ولايت درحقيقت نبوت جو حصو آهي ۽ اهڙا ولي هن قول جا مصداق آهن اَلشَّيْخُ فِيْ قَوْمِهٖ كَالنَّبِيِّ فِيْ اُمَّتِهٖ يعني شيخ پنهنجي قوم ۾ ائين هوندو آهي، جيئن نبي پنهنجي امت ۾ هوندو آهي.

نبي ۽ ولي ڪامل ۾ فرق

نبي ۽ ڪامل مرشد ۽ وليءَ ۾ فرق هي آهي تہ نبي الله جي طرفان مقرر ٿي ظاهر ٿيندو آهي ۽ خلق کي پنهنجي نبوت جي دعوت ڏيندو آهي تہ اُهي الله جي موڪليل رسول جي دين جي پيروي ڪن ۽ خلق خدا کي اها دعوت ڏيندو آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ پيغمبريءَ جا ڪيترائي قسم آهن: نبوت، عام رسولن جي رسالت، اولوا العزم رسولن جي رسالت، ڪافي ۽ وافي، يعني هر هڪ کي هدايت جي وات ڏيڪارينڈڙ. شروعاتي درجي جي پيغمبري، وچين درجي جي پيغمبري، آخري درجي جي پيغمبري، نبيءَ جي نبوت اها آهي تہ اهو جبرئيل عليه السلام کي ظاهر ۾ يا خواب ۾ ڏسي يا اُن جي ذريعي ان کي الهام ٿئي ۽ الله تعالي جا احڪام ونس پهچن ۽ رسول اهو آهي، جنهن وٽ جبرئيل عليه السلام الله تعالي جو پيغام سڏي طرح پهچائي. اولو العزم اهي رسول آهن، جن کي ڪتاب يا صحيفو ڏنو ويو هجي ۽ انهن جو دين اڳين دينن کي منسوخ ڪري، پر سندس دين جي منسوخ ٿيڻ جو امڪان پڻ هجي. وافي نبي اهي آهن، جن جو دين ٻين دينن کي منسوخ ڪري پر ان جي دين کي بعد ۾ ايندڙ ڪو دين منسوخ نہ ڪري. اهڙيءَ طرح ولايت جا بہ ڪيترائي مرتبا آهن. شروعات ۾ ولايت جا چار مرتبا آهن: صغري، وسطي، ڪبري، عظمي. هر هڪ جي شروعاتي منزل، وچين منزل ۽ آخري منزل آهي. اولياءَ الله جي اها جماعت، جنهن کي اهي مرتبا ۽ مقام حاصل آهن، اهي ٣٥٦ ڄڻن کان گهٽ نہ هوندا آهن جيئن حديث ۾ ان جي باري ۾ خبر ڏني ويئي آهي. انهن مان ٣٠٠ اُهي آهن، جن کي "نقباءَ" يا "اخيار" يا "ابدال" چون ٿا. چاليهن کي "ابدال"، ستن کي "سياح" پنجن کي "اوتاد" ٽن کي "قطب الاوتاد" ۽ هڪ کي "قطب

www.maktabah.org

الاقطاب" چون ٿا. اهو ئي "غوث الحق" آهي. جيڪو ڏٺي تعالي جي درگاه جو خصوصي نمائندو ۽ خليفو آهي. انهن مان جڏهن ڪو هڪ رحلت ڪندو آهي تہ: هيٺئين درجي جو ولي ان جي جاءِ ولاريندو آهي. ان کان سواءِ زماني ۾ حاضر باش اولياءَ الله آهن. جن تي دنيا ۽ دنيا وارن جي نظام جو دارومدار آهي. انهن مان ۹ ڇٽا حق جي واٽ ڏيکارين ٿا. جيتوڻيڪ انهن مان هر جماعت کي ولايت جا مرتبا حاصل آهن. پر منجهائن هدايت ڏيکارينڊڙ صرف "پنج اوتاد" ٿي "اقطاب" ۽ هڪ "قطب الاقطاب" آهي. ٻين کي اهو استحاق حاصل نہ آهي.

اهي ئي خدا تعالي جي دائمي عنايتن جا حقدار آهن. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي:

إِنَّ الْمُتَّقِينَ فِي جَنَّاتٍ وَنَهَرٍ فِي مَقْعَدِ صِدْقٍ عِندَ مَلِيكٍ مُّقْتَدِرٍ (1)

[بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ درياهن ۾ وڏي عزت ۽ طاقت واري بادشاه وٽ سچي مقام ۾ آهن.]

اهڙن ئي شخصن کي فنا في الله ۽ بقا بالله جي صفت حاصل ٿئي ٿي ۽ اهي خلق خدا کي. الله تعالي جي دعوت ڏين ٿا. انهن کي الله تعالي ولايت ۽ اڳواڻي جو منصب ڏنو آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي تہ:

وَجَعَلْنَاهُمْ أَئِمَّةً يَهْدُونَ بِأَمْرِنَا (2)

[۽ اسان انهن کي امام بنايو اسان جي حڪم سان هدايت جي واٽ ڏيکارينداهئا.]

دنيا جو انتظام سندن هٿن ۾ آهي. اهي ئي خلق کي حق جي واٽ ڏيکارين ٿا. جڏهن تہ ٻيا اولياءَ الله راه سلوڪ جي هيٺاهين ۽ مٿانهين کان واقف ۽ اهو بار کڻڻ جا اهل نہ آهن. باوجود هن حقيقت جي جو ۳۰۰ الله جا دلير. شيردل. عبادت گذار اولياءَ صحرائن. رڻ پٽن ۾ موجود آهن. جيکي سعادت ڏانهن سڏين ٿا تہ رسم. اسم. جسم. نفس جي گهٽيءَ مان همت جو قدم ٻاهر ڪيو وڃي ڪنهن اهل الله جي بيعت ۽

(1) سورة القمر آيت: ۵۴-۵۵

(2) سورة الانبياءَ آيت: ۷۳

www.maktabah.org

مطابعت ڪريو نفس پرستيءَ کي ڇڏيو باطل کان توبه ڪريو ۽ پنهنجي اندر عبادت جا انوار پيدا ڪريو. اهي آخري ولايت ۽ ولايت صغري جا اولياءَ الله آهن. ولايت جي شرعاتي ۽ وچئين مقام تي اهي مسافر صالح مؤمن به انهن سان گڏ ٿي ويندا آهن جن جي دل حضرت آدم عليه السلام جي دل وانگر آهي. جيئن روايت ۾ آهي: ان في الارض ثلاثة رجال قلوبهم علي قلب آدم عليه السلام. يعني بيشڪ زمين ۾ ٽي سؤ ماڻهو اهڙا آهن، جن جون دليون آدم عليه السلام جي دل وانگر آهن (1).

اهو به ممڪن آهي ته ڪن مشتاق طالبن کي بغير سير سياحت جي ولايت جي انهيءَ مرتبي ۾ داخل ڪن، پر انوار ظاهر ٿيڻ ۽ مرتبن تي فائز ٿيڻ سبب اهي مغرور ٿي پوندا آهن ۽ اڳتي ترقي نه ڪندا آهن. چاڪاڻ ته بلند مقامن تائين ترقي الله پاڪ جي جذبي ۽ پير مرشد جي رهبريءَ کان سواءِ ممڪن نه هوندي آهي. اهو به امڪان آهي ته اهڙا (نامڪمل سالڪ) ضلالت ۽ گمراهيءَ جي گهراين ۾ وڃي ڪرن.

نَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الْحَوْرِ بَعْدَ الْكَوْرِ

[ڪاميابي کان بعد ناڪاميءَ جي الله کان پناه گهرون ٿا.]

چاڪاڻ ته اها جماعت اڃا ابتدائي حالت ۾ هوندي آهي. قلب جي تعمير ۽ پوشيده منفي صفتن کان ترقيءَ جي منزل طي نه ڪئي هوندي اٿن. ڪٿي جو انهن کي ماڻهن جي رهنمائي جو مرتبو حاصل ٿئي.

---

(1) اخيار اوتاد، اقطاب جي باري ۾ حديث ڪتابن ۾ نٿي لڀي. علامه سيوطي "النڪت" ۾ فرمائي ٿو ته: فقط "ابدال" جي باري ۾ حديث صحيح، بلڪ متواتر آهي. ان جي باري ۾ مون هڪ مستقل ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ انهيءَ حديث جا سڀ طرق ۽ سندَ گڏ ڪيا آهن، جنهن جو خلاصو هي آهي ته اها حديث ابن عساڪر بن طريقن سان ۽ احمد، طبراني، حاڪم وغيرهم ڏهن کان وڌيڪ طريقن سان بيان ڪئي آهي، جنهن ۾ بعض طريقا صحيح آهن. اها حديث حضرت انس کان ڇهن طريقن سان آيل آهي، جيڪي معجم طبراني اوسط ۾ آهن. علامه هيثميءَ "مجمع الزوائد" ۾ انهن کي حسن قرار ڏنو آهي. پڙ صحيح سند سان احمد حضرت عبادة بن صامت، ابن عباس، ابن عمر کان به بيان ڪئي آهي. اهڙي طرح اها حديث ٻين ڪيترن طريقن سان ثابت آهي. تفصيل ڏسو: القول المسدد ص ۸۳ ج ۱.

www.maktabah.org

چاڪاڻ ته رهبريءَ جو منصب تمام بلند آهي. چون ٿا ته نقباءَ مشرقي، نجباءَ مغربي سرزمين ۾ انهن جي پسگردائين ۾ رهن ٿا. ابدال شام ۾ رهن ٿا. سياح، اوتاد ۽ ابدال پوري زمين ۾ گهمن ڦرن ٿا. حضرت غوث اعظم مکه معظمه، مدينه منوره ۾ رسول الله ﷺ جن جي چائنڻ مبارڪ جي ويجهو رهي ٿو. انهن سيني کي "رجال الغيب" چون ٿا. رجال الغيب جو سير جنهن طريقي سان جاري آهي، ان جي ڪري اڪثر ماڻهن کي معلوم هوندو آهي ته دنيا جي بقا انهن بزرگن جي قدمن جي سعادت سبب آهي. جيئن چيو ويو آهي ته:

لَوْلَا الصَّالِحُوْنَ لَهَلَكَ الطَّالِحُوْنَ

[جيڪڏهن صالح نه هجن ته جيڪر غير صالح تباه ٿي وڃن.]

سيني کان بهتر ۽ برگزيده غوث اعظم آهي، جيڪو الله تعالي جي دربار سان لاڳاپيل رهي ٿو. اقطاب ٽي آهن، انهن مان هڪ پنهنجي جان الله تعالي جي حوالي ڪندو آهي ته پنجن ڇڻن مان هڪ کي ان جو جانشين مقرر ڪندا آهن. پنجن مان جڏهن هڪ رحلت ڪندو آهي ته ستن مان هڪ کي ان جي جاءِ تي مقرر ڪندا آهن. ستن مان هڪ گذاري ويندو آهي ته چاليهن مان هڪ ان جو قائم مقام ٿيندو آهي. چاليهن مان ڪنهن جو وصال ٿيندو آهي ته ستر ڇڻن مان هڪ کي اها خلعت پارائيندا آهن. انهن ستر ڇڻن مان هڪ جو وصال ٿيندو آهي ته ٽن سَوَن مان هڪ کي ان جي جاءِ تي منتخب ڪندا آهن. ٽن سون مان ڪو گذاري ويندو آهي ته عام ولي ان جو منصب سنڀالينڊو آهي. انهن ٽن سو اولياڻن کي "نقباءَ" چوندا آهن، جيڪي امت جا نقيب (نگران) آهن. ستر کي نجباءَ چئجي ٿو. چاڪاڻ ته اهي مخلوق مان سڀ کان روشن دليون رکن ٿا يعني ممتاز آهن. چاليهن کي ابدال چون ٿا. چاڪاڻ ته اهي نبين سڳورن جي بجاءِ آهن. اولياءَ الله جون ٻيون صفتون بہ آهن. واضح هجي ته الله تعالي پنهنجي فضل ۽ ٻاجهه سان ڪن ٻانهن کي ولايت جو زيور پارائي، ولي بڻائي پنهنجي مملڪت ۾ عمل دخل جي اجازت ڏئي ٿو. ڪن کي پنهنجو خيلفو ۽ جانشين بنائي ٿو. تانجو

www.maktabah.org

جڏهن "كُن" چوندا آهن تہ جيكي الله تعالي چاهيندو آهي سو ٿي پوندو آهي جيئن حديث آهي تہ:

رُبَّ اَشْعَثُ اَغْبَرُ ذِيْ طِمْرِيْنِ لَا يُؤْبَهُ لَهُ لَوْ اَقْسَمَ عَلَى اللهِ لَاَبَرَّهُ (1)

[گهٹا مسافرن وانگر كنڊريل وارن وارا، متيءَ ۾ پريل ٻانها اهڙا آهن، جو جيكڏهن اهي الله جو قسم كٹن تہ پكَ الله پاڻ انهن جي ڳالهہ كي سچو ثابت كندو.]

ان ڏس ۾ مشهور واقعو آهي تہ حضرت عمر رضي الله عنه جي خلافت جي زماني ۾ نيل درياءَ سكي ويو. پڇا كيائين تہ ڇا جاهليت جي زماني ۾ بہ سكندو هو؟ چيائون تہ هائو! پڇيائون تہ پوءِ ماٹهو ڇا كندا هئا؟ چيائون تہ ماٹهو نوجوان نياڻيءَ كي سڻن كپڑن ۽ زيورن سان سينگاري، درياءَ تي قربان كندا هئا تہ درياءَ جاري ٿي ويندو هو. راوي چوي ٿو تہ، حضرت عمر رضي الله عنه نيل درياءَ ڈانهن خط لكيو جنهن جو مضمون هو تہ: اسين جاهليت جي رسم تي نہ هلنداسين. جيكڏهن پنهنجي حكم سان وهين ٿو تہ اسان كي تنهنجي وهڻ جي حاجت نہ آهي، جيكڏهن الله تعالي جي حكم سان وهين ٿو تہ ان كان دعا كريون ٿا تہ توكي وهائي ۽ حكم كيائون تہ اهو خط درياءَ ۾ اڇلايو وڃي. پوءِ خدا تعالي جي قدرت سان هكدم درياءَ وهڻ لڳو جيكو قيامت تائين اهڙي طرح جاري رهندو.(2)

پوءِ جاٹڻ گهرجي تہ ولي اهو آهي، جنهن ۾ اهڙي خاصيت ۽ اهڙي للّهيت موجود هجي، جو نہ منجهس كنهن قسم جو خلل ۽ ذلت هجي ۽ نہ كنهن شيءِ جو غم ۽ خوف كري جيئن الله تعالي فرمائي ٿو:

---

(1) احمد حديث: ١٢٤٩٨ ص ١٤٥ ج ٣، ابن كثير ص ٦٣ج٢، ص ٤٤٨ ج ٣، بخاري ص ٩١٦ حديث: ٢٥٥٦، شعب الايمان ص ٣٢١ ج ٧، ابن حبان ص ٤٣٤ ج ١٥، حاكم ص ٥٦ ج ٣، ترمذي ص ٦٩٢ ج ٥، الاحاديث المختارة ص ٤٢٠ ج ٤.

(2) تفسير القرطبي ص١٠٤ ج١٣- تفسير ابن كثير ص٤٦٥ ج٣- كرامات الاولياء ص١٢٠ ج١- العظمة ص١٤٢٥ ج٤- معجم البلدان ص٣٣٥ ج٥

www.maktabah.org

أَلَآ إِنَّ أَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ [1]

[ٻڌو الله جي ولين تي نہ ڪوخوف آهي ۽ نہ ڪو غم آهي.]

پڙ فرمائي ٿو تہ:

نَحْنُ أَوْلِيَآءُكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا [2]

[دنيا جي زندگي ۾ اسين توهان جا ولي ۽ سرپرست آهيون.]

ٻئي هنڌ آهي:

اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا [3]

[الله ايمان وارن جو سرپرست ۽ ولي آهي.]

نبي ﷺ جن جي حديث آهي تہ:

إِنَّ مِنْ عِبَادِ اللّٰهِ لَعِبَادًا يَغْبِطُهُمُ الْأَنْبِيَاءُ وَالشُّهَدَآءُ قِيْلَ مَنْ هُمْ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ صِفْهُمْ لَنَا لَعَلَّنَا نُحِبُّهُمْ قَالَ هُمْ قَوْمٌ تَحَابُّوْا فِي اللّٰهِ مِنْ غَيْرِ أَمْوَالٍ وَلَا أَنْسَابٍ وُجُوْهُهُمْ مِنْ نُوْرٍ عَلٰى مَنَابِرِ مِنْ نُوْرٍ لَا يَخَافُوْنَ إِذَا خَافَ النَّاسُ وَلَا يَحْزَنُوْنَ إِذَا حَزَنَ النَّاسُ وَقَرَأَ أَلَآ إِنَّ أَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ

[قيامت جي ڏينهن الله جا ڪي بانها اهڙا هوندا، جن تي نبي ۽ شهيد بہ ريس ڪندا. عرض ڪيائون تہ اي الله جا رسول ﷺ! اهي ڪير آهن؟ اسان جي سامهون انهن جي صفت بيان فرمايو شايد اسين انهن سان محبت ڪريون. ارشاد فرمايائون تہ اهي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي مال متاع ۽ نسب ۽ حسب جي ڪري نہ پر رڳو الله جي رضا خاطر هڪ ٻئي سان محبت ڪن ٿا. انهن جا منهن نور جا هوندا ۽ اهي نور جي منبرن تي هوندا. جڏهن سڀ ماڻهو خوف ۾ هوندا، تڏهن انهن کي خوف نہ هوندو ۽ جڏهن سيني کي غم هوندو تڏهن انهن کي ڪو غم نہ

(1) سوره يونس آيت: 62

(2) سوره فصلت آيت: ٣١

(3) سوره بقره آيت: ١٥٧

www.maktabah.org

هوندو. پوءِ آيت اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَاللّٰهِ (1) پڙهيائون].

يعني جيڪا شيءِ، وليءَ وٽ هوندي ان جي ضايع ٿيڻ ۽ زوال جي ڀٽتي نہ ڪندو ۽ جيڪا شيءِ ونس نہ هوندي، ان جو حرص ۽ هوس نہ ڪندو. ڇاڪاڻ تہ هر حالت ۾ خدا سان مخلص ۽ سچو هوندو آهي. حضرت ابراهيم ادهم هڪ شخص کي چيو تہ گهرين ٿو ولي ٿيئن؟ انهيءَ ورندي ڏني تہ هائو! چيائينس تہ: لاترغب في شيءٍ من الدنيا و الآخرة وفرغ نفسک لله تعالي وقبل اليه واقبل اليه بوجهک (دنيا ۽ آخرت جي ڪنهن شيءِ جي رغبت ۽ خواهش نہ ڪر ۽ پاڻ کي الله تعالي لاءِ فارغ ڪر ۽ ان ڏانهن مڪمل ڌيان ۽ توجه رک.) يعني جڏهن ائين ڪندين تہ توکي ولايت حاصل ٿيندي. سلطان العارفين رضي الله عنه کان پڇيو ويو تہ ولي ڪير آهي؟ چيائين تہ: الولي الصابر تحت الامر والنهي (ولي اهو آهي، جيڪو الله تعالي جي ڪيل حڪمن ۽ روڪيل ڪمن تي صبر سان قائم رهي.) ابو علي نوحاني فرمائي ٿو: الولي الفاني في حاله والباقي في مشاهدة الحق لم يكن له في نفسه خيار ولا رجع الي غير الله (ولي اهو آهي، جيڪو پنهنجي حال ۾ فاني ۽ حق جي مشاهدن ۾ باقي هجي ۽ پنهنجي نفس يا غير الله مان ڪنهن جو به ڪيس اختيار نہ هجي ۽ الله کان سواءِ ڪنهن شيءِ ڏانهن رغبت ۽ لاڙو نہ رکي.) ابوعثمان مغربي چوي ٿو تہ الولي قد يكون مشهورا ولا يكون مفتونا (ولي ڪڏهن مشهور به هوندو آهي ۽ فتني فساد کان به پاڪ هوندو آهي.)

جيئن اولياءَ الله جي ڪرامت حق آهي، تيئن ولين جي معراج به حق آهي، ڇاڪاڻ تہ ولين جي ڪرامت نبيءَ جي حجت مطابق هوندي آهي، جنهن ۾ شڪ شبهو نہ آهي. فرق اهو آهي تہ نبي معجزي سان نبوت کي ۽ ولي ڪرامت سان پنهنجي نبيءَ جي نبوت کي ۽ پاڻ پنهنجي ولايت کي ثابت ڪندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ولي، نبيءَ جو

(1) تفسير طبري ص ۱۳۲ ج ۱۱، ابن ڪثير ص ۴۳۲ ج ۲، مسلم ۳۱۷ ج ۱، ابن حبان ص ۳۳۲ ج ۲، مستدرک حاڪم ص ۱۸۷ ج ۴، ترمذي ص ۵۹۷ ج ۴، مجمع الزوائد ص ۷۷ ج ۱۰، ابودائود ص ۲۸۸ ج ۳، احمد ص ۲۴۹ ج ۴، شعب الايمان ص ۴۸۷ ج۶، التمهيد ص ۴۱۷ ج۶، حلية الاولياء ص۵ ج۱.

www.maktabah.org

پيروڪار، وصي، خليفو ۽ وارث آهي. پڻ فرمائي ٿو تہ: الولي قد يكون مستورا ولا يكون مشهورا (ولي ڪڏهن ڪڏهن هوندو آهي ۽ مشهور نہ هوندو آهي.) هن فقير جو پير دستگير ختم الاولياءِ مخدوم نوح رح فرمائي ٿو تہ ڪامل ولي اهو آهي، جيڪو ظاهر ۽ باطن ۾ رسول الله ﷺ جن جي پيروي ڪري. اها ئي سنڊس معراج آهي. پڻ فرمايائين تہ آءٌ ڪنهن وقت هن ۽ هُن يعني دنيا جي چڪرن کان تمام پري ۽ عرش عظيم کان بہ مٿي هوندو آهيان.

پڻ فرمايائون تہ عرش عظيم کي نوراني مشعل وانگر ڏسندو آهيان، انهيءَ هنڌ ذات پاڪ حق تعاليٰ جي نور کي ڪاري سليٽي آسماني رنگ ۾ ڏٺم جيڪو متحرڪ هو. آءٌ بہ ان نور ۾ گم ٿي ويس. منهنجي بزرگ چاچي فرمايو تہ پروردگار عالم کي مون سهٽي صورت ۾ ڏٺو. نبي ﷺ جن جي حديث آهي تہ:

رَاَيْتُ رَبِّيْ فِيْ لَيْلَةِ الْمِعْرَاجِ عَلٰى اَحْسَنِ صُوْرَتِهٖ(1)

[معراج جي رات مون پنهنجي رب کي بهترين صورت ۾ ڏٺو.]

هڪ پيري فرمايائون تہ هيءُ فقير هڪ پيري سلطان الانبياءِ ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر هو. پاڻ سڪون جي دولت امت مرحومه لاءِ اولياءَ ۽ اصفياءِ کي امانت طور عنايت فرمايائون. چاڪاڻ تہ اهي حضرات امت جا نگران ۽ سنڊس ملڪن ۽ معاملن کان با خبر آهن. اتي هڪ عالم دين بہ حاضر هو. جنهن جي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ انهيءَ دولت جا وارث فقط ولين جا مريد ۽ معتقد آهن، يا اهو ورثو امت لاءِ عام آهي؟ پاڻ سڳورن ولايت جي تصرف سان سندن دل جي ڳالهہ معلوم ڪري ارشاد فرمايو تہ: تابعدار ۽ معتقد بطريق اولىٰ انهيءَ جماعت ۾ شامل آهن جيڪي نجات لهندڙ آهن، پر ٻيا بہ انهن ۾ شامل آهن، انهيءَ عالمِ دين کي ويساه ٿيو تہ ٻيا جيڪي پيرن ۽ مرشدن جا معتقد نہ آهن،

---

(1) مجمع الزوائد ص ٢٣٧ ج ١، المعجم الكبير ص ٣١٧ ج ١، السنة لابن ابي عاصم ص ٢٠٤ ج ١، الترغيب والترهيب ص ١٥٩ ج١، تهذيب التهذيب ص ١٨٥ ج ٦. هن آخري ڪتاب جو مصنف حافظ ابن حجر لکي ٿو تہ حديث ثابت آهي.

www.maktabah.org

پر اسلام ۾ داخل آهن انهن کي به اها دولت ملندي، پر ڪافرن کي نصيب نه ٿيندي. حضرت غوث الحق فرمايو ته هائو! جيڪي (پيرن مرشدن جا) معتقد ۽ تابعدار نه آهن اهي به انهيءَ نجات لهندڙ جماعت ۾ شامل آهن، ڇاڪاڻ ته حديث شريف ۾ آهي ته:

قَالَ النَّبِيُّ ﷺ سَابِقُنَا سَابِقٌ وَمُقْتَصِدُنَا نَاجٍ وَظَالِمُنَا مَغْفُوْرٌ (1)

[نبي ﷺ جن فرمايو ته اسان مان جيڪي نيڪيءَ ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن اهي ته آهن ئي اڳرا ۽ پيش قدمي ڪندڙ ۽ جيڪي وچولي وات تي هلڻ وارا آهن، سي به نجات لهندڙ آهن ۽ جيڪي ظالم آهن اهي به بخشيل آهن.]

يعني تسلي ۽ سڪون جي دولت جي اها ورهاست امت جي سيني ماڻهن لاءِ آهي. جڏهن انهيءَ عالم دين کي ويساه ٿيو ته سڀ مسلمان ان ۾ شريڪ آهن ۽ ڪافر ان ۾ شريڪ نه آهن ته پوءِ پاڻ وري فرمايائون ته جيڪي به ماڻهو سندن ملڪن ۾ رهن ٿا مسلمان هجن يا غير مسلم، سيني کي ان مان ياڳو ملندو. ان فرق سان ته ناجي جماعت ته آهي ئي نجات لهندڙ ٻيا جيڪي غير مسلم ۽ منافق آهن انهن جي نجات متي بيان ڪيل اولياءَ الله جي شفاعت جي حوالي ڪئي وئي آهي، اهي شفاعت ڪندا ته الله تعالي انهن کي به نجات نصيب ڪندو. تنهن تي انهيءَ عالم دين چيو ته ڪافرن کي ڪنهن جي شفاعت فائدو نه ڏيندي، ڇاڪاڻ ته الله تعالي فرمائي ڇڏيو آهي ته:

يَوْمَ لَا يَنْفَعُ الظّٰلِمِيْنَ مَعْذِرَتُهُمْ (1)

[قيامت جي ڏينهن ظالمن کي سندن معذرت ڪو فائدو نه ڏيندي.]

---

(1) عن عمر سمعت رسول الله ﷺ (ميزان الاعتدال ص ۴۳۰ ج ۵، تفسير قرطبي ص ۳۴۶ ج ۱۴، آيت : فمنهم ظالم لنفسه، سورة فاطر آيت: ۳۲ كتاب السنن ص ۱۵۲ ج ۲، فيض القدير ص ۷۹ ج ۴، تهذيب التهذيب ص ۲۵۳ ج ۸- الفردوس بماثور الخطاب ص۳۳۵ ج۳- ميزان الاعتدال في نقد الرجال ص۴۳۰ ج۵- ضعفاء العقيلي ص۴۴۳ ج۳- التدوين في اخبار قزوين ۳۳۱ ج۳-

(1) سوره غافر آيت : ۵۱

www.maktabah.org

اسان جي مرشد سڳوري فرمايو تہ الله تعالي فرمائي ٿو:

وَاٰخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ لِاَمْرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَاِمَّا يَتُوْبُ عَلَيْهِمْ (2)

[ڀ ٻيا جيڪي الله جي حڪم جا اميدوار آهن، چاهي تہ انهن کي عذاب ڏي ڀ چاهي تہ انهن تي ٻاجهہ سان موٽي ڀ الله ڄاڻندڙ داناءُ آهي.]

انهيءَ عالم جي دل ۾ خيال آيو تہ اهو حڪم تہ انهن جي باري ۾ آهي، جيڪي لا اله الا الله پڙهي شريعت جي حڪمن احڪامن جي پابندي ڪن ٿا. اسان جي قطب الاقطاب فرمايو تہ ظاهري عالم تفسيرن ۾ آيت جي اها ئي معنيٰ لکن ٿا. پر جيڪي استحسان يعني باطني علوم جا ڄاڻو نبي ﷺ جن جي اولاد منجهان ڀ پاڻ سڳورن جا وارث آهن، اهي آيت سڳوري جي معنيٰ اها ئي ڪن ٿا جيڪا اسان مٿي بيان ڪئي. جيڪي ظاهري علمن ۾ پڪا پختا آهن، اهي عالم فقط ظاهري علمن جا دليل ڄاڻن ٿا ڀ سمجهہ جي گهٽتائيءَ سبب باطني دليلن ڀ باطني قوت کان محروم آهن. پوءِ فرمايائون تہ هن آيت جي تفصيل ڀ تفسير سورة آل عمران ۾ آهي الله تعالي فرمائي ٿو:

مِنْهُ اٰيٰتٌ مُّحْكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ الْكِتٰبِ وَاُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ (1)

[الله توتي قرآن لاتو جنهن جون ڪجهہ آيتون محڪم ڀ مضبوط آهن جيڪي ڪتاب جو اصل آهن ڀ ٻيون آيتون متشابهات آهن.]

ڄاڻڻ گهرجي تہ الله تعالي جي طرفان رسول الله ﷺ جن کي مقام توبه عطا ٿيل آهي، ارشاد فرمائي ٿو:

وَالسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ (2)

[ڀ جيڪي مهاجرن ڀ انصارن مان سڀ کان اڳرائي ڪندڙ آهن ڀ اهي ماڻهو جن سندن نيڪيءَ سان پيروي ڪئي، الله انهن کان راضي

(2) سورة التوبه آيت: 106
(1) سورة آل عمران آيت: 7
(2) سورة التوبه آيت: ١٠٠

www.maktabah.org

ٿيو ۽ اهي الله کان راضي ٿيا.]

ٻئي هنڌ آهي:

وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَيِّئًا عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (3)

[۽ انهن مان ٻيا اهي آهن، جن پنهنجن گناهن جو اقرار ڪيو. انهن چڱا ۽ لڳا عمل گاڏڙ ساڙ ڪيا آهن. ويجهو آهي ته الله تعالي انهن تي ٻاجهه سان موٽي، بيشڪ الله تعالي بخشڻهار، مهربان آهي.]

اڳتي فرمائي ٿو:

وَاٰخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ لِاَمْرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَاِمَّا يَتُوْبُ عَلَيْهِمْ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ (4)

[۽ ٻيا جيڪي الله جي حڪم جي انتظار ۾ آهن، الله چاهي ته کين عذاب ڏي ۽ چاهي ته مٿن ٻاجهه سان موٽي ۽ الله ڄاڻندڙ داناءُ آهي.]

سورة فاطر جي گذريل آيت ۾ ان جي ابتڙ تفصيل آهي، جنهن جي شروعات هن طرح آهي ته فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ (1) (پوءِ انهن مان ڪو پنهنجي نفس تي ظلم ڪندڙ آهي.) ۽ ان جو آخري حصو هن طرح آهي ته: وَمِنْهُمْ سَابِقٌ بِالْخَيْرَاتِ (۽ انهن مان ڪي نيڪيءَ ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن.)

هڪ ٻيري فرمايائون ته الله تعالي پنهنجي بادشاهيءَ مان وسيع مملڪت هن فقير کي ڪرامت ۽ عزت طور عطا فرمائي. ان ۾ جيڪا به رعيت آهي چاهي مريد ۽ معتقد هجن چاهي نه هجن، پلارا ۽ فرمانبردار هجن يا برا ۽ بيڙا. انهن جي شفاعت ۽ انهن جا سڀ ڪم منهنجي سپرد فرمايا اٿس. هڪ ٻيري هڪ شخص سوال ڪيو ته امت محمديه ﷺ سان معاملو ڪيئن ٿيندو؟ فرمايائون ته ڪير آهي، جيڪو اهڙي سوال جي

(3) سورة التوبه آيت: ١٠٢

(4) سورة التوبه آيت: ١٠٦

(1) سورة فاطر آيت: ٣٢

www.maktabah.org

جرئت ڪري ٿو؟ خادم عرض ڪيو ته اي حضرت پير دستگير! هڪ درويش آهي، جنهن جي دل ۾ اهو ڪٽڪو گهٽو پيدا ٿئي ٿو، چاهي ٿو ته اهو دور ڪري. تڏهن ٿوري دير اکيون بند ڪري فرمايائون ته اهو اهڙو عظيم ڳجهه آهي، جنهن کي ظاهر نٿو ڪري سگهجي. تڏهن پچندڙ ڏاڍي عاجزي ۽ زاري ڪئي. آخرڪار فرمايائون ته هڪ ڏينهن هن فقير جي اکين ۾ گهٽو سور هو. ان دوران پاڻ سڳورا آيا ۽ فقير کي فرمايائون ته اي فلاڻا! الله جل جلاله جي درگاه مان تنهنجي لاءِ صحتيابي جي خوشخبري آندي اٿم. تو ڏٽي در منهنجي امت جي بخشش جي باري ۾ سوال ڪيو آهي (ان جو جواب هي آهي ته) مون پالٽهار پاڪ جي درگاه ۾ سجدو ڪيو. تانجو جڏهن سموري امت جي بخشش ڪئي وئي تڏهن مون سر سجدي مان مٿي کنيو ۽ وري (شڪر جو) سجدو ادا ڪيم.

ڄاڻڻ گهرجي ته نبي سڳورا ۽ اولياءَ الله ملڪيت ۽ جائداد جي محبت يا ٻئي ڪنهن جي مال، ملڪيت ڏانهن لاڙو هرگز نه رکندا آهن. اُهي ٻنهي جهانن جي سببن ۽ سامان کان منهن موڙي، پاڻ ڪي الله تعالىٰ جي حوالي ڪندا آهن.

غزل

در دل آن صاحبدل که او را مسبب در دل است
اگرچه گردد فوت اسبابش سر او را باک نيست
که نباشد طالب ديدار را جزو دوست هيچ
نبرد مالک نيک بنگرا هيچ قدر املاک نيست
هر چه آيد گر: بيا و هرچه نآيد گو: مَيا
من بيار خويشتن مشغول مارا باک نيست
کَي بود بيمار عشقش را تمنائ صحت
زهر نوشان بلا را حاجت ترياق نيست
چست باش اي دل! گه سستي نيست دارين کار
کَي رسد در منزلت مقصود کُو چالاک نيست
صد هزاران چست چالاکان گشت گرچه اينجا کسي

www.maktabah.org

هيچ كس را در كنه دلدار ما ادراک نيست
گو بگردد مضطرب حيران در اطراف جهان
آن گه سر تسليم و حيرت سر اين خاک نيست
تيغ غيرت كشته سر كوئ جانان دور داشت
آنگه اورا با شان عمرش دل چاک نيست
اعظم واوسع واعلي آن سرائ كه مايست
پايه پائين برين كاخ فلک و افلاک نيست
هر كه جان ودل در غم والم دلبر نيست
هر كه هزاران غم بدو پيوسته شد غمناک نيست
من ز دلبر حيرت دارم كه آيا در غمش شد
و خودم سربسر خون و خاطرش غمناک نيست
گر بصد ره آرزو مندم بي پي لطف دوست
درحريم حضرتش ما را ره ادراک نيست
اين همه انوار "فقيري" ازان سرزد كه او
قلزم اسرار باشد كوزه كاوک نيست

[انهيءَ صاحب دل انسان جي دل ۾ سبب پيدا ڪندڙ هستي (يعني الله تعالي) موجود آهي پوءِ جيڪڏهن ان جو سامان ۾ اسباب ختم ٿي وڃن تہ ان کي بيشڪ، ڪو بہ ڊپ نہ آهي. ڇو تہ محبوب جي ديدار جي طلب ڪانسواءِ، ان کي ڪا شيءِ پياري نہ هوندي آهي. نيڪ نگاه ڪري ڏس تہ مولي مالڪ وٽ دنيا جهان جي ڪنهن شيءِ جو قدر نہ آهي بس! جيڪا شيءِ اچي ان کي چوٗ تہ هلي اچ ۾ جيڪا شيءِ نہ اچي ان کي چوٗ تہ پلي دفع ٿيءُ، آئون پنهنجي يار سان خوش آهيان. اسان کي ڪو بہ خوف نہ آهي. عشق جي بيمار کي صحتيابيءَ جي ڪهڙي تمنا هوندي؟ جن غم ۾ درد جو زهر پيتو تن کي تریاق جي حاجت نہ هوندي آهي اي دل! چستي ڪر جو هي جهان هرگز سستيءَ جو جهان نہ آهي، پوءِ جيڪو چُست نہ آهي سو پنهنجي منزل مقصود تي ڪيئن پهچندو. جيتوڻيڪ هتي لکين چست چالاڪ ۾ هوشيار ماڻهو پيدا ٿيا پر اسان جي محبوب

www.maktabah.org

جي اصل حقيقت جو ڪنهن کي ادراڪ نہ آهي. جيتوٽيڪ دنيا جهان ۾ هر هنڌ بيقرار ۽ حيران ڦري ٿو. تڏهن بہ (ڏٺيءَ جي سامهون) ڏرتيءَ تي ميڙائي ۽ حيرت وچان سر نٽو جهڪائي! غيرت جي تلوار جو ڪُٽل پنهنجي سر کي محبوب جي گهٽي کان پري رکي ٿو. ان جي باوجود ان جي حياتيءَ جوحال اهو آهي تہ سنڊس دل نُٽل نٽي ٽٽي. هي دنيا هڪ مهمان خانو آهي، جنهن ۾ اسين رهون ٿا، پر زندگيءَ جو ميدان تمام عظيم، تمام ڪشادو، تمام اعليٰ ۽ گهٽو ويڪرو آهي. هي اهڙو محل آهي، جنهن جي نہ ڪا ڇت آهي، ۽ نڪو آسمان آهي جنهن پنهنجي دل ۽ جان دلبر جي رنج ۽ غم ۾ قابو ڪئي تہ (پوءِ) چاهي هزارين غم ان سان گڏ هجن تہ بہ غمگين نہ ٿيندو. هن جان کي شڪار ٽيڙ جي ارادي جي خبر نہ آهي ڇا؟ جو هر شڪاري، شڪار کي سختيءَ سان جهلي ٿو جيڪڏهن گلاب جهڙي خاص محبوب منڌار جو وصال گهرين ٿو، تہ اڇا پاڻ گل ٽيءُ، چاکاڻ تہ بهار جي موسم ۾ باغ ۾ پن رکڻ جي جاءِ بہ نہ آهي. آءٌ، دلبر دوست ۾ اهڙو تہ حيران آهيان جو ان جي غم ۾ سڄو سارو رت سان رنگين ٿي ويو آهيان. پر تڏهن بہ ان لاءِ دل ۾ غم نہ آهي. جيتوٽيڪ وصال يار جا سوين رستا آهن، جن جي آرزو ۽ اميد ڪريان ٿو پر دوست جي مهرباني‌ءَ ڪانسواءِ محبوب جي بارگاه تائين ڪا واٽ نٽي سُجهي. اهي سيئي انوار هن فقير تي انهيءَ ڪري نمودار ٿيا جو هو الله تعالىٰ جي رازن جو سمنڊ آهي ۽ خالي ڪوزو نہ آهي.]

www.maktabah.org

باب اٺون

فتح بابت ظاهري ۽ باطني حڪمراني

الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِي الْاَرْضِ فَاحْكُمْ بَيْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى (1)

[اي دائود! اسان توکي زمين ۾ خليفو بنايو. پوءِ ماڻهن ۾ حق سان فيصلو ڪر ۽ خواهشن جي پيروي نه ڪر.]

نبي ﷺ جن جو فرمان آهي:

اَلسُّلْطَانُ ظِلُّ اللّٰهِ فِي الْاَرْضِ يَاوِيْ اِلَيْهِ كُلُّ مَظْلُوْمٍ (2)

[بادشاه زمين ۾ الله جو پاڇو آهي، جنهن وٽ هر مظلوم پناه وٺندو آهي.]

الله تعاليٰ پنهنجي خصوصي مهرباني سان پنهنجن ٻانهن کي چونڊيندو آهي ۽ کين "خليفة الله" جي پاڇي هيٺان محفوظ رکندو آهي ۽ کين اها وڏي سعادت ۽ دولت عطا فرمائيندو آهي، ته جيئن عزت ۽ ڪرامت جي زندگي گذارين. بادشاه جي خاصيتن مان هڪ اها آهي ته ماڻهو اهل هجي، يا نااهل هجي، ان تي ٻاجهه ۽ ڪَهلَ ڪري ته جيئن عوام ۾ مقبول عام ٿئي. جيڪڏهن معاذ الله! مٿن سختي ۽ قهر ڪندو ته پاڻمرادو نامراد ۽ مردود ٿيندو.

ڇاڪاڻ گهرجي ته بادشاه ٻن قسمن جا آهن:١- دنياوي حڪمران ٢- ديني حڪمران. ديني حڪمران اهي آهن جن جي پيشانيءَ تي الله تعاليٰ جي مهر ۽ جلال ۽ قهر جون علامتون ظاهر هونديون آهن.

---

(1) سوره صٓ آيت: ٢٦

(2) مسند ابن شهاب ٢٠١ ج ١-شعب الايمان حديث: ٧٣٦٩- الترغيب والترهيب حديث: ٣٣١٣- الفردوس بماثور الخطاب حديث: ٣٥٥٣- نوادر الاصول ص ١٢٥ ج ٢، فيض القدير ١٤٢- ١٤٣-١٤٤ ج ٤، ميزان الاعتدال ص ٢١١ ج ٢- الكامل في ضعفاء الرجال ص٣٦١ ج٣- كشف الخفاء حديث: ١٤٨٧، ١٤٨٧.

www.maktabah.org

جيتوٽيڪ عام طرح ڪين پنهنجيون اهي ٻئي صفتون سڃاڻپ ۾ نه ايندیون هجن. ديني حڪمران اهي آهن، جيڪي پنهنجي عظيم طلسمي صورت کي، شريعت جي چاٻي ۽ طريقت جي هٿ سان کوليندا آهن، پنهنجين صفتن جي دفن ٿيل خزانن کي حقيقت جي اکين سان ڏسندا آهن، معرفت جي دفتر جو جادوئي نظر سان مطالعو ڪندا آهن ۽ مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ (جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن بيشڪ پنهنجي رب کي سڃاتو.) جي راز تائين پهچندا آهن، اهڙي طرح پنهنجي مملڪت ۽ سرمدي سلطنت جي بخت واري تخت تي ويهندا آهن.

وَاللّٰهُ يُؤْتِيْ مُلْكَهٗ مَنْ يَّشَآءُ [1]

[۽ الله تعالىٰ پنهنجو ملڪ جنهن کي چاهيندو آهي، ڏيندو آهي.]

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

وَاِذَا رَاَيْتَ ثَمَّ رَاَيْتَ نَعِيْمًا وَّمُلْكًا كَبِيْرًا [2]

[۽ جڏهن تون انهن (جنتين) کي ڏسندين، پوءِ وري ڏسندين ته کين وڏين نعمتن وارو وڏو بادشاه لهندين.]

پڻ فرمايو ويو آهي:

اِنَّ لِلّٰهِ مُلُوْكًا تَحْتَ اَطْمَارِ

[بيشڪ الله تعالىٰ جا کي اهڙا بادشاه آهن جيڪي لکل ۽ ڳڇها آهن.]

اها بادشاهت، ولايت ڪامله سان گڏ آهي ۽ اولياءَ الله کي طي الارض جو حاصل ٿيڻ يعني سندن سلوڪ جي واٽ ۾ وڏا وڏا سفر طي ڪرڻ، اسلاف ۾ معروف ۽ مجيل حقيقت آهي ۽ اهي اهڙي شاهي تخت تي ويهندا آهن، جو هڪ صبح ۽ هڪ شام ۾ هڪ هڪ مهيني جو سفر ڪندا آهن، بلڪ هڪ گهڙيءَ ۾ ڪيترن ملڪن جو سفر ڪري، انهيءَ دنيا ۾ وڃي پهچندا آهن جتي، کين عظيم دائمي سعادت نصيب ٿيندي آهي. الله تعالىٰ انهن ٻانهن کي جيڪي امت جي معاملن جا صاحب آهن،

---

(1) سورة البقره آيت: ٢١٤

(2) سورة الانسان آيت: ٢٠

www.maktabah.org

دين ۾ دنيا ۽ بنهي جي سلطنت عطا ڪندو آهي. جيئن ارشاد آهي ته وَإِنَّ لَنَا لَلْآخِرَةَ وَالْأُولَىٰ (۽ بيشڪ اسان لاءِ ئي آخرت ۽ آهي ۽ هيءَ دنيا ۽ آهي.) جي خلافت تي فائز ٿين ۾ بنهي جهانن ۾ حڪومت ڪن. جيئن حضرت دائود عليه السلام کي فرمايو ويو:

يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِي الْاَرْضِ (1)

[اي دائود! بيشڪ اسان توکي زمين ۾ پنهنجو خليفو بنايو آهي.]

هن آيت سڳوريءَ ۾ بادشاه لاءِ ۾ حڪم بيان ڪيا ويا آهن: ۱- دنياوي نظام کي هلائڻ ۲- سلطنت جا آداب انجام ڏيڻ ۽ عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ. تنهن ڪري بادشاه کي گهرجي ته حڪومت ۽ اقتدار کي الله تعالي جي هڪ نعمت سمجهي، ڇاڪاڻ ته حڪومت عطا ڪرڻ الله تعالي جي ئي وس ۾ آهي. جيئن پاڻ فرمائي ٿو:

تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ وَتَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَآءُ (2)

[تون جنهن کي چاهين ٿو بادشاهي ڏئين ٿو ۽ جنهن کان چاهين ٿو بادشاهيءَ کسين ٿو.]

بادشاه کي ٻي ڳالهه اها سوچڻ گهرجي ته اڄ ڪنهن کان حڪومت کسي مون کي ڏني وئي آهي. تنهن ڪري سياڻي اهو ڏينهن ۽ اچي سگهي ٿو جڏهن حڪومت مون کي کسي ڪنهن ٻئي کي ڏني وڃي. ڇاڪاڻ ته الله تعالي فرمائي ٿو ته : وَتَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَآءُ (۽ جنهن کان چاهين ٿو حڪومت کسين ٿو.)

ان ڪري ڪيس ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته مجازي ملڪ ذريعي حقيقي مملڪت ۽ حڪومت حاصل ڪري. يعني چڱايون ڪري ۽ پاڻ کي ذڪر جميل ۽ ڪمال جي سببن کان محروم نه رکي. ٽين ڳالهه اها آهي ته بادشاه سوچي ته اقتدار الله تعالي جي امانت آهي. چوٿين ڳالهه اها آهي ته معاملا دين حق مطابق نبيري. جيئن الله تعالي جو حڪم آهي:

---

(1) سوره صٓ آيت : ۲٦

(2) سورة آل عمران آيت : ۲٦

www.maktabah.org

فَاحْكُمْ بَيْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ (1)

[پوءِ ماڻهن ۾ حق سان فيصلو ڪر.]

يعني رعيت تي عدل ۽ انصاف سان حڪومت ڪري ۽ مٿن ڪا حڪم لاڳو نہ ڪري، جيئن عام اميرن جو دستور آهي. انصاف ڪري، تان تہ ماڻهن کي الله تعالي جي رحمت مان پاڻ نصيب ٿئي پنجين ڳالهہ اها تہ رعيت تي ائين ياجهہ ڪري جيئن نبي سڳورو امت تي ۽ شيخ مريدن تي ۽ ماءُ پيءُ اولاد تي مهربان هوندو آهي. ڇهين ڳالهہ اها تہ عدل ۽ انصاف سان حڪومت ڪري، ڏاڍ، ظلم ۽ جفا نہ ڪري. يعني شرعي اصولن مطابق مملڪت جو نظام هلائي. عدل ۽ انصاف بہ ماڻهن کي نہ، پر خدا تعالي کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪري. ستين ڳالهہ اها آهي تہ الله تعالي فرمائي ٿو تہ وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى (۽ خواهشن جي پيروي نہ ڪر.) يعني نفس پرستيءَ جي واٽ نہ وڃي، ڇاڪاڻ تہ جنهن شخص تي نفس پرستي ۽ خواهشون غالب هونديون آهن، اهو کو حڪم يا ڪنهن معاملي کان منع فقط نفس پرستيءَ جي جذبي هيٺ ڪندو آهي ۽ ان جا سڀ حڪم ۽ سڀ ڪم الله تعالي جي حڪم ۽ مرضي جي خلاف هوندا آهن، جيئن الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو تہ:

اَفَرَاَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ (2)

[ڇا تو انهيءَ شخص کي ڏٺو جنهن پنهنجي نفس کي پنهنجو معبود بڻايو آهي؟]

جيڪڏهن فرعون ۽ نمرود پنهنجي خدائيءَ جي دعوي ڪئي تہ انهن نفس پرستيءَ جي ڪري ائين ڪيو. جيڪڏهن بني اسرائيل گابي جي پوڄا ڪئي تہ انهن بہ نفس پرستيءَ جي ڪري ئي ائين ڪيو. جيڪڏهن ماڻهو بتن جي پوڄا ڪن ٿا تہ اهي بہ نفس پرستيءَ جي ڪري ئي ائين ڪن ٿا. انهيءَ ڪري نبي ڪريم ﷺ جن فرمائين ٿا تہ:

---

(1) سوره صٓ آيت: ٢٦

(2) سورة الفرقان آيت: ٤٣

www.maktabah.org

مَا عُبِدَ اِلٰهٌ اَبْغَضُ عَلَى اللّٰهِ مِنَ الْهَوٰى[1]

[الله وٽ خواهشن جي ٻانهپ کان وڌيڪ قهر خداونديءَ واري ٻئي کنهن معبود جي عبادت نٿي ڪئي وڃي.]

پڙ ڪيس يقين ڄاڻڻ گهرجي ته نفس پرستيءَ جي معنيٰ آهي الله تعاليٰ سان بغاوت ۽ سرڪشي ڪرڻ. انهيءَ ڪري جنتين جي هڪ صفت هيءَ بيان ڪئي وئي آهي ته

وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى[2]

[۽ جنهن پاڻ کي نفساني خواهشن کان روڪيو ته پوءِ بيشڪ جنت ان جي جاءِ آهي.]

جيڪي ماڻهو خواهشن جا غلام آهن، اهي نه صرف پاڻ پر ٻين کي ب الله جي وات کان روڪيندا آهن. جيئن مٿي سوره صٓ جي حوالي سان حضرت دائود عليه السلام جي خلافت جي باري ۾ بيان ٿيو الله تعاليٰ کيس حڪم فرمايو ته "۽ خواهشن جي پيروي نه ڪر نه ته توکي الله جي وٽ کان ٽيڙي ڇڏيندیون. يعني گمراه ڪري ڇڏيندیون. پوءِ فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ۢ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ[3]

[بيشڪ جيڪي الله جي وات کان گمراه ڪن ٿا، انهن لاءِ سخت عذاب آهي، ڇاڪاڻ ته اهي حساب جي ڏينهن کي وساري ڇڏين ٿا.]

هتان هي ب معلوم ٿيو ته ڪفر نالو آهي الله پاڪ ۽ آخرت جي ڏينهن کي وسارڻ جو ۽ الله تعاليٰ کي وسارڻ جو نتيجو آهي عذاب الهي ۾ گرفتار ٿيڻ، جيئن پاڻ فرمائي ٿو ته:

---

(1) عن ابي امامة قال سمعت النبي ﷺ يقول ما عبد تحت السماء اله ابغض الي الله من الهوي (قرطبي ص ١٦٧ ج ١٦)

(2) سورة النازعات آيت : ٤٠

(3) سوره صٓ آيت : ٢٦

www.maktabah.org

نَسُوا اللّٰهَ فَنَسِيَهُمْ [1]

[انهن الله کي وساري ڇڏيو. پوءِ الله به انهن کي وساري ڇڏيو.]

پڙ الله تعالي فرمائي ٿو ته بادشاه نبوت وارو مقام ۽ مرتبو حاصل ڪري سگهي ٿو. هن طرح ته سلطنت جو نظام عدل ۽ انصاف سان هلائي. اسلام جي سر بلندي لاءِ لشڪر تيار ڪري. رعيت پروري ڪري. اهل الله جا آداب بجاءِ آڻي. سمورا معاملا شريعت ۽ طريقت مطابق سر انجام ڏي. ولايت جا طور طريقا ۽ نبوت جا شرط پورا ڪري. تان ته دين اسلام تي نه هلڻ جي باري ۾ ماڻهن کي حيلو ۽ عذر نه هجي. انهيءَ ڪري بادشاه کي جڳائي ته نفس پرستي ۽ لذت ڪوشيءَ جي بجاءِ الله تعالي جي رضا ۽ قرب حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت ۽ قوت حاصل ڪري ۽ ان کي استعمال ڪري. عدل. احسان. سخا. علم. ڪرم. مهرباني ۽ معاشي خوشحاليءَ جي اصولن جي پابندي ڪري. الله تعالي جي مهر ۽ قهر وارين صفتن سان پاڻ کي سنواري. فقراءَ. صوفياءَ. صلحاءَ. علماءَ. لشڪر ۽ رعايا تي پاڻ هجڻ ڪري. ڪافرن. ظالمن ۽ منافقن تي سختي ڪري. هن طرح جو ظالمن کان مظلومن کي حق وٺي ڏي. ته پوءِ اهڙي انصاف پرور بادشاه جو شان هي آهي ته هڪ گهڙي انصاف ڪرڻ. سڀني جنن ۽ انسانن جي عملن جي برابر آهي. جيئن فرمايو ويو آهي ته:

تُوَازِيْ عَمَلَ الثَّقَلَيْنِ [2]

[عدل. انصاف. ثقلين يعني جنن ۽ انسان جي عملن جي برابر آهي.]

خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِ الثَّقَلَيْنِ [3]

---

(1) سورة التوبه آيت : ٦٧

(2) شرح ابن ماجه ص٢٧١ج١- ڪشف الخفاءِ ص٣٩٧ج١. واضح هجي ته اها حديث نه پر صوفي صاحبن مان بعض جو قول آهي.

(3) هن خاڪسار کي انهيءَ مضمون جي حديث نظر نٿي اچي. البت ابو هريره رضي الله عنه جي روايت ۾ هي لفظ ملن ٿا ته: هڪ گهڙي عدل ڪرڻ جو ثواب سٺ سالن جي ان عبادت کان به افضل آهي. جنهن ۾ رات جو تهجد پڙهجي ۽ ڏينهن جو روزا رکجن ۽ هڪ گهڙي ناانصافي ۽ ظلم ڪرڻ سٺ سالن جي ظلم کان به بدتر آهي. (نصب الرايه ص ٦٧ ج ٤. الترغيب والترهيب ص ١١٧ ج ٣. الدراية في تخريج احاديث الهداية ص

www.maktabah.org

[اهو عمل ثقلين جي عملن کان بہ وڌيڪ چگو آهي.]

ان جو سبب هي آهي تہ بادشاه، ۾ن مملکتن جي لاءِ زبردست وسيلو آهي. هڪ حضرت غوث جي سلطنت جو ۽ اها الله تعاليٰ جي خلافت آهي، ڇاڪاڻ تہ حديث ۾ آهي تہ:

اَلسُّلْطَانُ ظِلُّ اللهِ [1]

[بادشاه الله جو پاڇو آهي.]

ٻيو هي تہ ان سان خلافت جي جانشيني ۽ قائم مقامي جو منصب نصيب ٿيندو آهي، بشرطيڪ بادشاه ۾ خدا تعاليٰ جي اخلاقن واريون پوريون صفتون موجود هجن، جن مان هڪ صفت هيءَ آهي تہ آڏي اِلَيْهِ كُلُّ مَظْلُوْمٍ يعني اهو سيني مظلومن جي پناه گاه هجي، تانجو کو ظالم کنهن شخص تي ظلم نہ ڪري سگهي. پر جيڪڏهن بادشاه ۽ حاڪم پاڻ ظلم ۽ ڏاڍ ڪندو تہ پوءِ معاذ الله اهو ڪيئن خدا تعاليٰ جو خليفو ۽ جانشين ٿي سگهندو؟ حالانڪ ان کي تہ حڪم آهي تہ خلق خدا ۾ عدل ۽ احسان جو نظام قائم ڪري، جيئن ارشاد آهي:

اِنَّ اللهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ [2]

[بيشڪ الله عدل ۽ پلائي ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو.]

عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ جي معنيٰ آهي تہ نہ پاڻ ڏري برابر ظلم ڪري ۽ نہ ٻئي کي ظلم ڪرڻ ڏي. احسان هي آهي تہ الله تعاليٰ جي

---

١٦٨ ج ٢) پوئين ڪتاب ۾ ابوعبيد جي ڪتاب "الاموال" جي حوالي سان سندس حديث ۾ آهي تہ "جيڪو شخص پنهنجي رعيت ۾ هڪ ڏينهن انصاف ڪري ٿو اهو ان شخص کان بہ افضل آهي، جيڪو پنهنجي گهر ۾ پنج سو سالن تائين عبادت ڪري ٿو." هڪ روايت ۾ سو سال آهي. (مسند الحارث، زوائد الهيثمي ص ٦٢٦ ج ٢).

(1) مسند شهاب ص ٢٠١ ج١، نوادر الاصول في الاحاديث الرسول ص ١٢٥ ج ٢، شرح الزرقاني ص ٤٣٦ ج ٤، شرح النووي ص ١٢٣ ج ١٦، ميزان الاعتدال في نقد الرجال ص ٢١١ ج ٣، كشف الخفاء ص ٥٥٢- ٥٥٣ ج ١، شعب الايمان ص ١٨ ج ٦، فيض القدير ص ١٤٢- ١٤٣ ج ٤، لسان الميزان ص ١٧٨ ج ٤، سنن البيهقي الكبري ص ١٦٢ ج ٨، تهذيب التهذيب ص ٢١٧ ج ٧.

(2) سورة النحل آيت :90

www.maktabah.org

حڪمن جي تعظيم ڪري. ماڻهن تي ڪرم، ڪَهلَ ۽ مهر ڪري. جيڪڏهن اهي ٻئي صفتون منجهس موجود آهن تہ پوءِ بيشڪ الله تعالي جو جانشين ۽ برحق خليفو آهي. جيڪڏهن انهن صفتن کان خالي ۽ عاري آهي تہ پوءِ رب تعالي جي قهر ۽ ڏمر هيٺ رهندو. (الله جي پناهہ!)

حقيقت حال هيءَ آهي تہ جنهن جيڪي چاهيو. سو ڪيائين. هيءَ اهم حقيقت بہ ياد رکڻ گهرجي تہ انسان جيڪي بہ عَملَ هن دنيا ۾ ڪري ٿو قيامت جي ڏينهن خود سندس عضوا، سندس خلاف شاهدي ڏيندا. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي تہ:

اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰٓى اَفْوَاهِهِمْ وَتُكَلِّمُنَآ اَيْدِيْهِمْ وَتَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ[1]

[اڄ اسان انهن جي واتن تي مهر هڻنداسون ۽ اسان سان انهن جا هٿ ڳالهائيندا ۽ انهن جا پير گواهي ڏيندا، انهن ڪمن جي باري ۾ جيڪي اهي ڪندا هئا.]

سندن باري ۾ ٻئي هنڌ ارشاد آهي تہ:

وَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ اِنَّمَا يُؤَخِّرُهُمْ لِيَوْمٍ تَشْخَصُ فِيْهِ الْاَبْصَارُ ﴿٤٢﴾ مُهْطِعِيْنَ مُقْنِعِيْ رُءُوْسِهِمْ لَا يَرْتَدُّ اِلَيْهِمْ طَرْفُهُمْ وَاَفْـِٕدَتُهُمْ هَوَآءٌ ﴿٤٣﴾[2]

[ظالم جيڪي ڪجهہ ڪن ٿا، ان جي باري ۾ الله تعالي کي بي خبر نہ پاءِ. کين ان ڏينهن تائين مهلت ڏئي ٿو جڏهن سندن اکيون ڦاٽارجي ويندیون. پنهنجا ڳاتا مٿي کڻي ڊوڙندا هوندا. سندن نظر انهن ڏانهن موٽي نہ سگهندي ۽ انهن جون دليون ٻيون ڏکندیون.]

حالانڪ الله تعالي کي شاهدي جي ڪا ضرورت نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي ڪجهہ لکل ۽ جيڪي ڪجهہ ظاهر آهي، سو سڀ الله تعالي لاءِ آشڪار آهي. اها عالم الغيب والشهادة ذات هر شيءِ کي

---

(1) سوره ياسين آيت: ٦٥

(2) سوره ابراهيم آيت: ٤٢-٤٣

www.maktabah.org

ڇاڻي ٿي، پر ماڻهن تي حجت قائم ڪرڻ جي لاءِ قيامت ۾ ڏوهارين جي خلاف شاهديون پيش ڪيون ويندیون، تنهن ڪري هر قولَ ۽ هر فَعلَ جي باري ۾ الله تعالي جي انهن فرمانن کي سامهون رکجي ته جيئن فلاح ۽ چوٽڪارو نصيب ٿئي.

ظالمن تي الله جي لعنت آهي، اها حقيقت بہ چڱيءَ طرح سمجهڻ گهرجي ته جيڪو شخص الله تعالي جو چيو نٿو مڃي، اهو بدبخت انسان اسفل السافلين ۾ وڃي ڪرندو آهي. نہ صرف آخرت ۾ پر هن دنيا ۾ بہ ان کي ناڪامي، نامرادي ۽ نياڳ جو منهن ڏسڻو پوندو. ان جي مال، ملڪيت ۽ دولت ۾ ڏينهون ڏينهن نقصان ٿيندو آهي. ان ڏس ۾ رب العالمين فرمائي ٿو ته

إِنَّهُۥ لَا يُفْلِحُ ٱلظَّٰلِمُونَ (1)

[حقيقت اها آهي ته ظالم ڪامياب نہ ٿيندا آهن.]

يعني دولت ۽ حڪومت وڏڻ جي بجاءِ ڏينهون ڏينهن ان ۾ گهٽتائي ايندي آهي. ارشاد فرمائي ٿو ته

وَلَا يَزِيدُ ٱلظَّٰلِمِينَ إِلَّا خَسَارًا (2)

[ظالمن کي رڳو نقصان ۾ ئي وڌائيندو آهي.]

جيڪو لالچي انسان حيلي ۽ مڪر سان ٻين جا حق ڦٻائيندو آهي، تنهن جي عمر بہ گهٽجي ويندي آهي، اهڙي بادشاه جو خزانو بہ خالي ٿي ويندو آهي، ان جو ملڪ بہ ويران ۽ برباد ٿي ويندو آهي. اهڙا گهٽا بيوقوف ۽ نادان ماڻهو هن دنيا ۾ هلاڪ ۽ برباد ٿيندي ڏٺا ويا آهن. پوءِ ايندڙ جهان ۾، جڏهن هيءَ زندگي ختم ٿي ويندي، ان کي هن دنيا جي مصيبت کان سواءِ، آخرت جي خواري بہ ڏسٹي پوندي ۽ اهو ٻنهي جهانن ۾ عذاب اليم ۽ لعنت شديد ۽ نہ ختم ٿيڻ واري اذيت ۾ گرفتار ٿيندو.

---

(1) سورة الانعام آيت: ٢١

(2) سورة الاسراءِ آيت: ٨٢

www.maktabah.org

بيت

كسي را طمع مال عزيز بود ـ بدنيا وعقبي خوار بود

[جنهن کي مال جي طمع ۽ لالچ هوندي تہ اهو دنيا ۽ آخرت ۾ خوار خراب ٿيندو.]

چاکاڻ تہ اهو ظلم ۽ ڏاڍ تي سندرو ٻڌي مال جمع کندو آهي، نفس جي غلامي کندو آهي ۽ خدا پرستي ڇڏي ڏيندو آهي، جنهن جي ڪري الله تعالي جي قهر ۽ ڏمر جو بَکُ ٿيندو آهي. فرمائي ٿو تہ:

اَلَا لَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ (1)

[ٻڌو! ظالمن تي الله جي لعنت آهي.]

منهنجا عزيز! ياد رک تہ الله تعالي قرآن مجيد ۾ ڪافرن، منافقن ۽ مشرکن تي لعنت ڪئي آهي، جيئن مٿي آيت بيان ٿي، ٻئي هنڌ آهي:

لَعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ (2)

[ڪافرن جي مٿان الله تعالي جي لعنت آهي.]

افسوس! پوءِ بہ ظالمن کي شرم نٿو اچي جو الله تعالي ڪافرن وانگر انهن تي لعنت ملامت ڪئي آهي. اهي تڏهن بہ بد خصلتيءَ کان باز نٿا اچن ۽ پنهنجي اصلاح نٿا ڪن. انهن کي پنهنجي حالت زار تي رئڻ گهرجي، جو تہ جڏهن قيامت جي ڏينهن قبرن مان اٿندا تہ واويلا ۽ رڙيون ڪندا ايندا. انهن جي مٿان لعنت ۽ ملامت وسڪارا ڪندي رهندي. انهن جي باري ۾ ئي فرمايو ويو آهي تہ:

يَوْمَ لَا يَنْفَعُ الظّٰلِمِيْنَ مَعْذِرَتُهُمْ وَلَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ (3)

[انهيءَ ڏينهن ظالمن کي سندن حيلو بهانو فائدو نہ ڏيندو. انهن جي مٿان لعنت وسندي ۽ انهن لاءِ بيڙو ٽڪاٽو آهي.]

---

(1) سوره هود آيت : ١٧

(2) واضح هجي تہ اهي قرآن مجيد جي آيت جا لفظ نہ آهن، بلڪ ان موضوع سان تعلق رکندڙ قرآن مجيد جي هڪ آيت هيءَ آهي: إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا وَمَاتُوا وَهُمْ كُفَّارٌ أُولَٰئِكَ عَلَيْهِمْ لَعْنَةُ اللَّهِ وَالْمَلَائِكَةِ وَالنَّاسِ أَجْمَعِينَ ﴿١٦١﴾ سورة البقره آيت : ١٦١

(3) سوره غافر آيت : ٥٢

www.maktabah.org

پوءِ ظالمن ۽ جابرن کي گهرجي تہ ظلم جي صفت کي ڇڏي، عدل ۽ انصاف اختيار ڪن. ناجائز مال ملڪيت ميڙڻ جي حرڪت کان سچي پڪي توبہ ڪن، گذريل زماني ۾ ڪيل ڏاڍ ۽ بيداد تي شرمساري ظاهر ڪن، گناهن جي تلافي ۽ پورائي ڪن. کين اها حقيقت بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ظلم جي صفت جي موجودگيءَ نہ کين الله تعاليٰ جي مغفرت نصيب ٿيندي ۽ نہ هدايت واري واٽ ملندي. جيئن ارشاد فرمائي ٿو تہ:

إِنَّ الَّذِينَ كَفَرُوا وَظَلَمُوا لَمْ يَكُنِ اللَّهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ طَرِيقًا إِلَّا طَرِيقَ جَهَنَّمَ خَالِدِينَ فِيهَا أَبَدًا [1]

[بيشڪ جن ڪفر ڪيو ۽ ظلم ڪيو الله تن کي نہ بخشيندو ۽ کين جهنم کان سواءِ ڪا واٽ نہ ڏيکاريندو اتي سدائين رهندا.]

نَعُوذُ بِاللهِ مِنْ ذٰلِكَ، هي تاڪيدي حڪم بہ گذري چڪو آهي تہ جيڪو شخص ظالمن ڏانهن لاڙو رکندو تنهن جو حشر نشر بہ انهن سان گڏ ٿيندو. ان ڏس ۾ ارشاد فرمائي ٿو تہ:

وَلَا تَرْكَنُوا إِلَى الَّذِينَ ظَلَمُوا فَتَمَسَّكُمُ النَّارُ [2]

[جيڪي ظلم ڪن ٿا، انهن ڏانهن لاڙو بہ نہ ڪريو نہ تہ توهان کي دوزخ جي باه وکوڙي ونندي.]

پر جيڪڏهن بادشاه حق تي هلندو شريعت جي پيروي ڪندو نفساني خواهشن کان پري رهندو رعيت کي پناه جو پلئہ مهيا ڪندو پنهنجي سلطنت جي سياست شريعت مطابق هلائيندو ۽ پالٹهار پاڪ جي بندگيءَ بجا آڻيندو تہ پوءِ پڪَ اهو ئي الله تعاليٰ جي خلافت جو صحيح حقدار آهي، جنهن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

إِنِّي جَاعِلٌ فِي الْأَرْضِ خَلِيفَةً [3]

[بيشڪ آئون زمين ۾ خيلفو بنائڻ وارو آهيان.]

---

(1) سورة النساء آيت: ١٦٨

(2) سورة هود آيت: ١١٣

(3) سورة البقره آيت: ٣٠

www.maktabah.org

نبي ﷺ جن جي حديث آهي تہ:

إِنَّ أَفْضَلَ عِبَادِ اللهِ عِنْدَ اللهِ مَنْزِلَةً يَوْمَ الْقِيَامَةِ إِمَامٌ عَادِلٌ رَفِيقٌ وَإِنَّ شَرَّ عِبَادِ اللهِ مَنْزِلَةً يَوْمَ الْقِيَامَةِ إِمَامٌ جَائِرٌ (1)

[بيشڪ الله وٽ درجي ۾ قيامت جي ڏينهن سڀ کان افضل ٻانها عدل ڪندڙ نرم دل ماڻهو آهن ۽ قيامت جي ڏينهن ٻانهن مان سڀ کان بيڙڳا ظالم ماڻهو آهن.]

بادشاه جون ٽي حالتون

اي منهنجا عزيز! بادشاه جون ٽي حالتون آهن: ١- پنهنجي نفس سان ٢- پنهنجي رعيت سان ٣- خدا تعالي سان. هر هڪ حالت ۾ الله تعالي ان کي ٽن ڪمن جو حڪم ڪيو آهي ۽ ٽن ڪمن کان روڪيو آهي. جن ڳالهين جو حڪم آهي، سي هي آهن: ١- عدل ٢- احسان ٣- عزيزن قريبن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ. جن ڳالهين کان منع آهي سي هي آهن: ١- فحاشي ٢- برائي ٣- بيحيائيءَ جا ڪم. پنهنجي نفس سان عدل ۽ انصاف ڪرڻو آهي. پنهنجي نفس سان عدل ۽ انصاف ڪرڻ جو مطلب آهي تہ ان کي توحيد تي قائم رکي. پنهنجي نفس کي مجبور ڪري تہ الله جا فرض سهڻي نموني سان انجام ڏي. عزيزن قريبن جا حق ادا ڪري، پڻ پنهنجي نفس جا بہ حق ادا ڪري، يعني نفس تي ضابطو ڪرڻ، دل سان مراقبو ڪرڻ، ۽ ظاهري ۽ باطني حواسن جي حفاظت ڪرڻ. تان تہ انساني جسم جي هر هڪ عضوي کي صحيح مقصد لاءِ استعمال ڪري سگهجي. جن ڪمن کان منع آهي ان ۾ بي حيائي برائي ۽ بدڪاريءَ جا ڪم آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن جي ڪري دل تي ظلمت ۽ اونداهي جا پردا پون ٿا ۽ ماڻهوءَ ۾ بيڙيون عادتون پيدا ٿين ٿيون. مثلاً غيبت گلا، ڪوڙ، بهتان بازي، گارگندگيءَ زنا، فسق فجور وغيره. ۽ عام بادشاه خاص بادشاه (الله تعالي) جي مخالفت نہ ڪري. انهيءَ ڪري ئي

(1) الترغيب والترهيب ص ١١٧ ج٣، شعب الايمان ص ١٦ ج٦، علل ابن ابي حاتم ص ١٧٤ ج٢، مجمع الزوائد ص ١٩٧ ج٥، المعجم الاوسط ص ١١٢ ج١.

www.maktabah.org

الله تعالي عادل بادشاه جي اطاعت کي پنهنجي فرمانبرداري فرمايو آهي:

أَطِيعُوا اللَّهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ وَأُولِي الْأَمْرِ مِنْكُمْ (1)

[چيو مجيو الله جو ۽ چيو مجيو رسول جو ۽ (چيو مجيو) انهن ماڻهن جو جيکي توهان جا امير ۽ حاڪم آهن.]

پر ظاهر آهي جيستائين بادشاه انصاف نہ ڪندو تيستائين انهيءَ عظيم منصب جو مُستحق نہ ٿيندو ۽ انهي مقام تي هرگز نہ پهچندو ۽ بادشاه ان وقت تائين عدل. انصاف ڪري نٿو سگهي. جيستائين عدل انصاف جون تقاضائون پوري طرح نہ ڄاڻي. جهڙي طرح ڪو شخص پاڻ تري نہ ڄاڻي. اهو ٻئي کي غرق ٿيڻ کان ڪيئن بچائيندو؟

ڄاڻڻ گهرجي تہ صحيح معني ۾ بادشاه اهو آهي. جيکو پنهنجي دل. نفس. ظاهري ۽ باطني حواسن کي جيکي. در اصل سندس رعيت آهن. انهن کي شريعت جو پابند نہ ڪري ۽ هر هڪ کي حق جي خدمت ۾ مشغول نہ رکي ۽ انهن کي شريعت جي تعليم مطابق منع ڪيل ڪمن کان نہ روڪي. نفس کي خواهشن. لذتن. طبعي لاڙن کان پاڪ صاف ڪري. ڏٽي تعالي ڏانهن متوجه رکي. تان تہ حق جو فيض پرائڻ جي قابل ٿئي ۽ ڪيس تائيد الهي حاصل ٿئي ۽ حق تعالي جي جانشينن ۾ شامل ٿئي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ الله تعالي جا حڪم احڪام لاڳو ڪرڻ جوڳو ٿئي. ان کان پوءِ اهو جيکي ڪم ڪندو تن کي الله رب العزة جي دربار ۾ شرف. درجو. مرتبو ۽ مان حاصل ٿيندو. بادشاه جو ٻيو تعلق رعيت سان آهي. بادشاه کي گهرجي تہ رعيت سان عدل. انصاف ۽ احسان جو سلوڪ ڪري. ڪمزور کي زور وٺرائي. عزيزن قريبن جي پرگهور لهي. درويشن. عيالدارن جي صدقات ۽ خيرات وسيلي مدد ڪري. بيواهن جي دستگيري ڪري. قرضين ۽ محتاجن جي سار سنيال لهي. عالمن جي عزت ڪري. سندن قوت لايموت جو انتظام ڪري. غلامن کي آزادي ڏياري. ديني زاهدن ۽ عابدن جي عزت ڪري. انهن جي حالات کان باخبر رهي. ضرورتمند هجن تہ ساڻن سهڪار ڪرڻ کي پنهنجي لاءِ غنيمت

(1) سورة النساءَ آيت : ٥٩

www.maktabah.org

جاڻي. جيڪي درويش دنياوي وهنوار ۾ ڪاروبار جي ڏٻڙ کان پاسي رهن ٿا، انهن کي طالب ڪري بلڪ سندن استقبال ڪري، چاهي اهي بادشاه وٽ اچڻ کي پسند نه ڪن. حلال ذريعن مان انهن جي مدد ڪري انهن کي خوش ۾ خوشحال ڪري، تان ته اهي خدا پرستيءَ جي شغل ۾ مشغول رهن. چاڪاڻ ته انهن جي پاڪ نفسن ۾ پاڪ وجود جي برڪتن سان دنيا وارن جو وجود قائم آهي. جيئن چيو ويو آهي ته:

لَوْلَا الصَّالِحُوْنَ لَهَلَكَ الطَّالِحُوْنَ

[جيڪڏهن صالحين نه هجن ها ته هوند غير صالح هلاڪ ٿي وڃن ها]

اهي آهن عادل بادشاه جون وصفون.

مٿي بيان ڪيل سيني ماڻهن جا حق ۾ حصا بيت المال ۾ مقرر آهن. انهن جا حق ۾ حصا انهن کي پهچڻ گهرجن. جيڪڏهن ائين نه ڪندو ته ظالم ۾ نافرمان ٿيندو. عزيزن ۾ قريبن سان سهڻو سلوڪ ڪري، چاڪاڻ ته رعيت زيردست ۾ محتاج هئڻ سبب بادشاه لاءِ اهل و عيال جي حيثيت رکي ٿي (بلڪ حديث ۾ آهي ته الخلق عيال الله ـ مخلوق، الله جو ڪٽنب آهي) سيد القيوم خادمهم – قوم جو سردار سندن خادم هوندو آهي) خاتم الا نبياءِ ﷺ جن مرض الموت ۾ برابر وصيت ۾ نصيحت فرمائيندا رهيا ته:

اَلصَّلٰوةُ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ (1)

[نماز ۾ جيڪي اوهان جا غلام آهن تن جو لحاظ ڪريو]

يعني جيڪي توهان جا زيردست آهن انهن سان عدل، انصاف ۾ احسان جو معاملو ڪريو. رعيت پروري، عدل پروري، مساوات ۾ انصاف جي سياست سلطنت لاءِ بنيادي پٿر ۾ پيڙهه جي حيثيت رکي ٿي جيئن نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته العدل والملک توامان (عدل، انصاف ۾ جاڙا پائر آهن.) جيڪڏهن ملڪ ۾ چگو قانون موجود هجي، جنهن ۾ ماڻهن لاءِ آساني ۾ آسائش هجي، ته بادشاه کي گهرجي ته ان کي لاڳو ڪري، الله

(1) مسند احمد ص ١١٧ ج ٣، الادب المفرد ص ٦٦ ج ١، الكامل في ضعفاء الرجال ص ٣١٢ ج ١، تاريخ بغداد ص ٢٣٩ ج ٤، كشف الخفاء ص ٧١ ج ١.

www.maktabah.org

وٺ اجر ۽ ثواب حاصل ڪري. جيڪو ظلم ملڪ ۾ موجود هجي يا جنم ونيي، بادشاه کي گهرجي تہ ان جي پاڙ پٽڻ ۾ وس کان نہ گهٽائي ۽ ظالم کي جوڳي سزا ڏي. ائين نہ ڪندو تہ پاڻ بہ ان جي گناه ۾ شريڪ ٿيندو. جيئن حديث شريف ۾ آهي تہ:

مَنْ سَنَّ فِي الْإِسْلَامِ سَنَةً حَسَنَةً كَانَ لَهُ أَجْرُهَا وَأَجْرُ مَنْ عَمِلَ بِهَا مِنْ بَعْدِهِ مِنْ غَيْرِ أَنْ يُنْقَصَ مِنْ أُجُورِهِمْ شَيْءٌ وَمَنْ سَنَّ فِي الْإِسْلَامِ سَنَةً سَيِّئَةً كَانَ عَلَيْهِ وِزْرُهَا وَوِزْرُ مَنْ عَمِلَ بِهَا مِنْ بَعْدِهِ مِنْ غَيْرِ أَنْ يُنْقَصَ مِنْ أَوْزَارِهِمْ شَيْءٌ (1)

[جيڪو اسلام ۾ سهڻو طريقو ڪيندو ان کي ان جو بہ اجر ملندو ۽ بعد ۾ جيڪو ان طريقي تي هلندو ان جو بہ ڪيس اجر ملندو سواءِ ان جي جو عمل ڪندڙ جي اجر ۽ ثواب ۾ ڪمي اچي ۽ جيڪو اسلام ۾ غلط طريقو ڪيندو ان کي ان جو بہ گناه ٿيندو ۽ بعد ۾ جن بہ ان طريقي تي عمل ڪيو انهن جي گناهن جو گناه بہ ان تي ٿيندو بغير ان جي جو گناه ڪندڙ جي عمل ۾ گهٽتائي اچي.]

بس! بادشاه تي واجب آهي تہ سندس دور اقتدار ۾ يا ان کان اڳ ڪنهن شخص رعيت مٿان ظلم، ڪرا محصول، خراج ۽ ٽيڪس جو ڪارو قانون مسلط ڪيو هجي، يا ڪنهن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو هجي، يا ڪنهن جو معاشي قتل ڪيو هجي، يا ڪنهن جو وظيفو روڪيو هجي، يا حد کان لنگهي، عزتدار جي عزت کي لتاڙيو هجي، يا ڪنهن بدعت جو بنياد رکيو هجي تہ انهن سيني برائين کي ٻنجو ڏي. ائين نہ چوي تہ اهو ٻين جو عمل آهي اسان کان پڇاڙو نہ ٿيندو ان جو وبال تہ مٿن پوندو جن ان

(1) قرطبي ص ۷۸ ج ۲، ص ۲۱٦ ج ۴، ص ۱۴۰ ج ٦، ص ۱۸۸ ج ۸، ص ۹۹ ج ۱۹، طبري ص ۸٦ ج ۳۰- ابن كثير ص ٥٦٦ ج ۳ مسلم ص ۷۰۵ ج ۲، حديث: ۱۰۱٦، ۱۰۱۷- ابن خزيمه ص ۱۱۲ ج ۴، دارمي ص ۴۰ ج ۱، مجمع الزوائد ص ۱٦۸ ج ۱، احمد ص ۳۷۵ ج ۴، ص ۳۸۵ ج ۴، المعجم الكبير ص ۳۴۳ ج ۲، شعب الايمان ص ۲۰۰ ج ۳، الترغيب والترهيب ص ۴۸ ج ۱، فتح الباري ص ۳۳۱ ج ۲.

www.maktabah.org

جو بنياد رکيو آهي، اهو شيطان ۽ نفس اماروه جو فريب آهي. پوءِ جڳائي تہ جيتوڻيڪ گذريل زماني ۾ ڪنهن بيداد ۽ ڏاڍ جو بنياد پيو هجي پر ان تي افسوس ڪندي ان جو ازالو ۽ پورائو ڪري. جيڪڏهن سندس اقتدار ۾ ڪو اهڙي ظالمانہ حرڪت ڪري تہ ڪيس سزا چڪائي ۽ ان جي معافي تلافي ڪري. ڇاڪاڻ تہ اهڙي حرڪت دراصل بادشاه جي خلاف، ان کي ناس ۽ ان جي سلطنت کي برباد ڪرڻ جي سازش آهي. ڪ سان ظلم جي چڪي ان کي پيڙي چڏيندي. پر جيڪو ظلم ۽ ڏاڍ جي پاڙ پٽيندو تہ ان جي سلطنت کي ڪمال ۽ استقلال حاصل ٿيندو. جيڪو ان جي سامهون سهڻي ڪم جي شفاعت ۽ پارت ڪندو ان جو ثواب لهندو ۽ جيڪو شخص ان جي سامهون غلط سفارش ڪندو ان سان گڏ گناه ۾ ياڳي پائيوار ٿيندو جيئن الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً حَسَنَةً يَّكُنْ لَّهٗ نَصِيْبٌ مِّنْهَا وَمَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً سَيِّئَةً يَّكُنْ لَّهٗ كِفْلٌ مِّنْهَا [1]

[جيڪو شخص سهڻي ڪم جي سفارش ڪندو تنهن کي انهيءَ مان نصيب ملندو ۽ جيڪو شخص خراب ڪم جي سفارش ڪندو انهيءَ کي ان مان حصو ملندو.]

پوءِ جنهن جيڪي چيو ۽ جيڪي ڪيو تنهن کي ان جو بدلو پوڳٹو آهي بادشاه رعيت جي ڏڻ لاءِ ڏنار وانگر آهي ۽ ان کي سندس دشمن کان نگاه ۽ پناه ڏيڻي آهي. جيڪڏهن ڪو ٻڪرُ ٻہ رڍ کي ٽڪر هڻي تہ ان تي ٻہ ترس ڪري ۽ مظلوم کي انصاف ونڻي ڏي. اهو ٽڪڙ هڻندڙ ٻڪرُ چاهي حاڪم جا مغرور ملازم هجن، چاهي ڏاريا هجن انهن جي مقابلي ۾ ماڻهن کي تحفظ ڏيڻ بادشاه تي لازم آهي. انهيءَ زماني ۾ سندن کاڏو خوراڪ پڻ بادشاه تي لازم آهي. پڻ بادشاه تي هي ٻہ لازم آهي تہ ڪافرن سان جنگ ڪري ۽ دارالحرب ۾ اسلام جي اشاعت جو انتظام ڪري. تلوار جيڪا پيغمبر اسلام جي ميراث آهي، جنهن جي هلائڻ جو

(1) سور النساء آيت: ٨٥

www.maktabah.org

الله تعالي پنهنجي پياري پيغمبر کي حڪم ڪيو آهي تہ

يَاأَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنَافِقِينَ (1)

[اي نبي! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر.]

هڪ درويش کان پڇيو ويو تہ توهان نيرو ڪپڑو ڇو پاتو آهي؟ چيائين تہ تن مصيبتن جي ڪري نيرو ڪپڑو پاتو اٿم. پيغمبر اسلام ﷺ شيون ميراث ۾ ڇڏيون: ١- علم ٢- فقر ٣- تلوار.

علم عالمن جو ورثو آهي، پر انهن عمل ڇڏي ڏنو. حالانڪ علم رب پاڪ جي قرب ۽ آخرت جي بلند مرتبن ماڻڻ جو وسيلو ۽ واسطو آهي، پر پنهنجي ناداني جي ڪري هنن علم کي دنياوي مفادن ۽ درجن حاصل ڪرڻ جو سبب بنايو تہ جيئن منصب ۽ جاه، جلال جا مالڪ بنجن. فَقر کي، فقرائن اختيار ڪيو، پر انهن فقر کي، دولتمند ٿيڻ جو ذريعو بنايو تہ جيئن عزت ۽ مال غنيمت وارا ٿين. تلوار بادشاهن جي حصي ۾ آئي پر ان جي استعمال جو جيڪو حق آهي، انهيءَ مطابق ان کي استعمال نہ ڪيائون. حالانڪ نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

أُمِرْتُ أَنْ أُقَاتِلَ النَّاسَ حَتَّى يَقُولُوا لَا إِلٰهَ إِلَّا اللهُ (2)

[مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ ماڻهن سان وڙهان تانجو لَا إِلٰهَ إِلَّا اللهُ چون.]

رعيت جي ڪمن کي سرڪاري عملدارن تي نہ ڇڏجي. مٿن مڪمل پروسو نہ ڪجي. بادشاه جو فرض آهي رعيت جي پاڻ سار سنيال لهي ۽ جيڪو شخص پنهنجو فرض ڇڏيندو بيشڪ ان جي اسلام ۾ شڪ آهي.

---

(1) سورة التوبه آيت : ٧٣

(2) قرطبي ص ١٣٢- ١٩٣ ج ١، ابن ڪثير ص ٥٠- ٢٢٤ ج ١١، ص ٣١٠- ٣٣٧ ج ٢، تفسير طبري ١٩٥٠ ج ٢، ص ٨١ ج ١٥، ص ١٠٤- ١٤٢ ج ٢٦، ص ١٦٦ ج ٣٠، مسلم ص ٥١- ٥٢- ٥٣ ج ١، ص ١٨٧١ ج ٤، بخاري ص ١٧- ١٥٣ ج ١، ص ٥٠٧ ج ٢، ترمذي ٣- ٤-٤٣٩ ج ١

www.maktabah.org

جڳائي تہ حڪمران پنهنجن اميرن، ڪبيرن، نوڪرن چاڪرن، عاملن، عملدارن، ظالمن مفسدن جي ڪارگذاريءَ ۾ احوال کان باخبر رهي، انهن مان جيڪو بہ ڏوهہ ڪري ان جو احتساب ڪري. قيامت جي ڏينهن بادشاه کي پنهنجين ڪارگذارين سان گڏوگڏ، پنهنجي رعيت زبردستن ۾ انتظاميه جي عملدارن جي خير ۽ شر جي احوال جي باري ۾ پڇاتو ٿيندو اتي ان کي پنهنجي رعيت جي ذري ذري جو جواب ڏيڻو پوندو. جيئن نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

كُلُّكُمْ رَاعٍ وَكُلُّكُمْ مَسْئُوْلٌ عَنْ رَعِيَّتِهٖ (1)

[توهان مان هر هڪ نگران آهي ۽ هر هڪ کان ان جي رعيت جي باري ۾ پڇاتو ٿيندو.]

تنهن ڪري پاڻ کي ۽ پنهنجن اهلڪارن، ڪارڪنن ۽ عملدارن کي ظلم ۽ ڏاڍ کان پري رکي، عدل انصاف جو نظام قائم ڪري. الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

اِنَّ اللّٰهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ (2)

[الله عدل، انصاف ۽ احسان ڪرڻ جو حڪم ڪري ٿو.]

ائين ڪندو تہ بنهي جهانن ۾ ڪامياب ٿيندو. ائين نہ ڪندو تہ قيامت جي ڏينهن (الله نہ ڪري) لعنتي، ڏمريل، قهر ڪيلن ۾ شامل ٿيندو. ۽ اسفل السافلين ۾ پهچندو. ان جو سبب هي آهي تہ بادشاهن جي بادشاه، حقيقي بادشاه، الله تعالي مجازي بادشاه تي وڏيون نعمتون ۽ عنايتون فرمايون آهن. جيتوڻيڪ ظاهري شڪل صورت ۾ انسان پيدا ڪيو اٿس، مگر پنهنجي زبردست حڪمت هيٺ، ڪيس اهڙو ڪمال ۽ قدرت بخشي اٿس جو جيڪڏهن، وقت جو بادشاه چاهي تہ ذلت جي ڪڏن ۽ ڪوهن ۾ ڪريل انسان کي عزت جي اوج تي پهچائي سگهي ٿو ۽

---

(1) عن عبدالله بن عمر: بخاري ص ۳۰۴ ج ۱، حديث: ۸۵۳ـ مسلم حديث: ۱۸۲۹ـ قرطبي ص ۲۵۸ ج ۵، ابن ڪثير ص ۲۰۲ ج ۲، ابن حبان، ترمذي، مجمع الزوائد، بيهقي، ابوداؤد، السنن الكبري، احمد، شعب الايمان، الترغيب والترهيب ۽ فتح الباري ص ۳۷۹ ج ۵.

(2) سورة النحل آيت: ۹۰

www.maktabah.org

جيڪو عزتن جي بلند مرتبن تي آهي ان کي ذلت جي کڏن کوهن ۾ اڇلائي سگهي ٿو. جيڪڏهن کنهن بي گناه جي قاتل ڏوهي جي معافيءَ جو حڪم جاري ڪري ته ان جي ساڻين مان کنهن کي به اها همت نه هوندي ته ان کي روکي، يا کيس ڪجهه چئي سگهي، ڇاڪاڻ ته ان کي ايتري قوت ۽ اختيار آهن جو جيڪي وٽيس سو ڪري سگهي ٿو بس حڪم "ڪُن" جي ڏير آهي. هڪدم ان جو حڪم لاڳو ٿي ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته ان جو حڪم مڃڻ، هن کي فرض ۽ واجب آهي جو ان ۾ ملڪ ۽ سلطنت جي بقا ۽ استحڪام جو راز سمايل آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن الله تعالي جي ڏنل نعمتن جي ناشڪري ڪندو ته پنهي جهانن ۾ سخت عذاب ۾ مبتلا ٿيندو. الله تعالي فرمائي ٿو ته:

لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَأَزِيدَنَّكُمْ وَلَئِنْ كَفَرْتُمْ إِنَّ عَذَابِي لَشَدِيدٌ (1)

[جيڪڏهن توهان شڪر ڪندا ته ضرور توهان کي وڌائيندس ۽ جيڪڏهن ناشڪري ڪندا ته پوءِ بيشڪ منهنجو عذاب به سخت آهي.]

جڏهن بادشاهن جي بادشاه يعني الله تعالي، بادشاه تي احسان ڪيو آهي ته بادشاه جو به فرض آهي ته هين تي احسان ڪري، ته جيئن قرآن ۾ آهي ته: (قارون کي ماڻهن چيو ته)

أَحْسِنْ كَمَا أَحْسَنَ اللَّهُ إِلَيْكَ (2)

[جيئن الله تو سان پلائي ڪئي آهي ته تون به پلائي ڪر.]

احسان سڃاڻڻ ۽ قدر شناسيءَ جا ٻه قسم آهن: ۱- خالق جي تابعداري ڪرڻ ۲- ٻيو مخلوق سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ. خالق جي شڪر گذاري هيءُ آهي ته رب تعالي جي عبادت ۽ ٻانهپ واري واٽ تي ثابت قدم رهي ۽ مخلوق سان پلائي ڪرڻ جو مطلب آهي، جيئن پنهنجي فرض منصبي موجب انهن سان انصاف ۽ احسان جو معاملو ڪري تان ته دنيا ۽ آخرت پنهي جهانن ۾ عزت حاصل ڪري. ائين نه ڪندو ته پنهي جهانن ۾ سخت عذاب پوڳيندو دنيا ۾ به ذلت ۽ خواري

(1) سوره ابراهيم آيت: ۷

(2) سورة القصص آيت: ۷۷

www.maktabah.org

سهڻي پوندس. ان ڪري بادشاه ڪي گهرجي تہ پنهنجي جان، پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي دين ۽ ايمان جو دشمن نہ ٿئي.

نہ رڳو پاڻ پر جيڪو ان جو تابعدار آهي ان کي بہ گهرجي تہ دين تي قائم رهي. ڇاڪاڻ تہ اصول آهي تہ

اَلنَّاسُ عَلٰى دِيْنِ مُلُوْكِهِمْ (1)

[ماڻهو پنهنجن بادشاهن جي دين تي هوندا آهن]

پوءِ بادشاه جي ڪارندن مان جيڪو بہ ظلم ۽ زيادتي ڪري، تنهن کي پنهنجي ذات، پنهنجي مال ۽ پنهنجي ايمان جو دشمن ڄاڻي ۽ ڪيس جوڳي سزا ڏي تہ جيئن ٻيا ماڻهو عبرت حاصل ڪن، اهڙي ريت ٻنهي جهانن جي عذاب کان نجات حاصل ڪري، نہ تہ معاذ الله! ان جا ٻئي جهان خوار ۽ خراب ٿي ويندا.

"بيت"

هر که فرمان حق تباه کند ـ لا جرم در دو کون خوار بُود
و آنکه فرمان حق بجا آورد ـ در هر دو جا صاحب اعتبار بود

[جيڪو حق تعالىٰ جي نافرماني ڪندو بيشڪ ان جا ٻئي جهان تباه ٿيندا ۽ جيڪو حق جي تابعداري ڪندو ٻنهي جهانن ۾ عزت، اڪرام ڏسندو.]

رسول الله ﷺ جو فرمان آهي تہ جيڪو بادشاه ظلم ڪندو الله تعالىٰ ان جي بادشاهي ۾ نقصان ۽ خسران پيدا ڪندو. مثلاً، ان جي اقتصادي حالت ۽ سلطنت سگهوئي برباد ٿي ويندي. بادشاه تي ٻيا حڪمران غالب ٿي ويندا تانجو بادشاه خود مسڪينن پنيو فقيرن کان بہ وڌيڪ محتاج ۽ تنگ دست ٿي ويندو. جيئن شيخ سعدي چيو آهي تہ:

---

(1) فتح الباري ص ۱۵۱ ج۷ ـ المصنوع ص ۱۹۸ ج۱ـ جيتوٿيڪ حديث ۾ اهي لفظ نٿا ملن پر قرآن مجيد ۾ ان مضمون جون ڪيترين ئي آيتون آهن جن مان هڪ هيءَ آيت آهي تہ قيامت جي ڏينهن دوزخي چوندا تہ: ربنا اطعنا سادتنا وكبراءنا فاضلونا (رب اسان جا! اسان پنهنجن وڏن ۽ پنهنجن سردارن جي پيروي ڪئي، پوءِ انهن اسان کي گمراه ڪري ڇڏيو.

www.maktabah.org

بيت

درويش و غني بنده اين خاک درند
آنهان که عزّ ترند محتاج ترند

[درويش ۽ غني، هن متيءَ جي اندر پوريل آهن. جن کي سڀ کان گهٽي عزت حاصل هئي، اُهي اڄ سڀ کان وڌيڪ محتاج آهن.]

بارگاه رب العزت ۾ بادشاه، پاڻ کي بي وس فقير کان بہ گهٽ سمجهي، سندس عبادت ڪري، چاکاڻ تہ حڪومت ۽ اقتدار سندس ذات آهي ۽ وڏا وڏا بادشاه بہ ان مالک الملک جي در جا پينو فقير آهن. ماڻهو جيڪي الله جو ڪتب آهن، تن سان انصاف جو معاملو ڪري، پنهنجي ملک ۾ رات جو ويس بدلائي حالات جو جائزو وٺي. جنهن عملدار کي ڏسي تہ ماڻهن سان سهڻو سلوڪ ڪري ٿو تنهن کي نوازي ۽ ترقي ونرائي، جنهن کي ڏسي تہ ماڻهن تي ظلم ڪري ٿو ان کي عبرتناڪ سزا ڏي. جيڪي ماڻهو قوم ۽ ملک جي حالتن جي تحقيق لاءِ مقرر آهن يا واقعن ۽ حالاتن جي لکندڙن کي ڳجهيءَ طرح تاکيد ڪري تہ هر ننڍو وڏو واقعو يا بي واجبي ڳالهيون روزانو لکي، ملک، قوم ۾ هراس نہ پکيڙيو ۽ بي حيائي جي فضا پيدا نہ ڪريو. اها ملک، قوم، دين ۽ حڪومت سان دشمني آهي. جيڪڏهن توهان پنهنجي خراب عادت کان باز نٿا اچو تہ توهان کي اهڙي سخت سزا ڏينداس، جيڪا ڪنهن بددين ۽ ملک، ملت جي دشمن جي هوندي آهي. جيڪڏهن اوهان ملک ۽ ماڻهن سان پلائي ڪندا تہ توهان کي نوازيندس ۽ جڏهن هن دنيا مان لاڏاٿو ڪري پنهنجي پالڻهار وٽ ويندا تہ اتي بہ پنهنجي انهيءَ حق پرستيءَ جو چڱو بدلو لهندا. انهيءَ نصيحت ۽ تنبيه کان پوءِ بادشاه کي گهرجي تہ ڏوهارين ۽ شرپسندن جي چرپر کان غافل نہ رهي. سرڪاري عملدارن ۽ خبر رسان عملدارن کي گهرجي تہ مظلومن تي جيڪي بہ ۽ جتي بہ ظلم ٿين تہ بغير ڪنهن گهٽ وڌائيءَ جي سڌيءَ طرح حڪمرانن جي سامهون پيش ڪن. بادشاه سندن شڪايت تي پوري طرح ڌيان ڏي ۽ کين ڪنهن بہ طرح نہ هيسائي، نہ تہ ڪنهن بہ واقعي جو اطلاع ۽ شڪايت ان تائين پهچي نہ

www.maktabah.org

سگهندي. جيڪڏهن ڪيس معلوم ٿئي تہ واسطيدار ادارن اصل ڏوهيءَ کي لکائڻ ۾ ناحق ٻئي ڪنهن کي ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙا اطلاع ڏنا آهن ۾ حقيقت تي پردو وڌو آهي تہ ضروري آهي تہ حاڪم، ذميدار ماڻهن کي عبرتناڪ سزا ڏئي تان تہ آئنده ڪو اهڙي جرائت نہ ڪري ۾ ملڪ ۾ قوم ۾ ظلم ۾ فساد و زور نہ وڌي. جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي ظلم ۾ تعديءَ جو واقعو پيش ٿيو هجي ۾ بادشاه واسطيدار ظالم کي پڻهنجي عهدي تان برطرف نٿو ڪري ۾ مظلوم جي امداد نٿو ڪري تہ ستت "اسفل السافلين" ۾ پهچي ويندو. جيڪو حاڪم، ملڪ قوم مان ظلم ۾ بيداد جي پاڙ پٽي، انصاف جو نظام جاري ڪرڻ جي سگهہ نٿو رکي يا پاڻ ظلم ۾ ڏاڍ تي سندرو ٻڌي بيهي ٿو تہ اها گهڙي پري نہ آهي جو ان کان حڪومت کسجي وڃي. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ جو اصول آهي، جيئن مٿي آيت گذري تہ: تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ وَتَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَآءُ (جنهن کي چاهين، بادشاهي ڏين ٿو جنهن کان چاهين، بادشاهي کسين ٿو.)

اهڙن ظالمن حڪمرانن جي آمدنيءَ جي ذريعن ۾ خزانن ۾ ڪوٽ، امن امان ۾ ڏڦيڙ ۾ ملڪ ۾ هر هنڌ ڦڙ ڦوٽ پئجي ويندي آهي. ان ڪري ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا (1)

[۾ظالمن کي رڳو نقصان ۾ وڌائي ٿو.]

اها ذلت، نقصان، خواري اقتدار ايماندار کان محرومي دنيا جي سزا آهي. آخرت ۾ ظالمن کي الله تعاليٰ جي طرفان دائمي لعنت هوندي ۾ سندن ٺڪاڻو آهي ۾ جيئن الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

يَوْمَ لَا يَنْفَعُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَعْذِرَتُهُمْ وَلَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ (2)

[قيامت جي ڏينهن ظالمن کي انهن جو عذر فائدو نہ ڏيندو ۾ مٿن لعنت آهي ۾ انهن لاءِ بيڙو گهر آهي.]

---

(1) سورة الاسراء آيت: ٨٢

(2) سورة المؤمن آيت: ٥٢

www.maktabah.org

بيت

بسي سهل است ذلت در داردنيا
كه باشد يک عقوبست در دار عقبا
مذلت در دنيا سهل باشد
بنرديک آن کس که او اهل باشد
مذلت اين جهان آسان نمايد
زوال ايمان بس مشکل آيد
زوال دين ودنيا هست در ظلم
مکُن بر خويشتن پس اين همه ظلم
که عاقبت ظلم در نار باشد
هميشه در عذر خوار باشد

[دنيا گهر جي ذلت سهڙ سولي ڳالهه آهي. پر اخرت جي گهر ۾ ٿيندڙ سزا آهي. دنيا جي ذلت خواري ان شخص لاءِ جيڪو ان جو اهل آهي. هن دنيا جي خواري هلڪي نظر اچي ٿي پر ايمان جي دولت کان محرومي ڏاڍي ڏکئي ڳالهه آهي. دين ۽ دنيا جو زوال ظلم آهي. ان کري پنهنجو پاڻ تي اهو سمورو ظلم نه ڪر. چو ته ظالم جي پڇاڙي دوزخ آهي هميشه لاءِ عذاب ۾ ذليل رهندو.]

الله تعالي فرمائي ٿو:

فَكَانَ عَاقِبَتَهُمَا أَنَّهُمَا فِي النَّارِ خَالِدَيْنِ فِيهَا وَذَٰلِكَ جَزَاءُ الظَّالِمِينَ (1)

[پوءِ انهن ٻنهي جي عاقبت اها آهي ته سدائين دوزخ ۾ رهندا ۽ ظالمن جو اهو ئي بدلو آهي]

غرض جڳائي ته وقت جو حاڪم خدا جي ڏرتي تي عدل ۽ انصاف قائم ڪري. خدا جي خلق کي پنهنجي حفاظت ۽ عدالت جي ڇانو ۾ امن امان، خوشي ۽ خوشحالي سان رکي. جيڪڏهن وزيرن، مشيرن، عملدارن، ڪارندن، نوابن، گورنرن مان ڪنهن ڏري جيتري به بي انصافي ڪئي آهي، بادشاه تي فرض آهي ته ظالم کي ڪيفر ڪردار تي

(1) سورة الحشر آيت: ١٧

www.maktabah.org

پهچائي. پنهنجن ساڻين ۾ سڃڻن کي انصاف جو پابند ۾ محافظ ڪري تان تہ ملڪ آباد رهي ۾ امن قائم ٽئي، بادشاه جي عمر وڌي، ان جي دولت ۾ اضافو ٽئي ۾ حڪومت ۾ استحڪام اچي. رسول الله عليه وآله وسلم جن فرمايو آهي تہ:

أُنْصُرْ أَخَاكَ ظَالِمًا أَوْ مَظْلُومًا قِيْلَ يَا رَسُوْلَ اللهِ هٰذَا نَصَرْتُهُ مَظْلُومًا فَكَيْفَ أَنْصُرُهُ ظَالِمًا؟ قَالَ تَحْجُزُهُ وَتَمْنَعُهُ مِنَ الظُّلْمِ فَذٰلِكَ نَصْرُهُ (1)

[پنهنجي ياءُ جي مدد ڪر، چاهي ظالم هجي، چاهي مظلوم هجي. چيو ويو تہ اي الله جا رسول ﷺ! مظلوم جي مدد ڪرڻ تہ فرض آهي، پر ظالم جي مدد ڪيئن ڪريان؟ فرمايائون تہ ڪيس ظلم کان روڪ، اها ئي تنهنجي طرفان سندس مدد آهي.]

چاڪاڻ تہ بحث ۾ تحقيق کان سواءِ علم، دولت ۾ محنت کانسواءِ واپار ۾ صحيح انتظام کان سواءِ ملڪ مضبوط نہ ٿيندو آهي. اهي منهنجا عزيز! انهيءَ انتظام ۾ انهيءَ عملداريءَ مان مراد اها نہ آهي تہ فقط ڏاڙيلن، باغين ۾ چورن جي خلاف ڪات ڪهاڙا تيز ڪجن، بلڪ سياڻي شريسندن، فسادين ۾ ظالمن جي غير قانوني، غير اخلاقي ۾ ظالمانہ ڪاروائن کي ٻنجو ڏجي، چاهي اهي ڪاروايون ڪندڙ ڪاريون رڍون حڪومت جي اندر هجن يا حڪومت کان ٻاهر هجن، اهي زبردست هجن، يا زيردست هجن، هر هڪ کي قانون جي ڪوڙڪيءَ ۾ قابو رکجي، هر هنڌ قانون جي رکوالن کي چوڪس رکجي. بادشاه جو فرض آهي تہ سرڪاري ڪامورن، اهل ڪارن، نمائندن ۾ اختياري وارن کي تاڪيد ڪندو رهي تہ خبردار! توهان مان جيڪو بہ ذري جيترو بہ ظلم ۾ بي انصافي ڪندو، اهو نہ صرف حڪومت ۾ ملڪ جو مخالف ليکبو، پر اهو خود الله ۾ رسول ﷺ جو بہ دشمن آهي، چاڪاڻ تہ الله پاڪ ۾ ان جو رسول سڳورو ﷺ انهيءَ شخص کي پيارو نٿو رکي، جيڪو بين کي

(1) عن انس ابن كثير ص ٧ ج٢، قرطبي ص ١٧٠ ج ١٠- بخاري حديث: ٦٥٥٣، بيهقي ص ٩٤ ج ٦، احمد ص ٢٠١ ج٣، مسند ابويعلي ص ٤٤٩ ج ٦، شعب الايمان ص ١٠١ ج ٦، مسند عبد بن حميد ص ٤١١ ج ١.

www.maktabah.org

ستائيندو آهي ۽ ايذائيندو آهي، بلڪ حڪم آهي تہ:

أُقْتُلُوا الْمُؤْذِيَ قَبْلَ الْإِيْذَاءِ

[موذيءَ کي ايذاءُ پهچائڻ کان اڳ قتل ڪري ڇڏيو.]

ان ۾ ئي سڀني جو پلو آهي. بادشاه پنهنجن عملدارن مان هر هڪ تي اها ڳالهہ واضح ڪري ڇڏي تہ اهڙي شخص جي جان، مال ۽ گهر بار کي بہ ڦٽائي ناس ڪري ڇڏيندو، جيڪو عوام تي ظلم ڪندو. ظلم ۽ بي انصافيءَ جو نتيجو جيڪو بہ نڪري، ڏوهاريءَ جي سر تي هوندو. ڇاڪاڻ تہ دنيا ۽ آخرت ۾ ظالم جي بربادي ۽ خواري يقيني آهي. ٻئي جي مال ۾ طمع رکندڙ شخص ڪڏهن ڪامياب نہ ٿيندو آهي، بلڪ اهڙو شخص سدائين ناڪام ٿيندو آهي. شيخ سعدي رح فرمائي ٿو:

طمع را سه حرفست هر سه تهي ازان نيست مر مطمعان را
در هر دوجهان ظالم را همچون شيطان بلعنت ياد كرده اند

[طمع ۾ ٽي اکر آهن، لالچين لاءِ انهن ٽنهي اکرن مان هر هڪ اکر خالي آهي، ڇاڪاڻ تہ ظلم ڪندڙ تي شيطان وانگر ٻنهي جهانن ۾ لعنت ڪيل آهي.]

بهرحال ٻنهي جهانن ۾ ظالم کي شيطان وانگر لعنت سان ياد ڪيو ويو آهي. حيف آهي عاقل مرد تي، جيڪو ڏسي وائسي پاڻ کي لعنت جو مستحق ثابت ڪري ٿو. بادشاه کي گهرجي تہ هر ملڪ ۽ هر علائقي ۾ پنهنجا عملدار ۽ نمائندا مقرر ڪري، جيڪي هر هنڌ عادلانہ نظام جي سرپرستي ڪن ۽ عوام تي ڪٿي بہ ظلم ۽ زيادتي ٿيڻ نہ ڏين ۽ انهن جو هر قانون ۽ ضابطو شريعت مطهره جي اصولن مطابق هجي.

هڪ پيري وقت جو بادشاه پنهنجن ملازمن سان گڏجي هن فقير جي پيردستگير (حضرت مخدوم نوح) جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. دعا ۽ نصيب جي درخواست ڪيائين. پاڻ فرمايائون تہ ملڪ بغير بادشاه جي، بادشاه بغير لشڪر جي، لشڪر بغير خزاني جي، خزانو بغير رعيت جي، رعيت بغير عدل ۽ انصاف جي خوش نہ ٿيندي آهي. ٻين لفظن ۾ هر چڱائي ۽ پلائي جو دارومدار عدل ۽ انصاف تي آهي.

www.maktabah.org

بيت

دولت سلطان بود ز باقي عدل

پس بفرما در جهان احسان وعدل

[بادشاه جي سلطنت عدل سان قائم رهندي آهي، تنهن ڪري دنيا ۾ عدل ۽ انصاف جو نظام قائم ڪر.]

انهيءَ بادشاه، حضرت صاحب جن کي نصيحت لاءِ عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون ته ملڪ ٽن قلعن کان سواءِ مضبوط ۽ بقادار نه ٿيندو آهي. انهيءَ وڏي چاه سان پڇيو ته سائين! اهي قلعا ڪهڙا آهن؟ پاڻ فرمايائون ته: ۱-سڀ کان وڏو قلعو رعيت ۾ عدل ۽ انصاف جو قائم ڪرڻ آهي، جنهن جي وسيلي انهن جي صفن ۾ خوشي ۽ خوشحالي ايندي ۽ آبادي قائم ٿيندي. چادر ۽ چاردیواريءَ جو تقدس قائم رهندو. ڪٽي ڪو رخنو ۽ خلل واقع نه ٿيندو. شور شرابو پيدا نه ٿيندو ۽ بادشاه جي خزاني ۾ ڪمي نه ايندي. ۲- ٻيو قلعو لشڪر آهي، انهن جي حفاظت ڪر، انهن کي خوش رک، انهن تي انعام اڪرام جي نوازش ڪر، هميشه انهن کي نصيحت ڪر ته کين دشمن کي ڀڃڻي ٽوڙ شڪست ڏيڻي آهي. کين مملڪت جي اتحاد ۽ تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو آهي، ملڪ ۽ قوم کي پاڙيسري ملڪن جي فتني ۽ فساد کان امن فراهم ڪرڻو آهي. تان ته ماڻهو بادشاه جي رحمت جي ڇانو ۾ امن ۽ آرام سان زندگي گذارين. ۳- ٽيون فولادي قلعو اهل الله جو آهي. الله تعالي انهن لاءِ بيت المال ۾ جيڪو حصو مقرر فرمايو آهي، بغير ڪنهن حيلي حجت جي خوشيءَ سان کين سندن اهو حصو ڏيڻ گهرجي. تان ته عالم ۽ فاضل پنهنجي مدرسن ۾ ديني علم جو شرعي فرض دلجمعي، اطمينان ۽ يڪسوئي سان سرانجام ڏين ۽ مملڪت جي خوشحالي لاءِ اولياءَ الله فقرائن، درويشن، بزرگن ۽ معذورن جي تعظيم، عزت ۽ احترام کي قائم رکجي ته جيئن اُهي قوم ۽ ملڪ لاءِ دعا ڪندا رهن. انهن جي معاشي ضرورتن جو خيال رکجي، پاڻ کي سندن محتاج سمجهڻ گهرجي نه هي ته کين پنهنجو محتاج ۽ مجبور سمجهيو وڃي. جيڪو به مقصد ۽ مطلب هجي سچي دل

www.maktabah.org

سان انهن جي خدمت ۾ اچي، ساڻن مشورو ڪجي ۽ انهن کان دعا ونجي، چاڪاڻ ته الله تعالي نجات لهندڙ فرقي مان ڪن کي پنهنجي ملڪ جو "ارباب حل وعقد" قرار ڏنو آهي، يعني انهن جي برڪتن ۽ ڪوششن سان مشڪلاتون حل ٿين ٿيون، مصيبتون دور ٿين ٿيون. اهي جيڪي چون ٿا، سو الله تعالي جي بي نياز بارگاه ۾ قبول ٿئي ٿو ڪڏهن رد نٿو ٿئي، جيئن نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته:

رُبَّ اَشْعَثُ اَغْبَرُ ذِیْ طِمْرِیْنِ لَایُؤْبَهُ لَهُ لَوْاَقْسَمَ عَلَی اللّٰهِ لَاَبَرَّهُ (1)

[گهٽا مسافرن وانگر ڪنڊريل وارن وارا ۽ متيءَ ۾ ٻريل ٻانها اهڙا آهن، جو جيڪڏهن اهي الله جو قسم ڪٽن ته پڪ الله پاڪ انهن جي ڀالهه کي سچو ثابت ڪندو.]

نقل آهي ته هڪ بادشاه ڪنهن مرشد وٽ هن غرض سان آيو ته ڪنهن درويش کي اسان جي حوالي ڪريو جيڪو اسان جي دربار ۾ رهي. انهيءَ وقت واسطيدار شيخ مناجات الهيءَ ۾ مشغول هو تنهن ڪري بادشاه ڏانهن ڪو ڌيان نه ڏنائين. بادشاه ڪجهه دير بيٺو رهيو آخرڪار سندس شاهي غيرت جوش ۾ اچي وئي. چوڻ لڳو ته الله تعالي فرمائي ٿو:

اَطِیْعُوا اللّٰهَ وَاَطِیْعُوا الرَّسُوْلَ وَاُولِی الْاَمْرِ مِنْكُمْ (2)

[چيو مڃيو الله جو ۽ چيو مڃيو رسول جو ۽ (چيو مڃيو) انهن ماڻهن جو جيڪي توهان جا امير ۽ حاڪم آهن.]

حضرت شيخ فرمايو ته هتي "اولي الامر" مان مراد اهي اهل الله ۽ فقراءَ آهن، جو اهي جيڪي به چاهيندا آهن، سو لهندا آهي ۽ جيڪي چوندا آهن، سو ٿيندو آهي. پوءِ فرمايائون ته تي سال ٿيا آهن، اسين جيڪي ڪجهه چئون ٿا، سو ٿئي ٿو.

چون ٿا ته هڪ پيري شيخ فريد الدين گنج شڪر چيو ته جيڪي

---

(1) احمد حديث: ١٢٤٩٨ ص ١٤٥ ج ٣، ابن كثير ص ٦٣ج٢، ص ٤٤٨ ج ٣، بخاري ص ٩١٦ حديث: ٢٥٥٦، شعب الايمان ص ٣٢١ ج ٧، ابن حبان ص ٤٣٤ ج ١٥، حاكم ص ٥٦ ج ٣، ترمذي ص ٦٩٢ ج ٥، الاحاديث المختارة ص ٤٢٠ ج ٤.

(2) سورة النساءآيت : ٥٩

www.maktabah.org

خدا تعالي چاهي ٿو سو ٿئي ٿو. تڏهن حضرت رب العزة طرفان آواز آيو ته "فريد جيڪو چوندو سو ٿيندو. قصو مشهور آهي ته هڪ شاهي غلام جنهن جو تعلق دهليءَ جي بادشاه سان هو انهيءَ هڪ فقير کي چمات وهائي ڪيي، جنهن وڃي بوعلي قلندر وٽ شڪايت پيش ڪئي. هڪدم شيخ موصوف بادشاه ڏانهن هن مضمون جو خط لکيو ته دهليءَ جي داروغي کي خبردار ٿو ڪجي ته تنهنجي هڪ ٻانهي هڪ درويش کي چمات هنئي آهي، جنهن جو آواز آسمان تي پهتو آهي. جيڪڏهن ڪيس هٿائي، ٻئي کي سندس جاءِ تي رکندين ته ٺيڪ آهي نه ته تنهنجي بجاءِ ٻئي کي رکنداسون. بادشاه هڪدم ڪيس هٿائي ٻئي ٻانهي کي رکي ڇڏيو.

انهيءَ زماني جو هڪ بادشاه ڪجهه عرصو هن فقير جي پير دستگير (حضرت مخدوم نوح رح) جي خدمت ۾ لڳاتار ايندو رهيو. انهيءَ چيو ته جڏهن اسان جو ڏاڏو حڪومت ڪندو هو مالي ۽ معاشي مدد ملندي هئي ۽ پنهنجي پيءُ جو نالو وٺي چيائين ته سندس زماني ۾ وڏي خوشحالي هئي. ان کي ان وقت جي فلاڻي وڏي وليءَ جي دعائن جو نتيجو سمجهندا هئاسون. اسان جي مرشد فرمايو ته جن ماڻهن کي الله تعالي پنهنجي احسان سان نوازيو آهي، ڇا تون انهن کي پنهنجو احسانمند ڪرين ٿو حالانڪ الله تعالي تو جهڙن بيشمار ماڻهن کي سندن محتاج ۽ مرهون منت ڪيو آهي؟ بادشاه ڏاڏو ڪو ٿيو ۽ رنو معذرت ڪندي درخواست ڪيائين ته فلاڻي شيخ کي اسان جي درباري ٿيڻ جي اجازت ڏيو. اسان جي حضرت شيخ صاحب اها شاهي درخواست قبول نه ڪئي. وري بادشاه پنهنجي ملازم وسيلي پيغام موڪليو ته اسين اولوا الامر آهيون، اسان وٽ اچو ۽ سرڪاري دربار ۾ شامل ٿيو. ڇاڪاڻ ته اسان جو بار بار توهان وٽ اچڻ صحيح نه آهي. اسان جي شيخ فرمايو ته اسين فقراءَ ئي حقيقي اولوا الامر آهيون. جيڪڏهن تنهنجي بادشاهي کسي تنهنجي ڪنهن ملازم کي ڏيڻ چاهيون ته الله تعالي ائين ڪندو. آخرڪار ائين ئي ٿيو جو ڪجهه عرصي کان پوءِ اهو ئي ملازم ان ملڪ جو بادشاه ٿيو جنهن جو شيخ موصوف نالو ورتو هو. ان کري بادشاه کي گهرجي ته پاڻ

www.maktabah.org

کي جماعت صوفياءَ جو شڪر گذار ۽ سندن در جو گدا سمجهي، هر نازڪ گهڙيءِ ۾ وٽن حاضر ٿي دعا جي درخواست ڪري. چيو ويو آهي:

بيت

گدائيَ اهل دل شو برائيَ همه نظر
که هر چه مي طلبي زان نظر تواني يافت

[هر نظر لاءِ اهل دل جي در جو فقير ٿيءُ، جيڪي به طلب ڪندين ان کي انهيءَ نظر سان حاصل ڪري سگهندين.]

جيستائين اسان جي ديني دنياوي قبله حضرت پير دستگير کي ظاهري ۽ باطني حياتي حاصل آهي، ڪو به بادشاه ان کان زور نٿو ٿي سگهي. چاهي ڪيڏي به وڏي فوج آڻي. ۽ ڪيڏو به وس هلائي. کين فقط مٿيءَ جي هڪ مٺ سان ائين شڪست ڏسندو جيئن هين کي شڪست ڏسٽي پئي آهي، انهيءَ جاءِ تي هڪ رات کان وڌيڪ ترسي به نه سگهندو سواءِ ان جي جو پاڻ کي ۽ پنهنجي حڪومت کي حضرت پير دستگير قدس سره جي حفاظت ۽ حصار ۾ آڻي.

بادشاه جي ٽين حالت جيڪا الله تعالي سان تعلق رکي ٿي سا اها آهي ته عدل انصاف جي اصولن جي پابندي ڪندي، ظاهر ۽ باطن ۾ پاڻ به خدا جو خوف ڪندي، سندس عبادت ڪري ۽ پنهنجي مملڪت کي به ذاتي غرضن ۽ خواهشن جي بجاءِ الله تعالي جي ڏسيل تعليم مطابق هلائي.

احسان جي تعريف

اصحابن سڳورن کي تعليم ڏيڻ لاءِ هڪ ڀيري حضرت جبريل امين عليه السلام انساني صورت ۾ آيو ۽ نبي ﷺ کان کي سوال پڇيائين. جن مان هڪ سوال هي هو ته:

www.maktabah.org

مَا الْإِحْسَانُ؟ قَالَ اَنْ تَعْبُدَ اللهَ كَاَنَّكَ تَرٰهُ فَاِنْ لَّمْ تَكُنْ تَرٰهُ فَاِنَّهٗ يَرَاكَ(1)

[احسان چا آهي؟ فرمايائون تہ احسان هي آهي تہ الله جي عبادت ائين ڪر جڻ تون ڪيس ڏسين ٿو. پوءِ جيڪڏهن ڪيس نٿو ڏسين نہ اهو تہ توکي ڏسي ٿو.]

بادشاه جو فرض آهي تہ فرضي عبادتن سان گڏو گڏ نفلي عبادتن جي بہ پابندي ڪري، نفلي رواز رکي، قرآن جي تلاوت ڪري، اکيلائيءَ ۾ ويهي پنهنجو محاسبو ۽ مراقبو ڪري، پوءِ مملڪت جي معاملن ڏانهن ڏيان ڪري، خلق خدا جون ضرورتون پوريون ڪري، جيڪي محروم آهن، تن کي عطا ڪري، جتي فتنو فساد هجي، تن جي اصلاح ڪري، رعيت چاهي مسلمان هجي يا غير مسلم، ان تي ظلم ٿئي تہ ڪيس انصاف ڏياري، الله تعالي جي احڪامن جي ائين حفاظت ڪري جڻ الله کي ڏسي ٿو. جيڪڏهن پاڻ الله کي نٿو ڏسي تہ سندس دل ۾ ايترو تہ ويساه هجي تہ الله ان کي ڏسي ٿو، تان تہ ان جو هر ڪم ۽ هر حڪم نفس پرستي، دنيا پرستي، خود پرستي، مفاد پرستي، جاه طلبي، خودغرضي کان پاڪ ۽ فقط الله جي رضا طلبي جي جذبي سان هجي ۽ سلوڪ ۾ وڏا درجا ۽ منزلون ماڻي، صلہ رحمي يعني متي ڇڻيڻ بہ بندگيءَ ۾ شامل آهي. ان ڪانسواءِ ڪوشش ڪري تہ هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ سر، ڏٽيءَ جي در تان نہ هٽائي. مجازي بادشاه کي، دنياوي شان شوڪت هرگز دوکي ۾ نہ وجهي. الله فرمائي ٿو تہ:

فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ (1)

[پوءِ توهان کي دنيا جي حياتي دوکي ۾ نہ وجهي ۽ الله جي باري

---

(1) قرطبي ص ۴۱۵ ج ۱، ص ۲۹۷ ج ۵، ص ۱٦٦ ج ۱۰، ۳۱۵ ج ۱۳، ۷۴ ج ۱۴، ابن ڪثير ص ۴۲۳ ج ۲- مسلم ص ۳۷ ج ۱ حديث: ۷- بخاري ص ۲۷ ج ۱، ابن خزيمه، ابن حبان، حاڪم، موارد الظمآن، ترمذي، سنن صغري، مجمع الزوائد، بيهقي، ابوداؤد، ابن ماجه، احمد.

(1) سوره لقمان آيت: ۳۳

www.maktabah.org

۾ توهان کي دوکو ڏيندڙ (شيطان) دوکو نه ڏئي]

کيس جڳائي ته هٿ، وڏائي ۽ خودپسنديءَ سبب پنهنجي حڪومت تي آکڙ نه ڪري جو اها فرعوني صفت آهي، جنهن تڪبر وچان چيو هو ته:

أَلَيْسَ لِي مُلْكُ مِصْرَ وَهَٰذِهِ الْأَنْهَارُ تَجْرِي مِن تَحْتِي (2)

[ڇا هي ملڪ مصر منهنجو نه آهي، جنهن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون؟]

بلڪ هميشه هيٺائي ۽ عاجزيءَ جي هلت هلي، هٿيلو ۽ هوڏي نه ٿئي، حڪومت تي اجايو پروسو نه ڪري، اقتدار جي غرور ۾ اچي مخلوق کان بي نياري اختيار نه ڪري. جيئن هندستان جي عظيم بادشاه، همايون جو قصو مشهور آهي. ان جي دماغ ۾ هڪ قسم جي وڏائي ۽ تڪبر پيدا ٿيو تنهن ڪري يارهن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي محل جي مٿين ماڙيءَ تي ماٺهن جي ديدار لاءِ صرف منهن ٻاهر ڪيندو هو. ان کي "جلوه قدسي" جو نالو ڏنائين. آخرڪار ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پنهنجي نوڪر کان شڪست کاڏائين، وڏي محنت ۽ مشڪل سان جان بچائي خراسان جي ملڪ پهتو. آخرڪار خراسان (ايران) جي بادشاه جي مدد سان ٻيهر هندوستان تي قبضو ڪيائين.

تڪبر هڪ روحاني بيماري آهي، جنهن جو علاج روحاني حاذق طبيب ڪندا آهن. جيڪڏهن تقدير ۾ مريضن لاءِ ٻنهي جهانن جي سعادت لکيل هوندي ته اهو عارف ۽ ڪامل مرشد وٽ اچي، ان کي عاجزي سان التجا ۽ عرض ڪندو ته شفقت ۽ مهرباني سان هن جو علاج فرمائي. ٻي صورت ۾ منجهس اخلاقي ۽ روحاني بيماريءَ سبب سرڪشي ۽ نافرمانيءَ جي صفت پيدا ٿيندي آهي، جيئن الله تعالي فرمائي ٿو:

إِنَّ الْإِنسَانَ لَيَطْغَىٰ أَن رَّآهُ اسْتَغْنَىٰ (1)

[بيشڪ انسان سرڪشي اختيار ڪري ٿو، جو پاڻ کي بي پرواه سمجهي ٿو.]

---

(2) سوره زخرف آيت: ۵۱

(1) سوره علق آيت: ۶

www.maktabah.org

يقين صادق ڪرڻ گهرجي ته جڏهن ڀانهو پنهنجي بادشاهيءَ ۾ استغناءِ ۽ بي پرواهي اختيار ڪندو آهي ته سندس دماغ ۾ تڪبر ۽ هٺ جو خناس پرجي ويندو آهي ۽ ماڻهن کي نفرت ۽ حقارت جي نظر سان ڏسندو آهي، پوءِ الله تعالي جي فضل ۽ مهرباني‌ءَ کان محروم ٿي ويندو آهي. جيئن نبي سائين ﷺ جن فرمائن ٿا:

لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ مَنْ كَانَ فِي قَلْبِهِ حَبَّةٌ مِنْ خَرْدَلٍ مِنْ كِبْرٍ (1)

[جنهن جي دل ۾ اهر جي ڏاڻي جيترو به تڪبر هوندو اهو جنت ۾ داخل نه ٿيندو]

اهڙي شخص کي گهرجي ته پنهنجي وجود ۾ غور ڪري ته ڪهڙي شيءِ مان خلقيو ويو آهي ۽ آخرڪار ڪهڙي نتيجي تي پهچندو؟ سندس اصليت، منيءَ جو قطرو آهي. الله فرمائي ٿو ته:

أَلَمْ نَخْلُقْكُمْ مِنْ مَاءٍ مَهِينٍ ﴿٢٠﴾ (2)

[ڇا اسان توهان کي خسيس پاڻيءَ مان پيدا نه ڪيو؟]

انسان جي شروعات خسيس قطري مان ٿي، ورِي آخرڪار مري ڪِري مٽيءَ جي مُٺ ۾ ملي، خوار ٿيندو. هڪ مانيءَ جي گرهه ۽ هڪ پاڻيءَ جي قطري جي درميان گرفتار آهي. جيڪڏهن نصيب هوندس ته ڪائيندو پيئندو نه ته ان به عاجز ۽ محروم رهجي ويندو ۽ پنهنجي مملڪت ۽ سلطنت هڪ ڪوزه جي بدلي ۾ ڏيندو.

نقل آهي ته هڪ بادشاه ڪي پيٽ ۾ سور پيو. هڪ اهل دل ڪي ان وٽ آندائون. بادشاه ان سان وعدو ڪيو ته جيڪڏهن منهنجي پيٽ جو سور ختم ٿيو ته توکي پنهنجي اڌ مملڪت ڏيئي ڇڏيندس. درويش توجه

---

(1) قرطبي ص ٢٩٦ ج ١، ١٩٧ج٧، ابن كثير ص ٧٩ ج ١- مسلم ص ٩٣ ج ١، حديث: ٩١- ابن حبان ص ٢٨٠ ج ١٢- حاكم ص ٧٨ ج ١، ترمذي ص ٣٠٦ مجمع الزوائد ص ٩٨ ج ١، ابن ماجه ص ٢٢ ج ١- مصنف ابن ابي شيبه ص ٣٢٩ج ٥، بزار، مسند شاشي، احمد، مسند ابي يعلي، شعب الايمان، الترغيب والترهيب

(2) سورة المرسلات آيت : ٢٠

www.maktabah.org

ڪيو ته سندس درد دور ٿي ويو. بادشاه پنهنجو وعدو پورو ڪرڻ چاهيو پر درويش قبول نه ڪيو. چيائين ته چا مون کي شرم نه ايندو جو پاڻيءَ جي هڪ ڪوزي جي توکان رقم وٺان؟ (يعني سڄي مملڪت جو ملهه پاڻيءَ جو هڪ ڪوزو آهي، پوءِ اها وٺي آئون چا ڪندس؟)

پڙ نقل آهي ته هڪ بادشاه هڪ درويش وٽ حاضر ٿيو. درويش ان جي ظاهري شان شوڪت ۽ عزت ڏانهن ڪو به ڌيان نه ڏنو. وزير چيو ته درويش! ڏسين نٿو ته بادشاه آيو آهي. ان جي عزت ۽ احترام نٿو ڪرين؟ چيائينس ته ان کي توکان وڌيڪ ڄاڻان ٿو. ڪنهي قطري مان ڄائو آهي ۽ پيشاب جي ٻن جاين مان نڪتو آهي. پيٽ ۾ ٻه ٽي ڪلو گندگي اٿس. جيڪڏهن بادشاه پنهنجو خير ۽ مملڪت جي ترقي گهري ٿو ته عدل ۽ احسان جي مقام تي پهچڻ جي ڪوشش ڪري ۽ مفسدن ۽ بد انديشن ۽ ظالمن کي پاڻ وٽ اچڻ نه ڏي، ورنه ٻنهي جهانن ۾ سندس زوال جو موجب ٿيندو. جيئن رسول الله ﷺ جن جي دعا آهي:

مَنْ اَمَرَ مِنْ اُمَّتِيْ شَيْئًا فَشَقَّ عَلَيْهِمْ فَاشْقُقْ عَلَيْهِ وَمَنْ وَلِيَ مِنْ اَمْرِ اُمَّتِيْ شَيْئًا فَرَفَقَ بِهِمْ فَارْفُقْ بِهِ (1)

[اي الله! جيڪو منهنجي امت جي ڪنهن معاملي جو والي ٿئي، پوءِ ان تي سختي ڪري ته تون به ان تي سختي ڪر ۽ جيڪر منهنجي امت جي ڪنهن معاملي جو والي ٿئي پوءِ ماڻهن تي مهرباني ڪري ته تون به مٿس مهرباني فرماءِ]

جيڪڏهن بادشاه جي مصاحبين، مشيرن ۽ انتظاميه ۾ اهڙا انسانيت دشمن عناصر هجن ته انهن کي بر طرف ڪري، پاڻ وٽان نڙي ڪيي. اهڙي قسم جا ماڻهو جيتوڻيڪ بظاهر دوستيءَ جي دعوي ڪندا آهن، مگر حقيقت ۾ دين،

---

(1) حديث جي الفاظن جي درستي لاءِ ڏسو: مسلم ص ۱۴۵۸ ج ۳ حديث: ۱۸۲۸، ابن حبان ص ۳۱۳ ج ۲- مسند ابي عوانه ص ۳۸۰ ج۴- نووي ص۲۱۲ ج۱۲ بيهقي السنن الكبري ص ۱۳۶ ج ۱۰- مسند احمد ص ۲۵۸ ج ۶- فتح الباري ص ۱۳۰ ج ۱۳- فيض القدير ص ۱۰۶ ج ۲- الاستيعاب ص ۱۴۱۴ج ۳، تهذيب الاسماء ص۲۳ ج۱- سبل السلام ص۱۹۱ ج۴، نيل الاوطار ص۴۷ ج۸- سير اعلام النبلاء ص۳۸ ج۳- الترغيب والترهيب ص۱۲۲ ج۳- البيان والتعريف ص۱۵۱ ج۱- مسند الشاميين ص۱۶۰ ج۲- المعجم الاوسط ص۱۷۳ ج۹

www.maktabah.org

ملڪ، قوم، سڀ جا دشمن هوندا آهن. بادشاه جي برائي اها آهي تہ ماڻهن تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪري، منجهن فتنو فساد پکيڙي، ملت جي نئين نسل کي گمراه ڪري، خانداني ۽ اجتماعي نظام کي چڙوچڙ ڪري ۽ علم ۽ اصلاح ڪرڻ وارا ماڻهو گهٽ ٿين، علم ۽ فضل جي بجاءِ جهل ۽ ظلم ترقي ڪري، ذليل، بيوقوف، چغل خور، فسادي ۽ ظالم ماڻهو بادشاه جا منظور نظر هجن. انهن کي وڏا وڏا عهدا ۽ نصيب ملن، سرڪاري خزانن جون چابيون انهن جي هٿن ۾ هجن جن جي ڪري، سماج ۾ خرابيون ۽ غلط رسم رواج زور وٺندا آهن، فخر ۽ وڏائي وارا دنياوي ڪم ٿيندا آهن، بيگناهن تي تهمتون لڳنديون آهن. انهن کان ناجائز ٽيڪس وصول ٿيندا آهن ۽ حقدارن کي سندن حق نہ ملندا آهن، دين جي علمبردارن ۽ بين مستحق ماڻهن تي معاش جا دروازا بند ٿيندا آهن. ملڪ جا گهڻ گهرا ۽ بهادر ماڻهو خيراتون پٺندا وٺندا آهن، ضرورتمندن کي بادشاه جي دربار کان پري ڌڪيو ويندو آهي. مظلومن ۽ مصيبت جي ماريلن جا ڏکوئيندڙ احوال بادشاه وٽ نہ پهچندا آهن، حقدارن جي بجاءِ نااهلن کي وظيفا، تمغا ۽ انعام ڏنا ويندا آهن، وظيفن تي گذارو ڪندڙن جو معاشي قتل عام ٿيندو آهي، حسد ۽ ساڙ جي ڪري اهل الله کي دور ڌڪيو ويندو آهي. اهڙي قسم جون برائيون ملڪ ۽ ملت جي تباهي، بربادي ۽ زوال جو موجب هوندیون آهن. بادشاه جا درباري، حواري ۽ سرڪاري عملدار هر هنڌ ظلم، فساد، فسق، فجور پکيڙيندا آهن، ماڻهن ۾ بي حيائي ۽ بي ديني ڦهلائيندا آهن. انهن کي دنيا جي خواري ۽ آخرت جي عذاب ۾ ڦاسائڻ جو موجب ٿيندا آهن، پوءِ جڳائي تہ هن کان اڳ جو پاڻي سر تان لنگهي وڃي ۽ گمراهي چوٽ تي چڙهي، دين، دنيا، حڪومت ۽ ملڪ جي انهن دشمنن تي ضابطو رکجي. شاهي ضابطن ذريعي انهن کان سرڪاري عهدن تان هٽائجي، جيڪي ماڻهو ذاتي حيثيت ۾ نيڪ هجن، انهن جون خدمتون حاصل ڪجن.

بيت

دشمنان دين و دنيا خويش را
نيست گردان تا كند دولت بقا

[دين ۽ دنيا جي دشمنن کي نيست نابود ڪر تان تہ حڪومت ۽ سلطنت کي بقا حاصل ٿئي.]

www.maktabah.org

بادشاه دل وانگر ۽ وزير عقل وانگر آهي

اي منهنجا عزيز! دنيا ۾ بادشاه دل وانگر آهي. بادشاه ذريعي ماڻهن جي صلاح ۽ فلاح ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن اهو پاڻ فساد ڪندو ته هر هنڌ فساد پکڙجي ويندو. بادشاه جو وزير ائين آهي جيئن، انساني عقل. ان ڪري دل کي عقل جو تابع ڪرڻ ضروري آهي. ته جيئن ان جي مشوري سان ملڪ ۾ عمل دخل ڪري ۽ بدن جي انفرادي ۽ اجتماعي مصلحتن جي حفاظت ڪري. بادشاه کي اهڙو وزير گهرجي، جيڪو ڪامل، عامل، عالم، عادل، فاضل، حق باطل ۾ فرق ڪندڙ امانتدار دنيا ڏٺل، تجربيڪار همت وارو راءِ رکندڙ مدبر دين سان مخلص، چڱي اخلاق وارو اعتقاد جو سچو، مهربان خصلت هجي، جنهن سان دين ۽ دنيا جي ڪمن ۾ مشورو ڪري، حڪومتي اهلڪارن، عملدارن، اميرن، ڪبيرن ۽ رعيت جي باري ۾ ان سان رابطو رکي، اهڙين صفتن وارو وزير خود ملڪ، ملت ۽ حڪومت ۾ هر دلعزيز ۽ محبوب هوندو آهي. جيڪڏهن وزير ۾ اهڙيون خاصيتون ۽ خصلتون هونديون ته بادشاه سهڻي نموني مملڪت جو انتظام هلائي سگهندو. چاڪاڻ ته عادل بادشاه ۽ ڪامل وزير کي قرآن ۾ جاڙا پائر چئي ٿو. ان کي "نعم الوزير" ۾ فرمايو ويو آهي يعني امير کهڙو نه چڱو ۽ وزير کهڙو نه چڱو آهي. جڏهن الله تعالي گهرندو آهي ته بادشاه سان پلائي ڪري ته ان کي عادلانه نظام تي هلڻ سان گڏو گڏ صالح وزير عنايت فرمائيندو آهي. نبي ﷺ جن فرمائين ٿا ته:

مَنْ وَلِيَ مِنْكُمْ عَمَلًا فَأَرَادَ اللهُ بِهِ خَيْرًا جَعَلَ لَهُ وَزِيرًا صَالِحًا إِنْ نَسِيَ ذَكَّرَهُ وَإِنْ ذَكَرَ أَعَانَهُ (1)

[جڏهن الله تعالي ڪنهن والي يا بادشاه سان پلائيءَ جو ارادو

---

(1) قرطبي ص ۱۹۳ ج ۱۱، بيهقي السنن الكبري ص ۱۱۱ ج ۱۰، نسائي ۱۵۹ ج ۷، المعجم الاوسط ص ۲۹۴ ج ۴، شعب الايمان ص ۲۷ ج ٦، الترغيب والترهيب ص ۱۵۴ ج ۳، فتح الباري ص ۱۸۱ ج ۱۳، عون المعبود ۱۰۷ج۸، تحفة الاحوذي ص۳۲ ج۷، تاريخ بغداد ص۳۷٦ ج۷.

www.maktabah.org